# دل جو شهر

## راشد مورائي

کمپوزنگ: احمد خان پرڙي
غلام مرتضیٰ پرڙي بدين

وائيس آف سنڌ اي بُڪ پبلشر
www.voiceofsindh.net | voiceofsindh12@yahoo.com
Contact: 0332-3895458

پنهنجي والد محترم

# سيد سعيد علي شاه خادم

جي نالي، جنهن جي شفقت ۽ صحبت ۾

ٿي شاعري نصيب.

ــــ راشد مورائي

مُنهنجي خوابن جا شهزادا!
دِل جو شهر گهمايان توکي.

# پـہ اکر

سائين راشد مورائي، سنڌ جي ادبي دنيا جو اهو روشن ستارو آهي،جنهن ذات جي ڏيهہ ۾ ”مان باغي هان مان باغي هان“ ، ”ضمير چهنڊڙيون هنيون“، ”هن قوم جي ڪن ڪن ڳالهين تي جي ڏيندو آهيان ڪن، پڇرندو منهنجو آهي من!“ سميت سوين اهڙا شعر تخليق ڪيا آهن، جن جي شعري پختگي، رواني، ۽ خود سائينءَ جي پڙهڻ جو انداز ٻڌڻ سان ڏاڍو حز حاصل ٿيندو. اهڙي قومي شعر جي هن شعري مجموعي ڪي ڇپائڻ جي سعادت حاصل ڪندي مون ڪي تمام گهڻي خوشي حاصل ٿي رهي آهي.

سائين راشد مورائي نہ رڳو اعليٰ پائي جو شاعر آهي پر هڪ اهڙو عظيم انسان آهي جنهن سنڌ جي سوين نوجوانن ڪي زندگيءَ سان منهن مقابل ٿيڻ جو ڏڳ پئي ڏسيو آهي. مون ناچيز تي سندس جيڪي بہ نوازشون رهيون آهن، اهي لاهڻ ڪان تہ ڳريون آهن پر انهن ڪي ڳائڻ پنهنجو فرض سمجهان ٿو. مون ڪجهہ عرصو اڳ جڏهن المهراڻ فائونڊيشن نالي ادارو قائم ڪري ٻين ڪمن سان گڏ ڪتابن ڇپائڻ جي شروعات ڪئي تڏهن اهو سوچيو هيم تہ پهريون ڪتاب پنهنجي محسن سائين راشد جو ئي ڇپائيندس ليڪن ائين نہ ڪري سگهيس. ۽ پهريون ڪتاب حُر تحريڪ جي مشهور ليکڪ ملهار فقير خاصخيلي جو لکيل ”تاريخ حُريت سنڌ“ جيڪو سائين الهورائي اداسي جي خاص مهربانيءَ سان ڪمپوز ٿيل مليو اهو ڇپايم.

پنهنجي ڪجهہ ڪوتاهين سبب سائين راشد جي هن شعري مجموعي ڪي آڻڻ ۾ بہ دير ٿي وئي آهي. بهرحال ”دير آيد درست آيد“ جي مصداق سندس شاعريءَ جي هن مجموعي ”دل جو شهر“ جو ٻيو ڇاپو ڇپائي پاڻ ڪي ڏاڍو هلڪو محسوس ڪيان ٿو. منهنجي اها ڪوشش رهندي تہ سنڌ واسين ڪي اهڙيون ڪاوشون پهچائجن جن جي پڙهڻ سان قومي سوچ نہ رڳو پختي ٿئي پر ان لاءِ لوچ ۽ پوچ بہ ٿئي. اوهان جي مثبت راين ۽ رڌن جو انتظار رهندو.

**عاجز منگي**
**چيئرمين**
**المهراڻ فائونڊيشن، سانگهڙ**

# راشد مورائي- انسان دوست شاعر:

**راشد مورائي**، منهنجو دوست، منهنجو ساٿي، منهنجو همسفر، منهنجو من پسند شاعر آهي.مون راشد جي شخصيت، فن ۽ ان جي فڪر جي تمام ويجهو مطالعو ڪيو آهي. هن شاعر جي فڪر جي پختگي ۽ ان جي فن جي ارتقا ۾ جيڪي لاها چاڙها، گهٽيون گهيڙ، مرحلا ۽ مقام آيا، آئون انهن سيني کان واقف آهيان. ساڻس منهنجي فطري هم آهنگيءَ ڪان سواءِ هڪ ٻي اهڙي ڪشش هئي، جنهن مون ڪي هن سچاڻ شاعر ڪان بيحد متاثر ڪيو آهي ۽ اُهو آهي سندس صوفياڻو مزاج -! راشد هڪ اهڙي گهر ۾ جنم ورتو آهي، جتي اڄا اجرا، پاڪ ۽ پوتر روح هئا. راشد جو والد بزرگوار هڪ سچو، سپيتو صوفي هو ۽ صوفين جون دليون هر طرح جي ڪدورت، ڪيني، بغض ۽ مير مديءَ ڪان پاڪ هونديون آهن. راشد جي سرشت ۽ طبيعت تي ان ماحول، تربيت ۽ وسيع فڪر جو اثر ائين جرڪي رهيو آهي، جيئن صاف ۽ شفاف آئيني تي چنڊ جو اولڙو ۽ عڪس جرڪندو نظر ايندو آهي. محبت، پيار، انسانيت جو احترام ۽ ”سڪ رمز وجود وڄاوڻ ديءِ، نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي.!“ صوفين جو دين ڌرم ۽ بنيادي متو آهي. جيتوڻيڪ ورهين کان راشد انهيءَ ماحول مان ٻاهر نڪري، علم فن ۽ فڪر جي ڪليل فضا ۾ تجربي تي تجربا حاصل ڪندو رهيو آهي، پر ڪڏهن به انهيءَ بنيادي عقيدي تان سندس ايمان ۾ لغزش نه اچي سگهي آهي. هو پاڻ انهيءَ عقيدي تي اٽل ويساھ جو اظهار هنن لفظن ۾ ٿو ڪري:

فتويٰ نه ڏيو، ڪافر نه چئو، مومن ڪي ميان منڪر نه سڏيو،
سچ پچ ته اسان جو سونهن مٿي ايمان سلامت آھ اجا.

پهريون ڀيرو جڏهن راشد هڪ ادبي ڳڏجاڻيءَ ۾ اسان ڪي اِهو شعر ٻڌايو ته ڪيتريءَ دير تائين مان انهيءَ شعر جي تاثر ۾ ٻڏل رهيس ۽ منهنجي ذهن تي مصري شاھ جي هيءَ عارفاڻي سِٽ سِرجي آئي ته:

”عشق سچوئي اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ.!“

سچ پچ ته راشد جي پنهنجي زندگي به محبت واري مذهب جو ڪامل نمونو آهي ۽ سندس پيشانيءَ تي سونهن مٿي ايمان ۽ عرفان جو اِهو نور ۽ جوت ۽ جمال ئي ڪيس پنهنجي سمورن ساٿين ۽ رفيقن ۾ هر دلعزيز بنائڻ جو ڪارڻ آهي--- ۽ جڏهن منهنجي دل تي ڪو بوجهه ۽ ذهن تي مونجهه تري ايندي آهي ته هن انقلابي، صوفي ۽ سماج جي غلط ريتن، رسمن، بندڻن ۽ بندشن کان باغي شاعر سان سور سلي پنهنجي اجايل روح ڪي تسڪين ڏيندو آهيان.

راشد سان منهنجي پهرين ملاقات، 14 جون 1967ع تي منهنجي هڪ دوست علي گل عباسيءَ جي معرفت ٿي ۽ ان ڏينهن کان اڄ تائين ساڻس روحاني تعلق قائم آهي. ان وقت مون ڪي راشد جهڙن باضمير، حساس ۽ انسان دوست ساٿين جي تلاش هئي. مون بقول شمشير جي ’راشد جوپيچو ڪيو‘ ۽ اڄا تائين سندس پيڇو ڪندو ٿو رهان. هن جي آواز ڪي سمجهڻ، پروڙڻ، پرکڻ ۽ پرجهڻ جي ڪوشش ڪندو ٿو رهان. هن جي ڪوتا منهنجي دل جي ترجمان آهي. هن جي شاعري منهنجن

احساسن، اڌمن، جذبن ۽ جولانن جي لفظي عڪاسي آهي. مون کي سندس ڪلام ۾ نه رڳو فني پختگي ۽ رواني نظر ٿي اچي، پر سندس ڪلام ۾ ڌرتيءَ جو درد ، زندگيءَ جي مسئلن ۽ مونجهارن جي پيڙا، سونهن ۽ سچائي جي سرهاڻ، امن ۽ ايڪتا جي بي لوث تڙپ، انسانيت سان پيار، وطن سان بي انتها محبت ۽ پورهيت سان پنهنجائپ جي مقصد جو روح به شامل آهي ـ ۽ مان صاف لفظن ۾ ۽ نهايت ڪليءَ دل سان اهو به چوندس ته راشد اسان جو جوڙ ۽ اسان جي سٿ جو هوندي به اسان کان ڪن ڳالهين ۾ اڳرو آهي. جيتوڻيڪ منهنجي شاعريءَ جي عمر، راشد جي شاعريءَ جي عمر کان ڪجهه سال وڌيڪ آهي. راشد 1957ع کان مستقل طور ۽ مسلسل لکندو پيو اچي. اهو دور سنڌي ادب لاءِ سخت آزمائش ۽ امتحان جو دور هو. پاڪستان جي نقشي تان سنڌ جو نانءُ مٽائي (خاڪم بدهن) سنڌي ادب تي ڌاڙ، ڌهڪاءَ، دهشت ۽ دٻاءَ واروظالمانه طريقو مسلط ڪيو ويو هو. هيءُ اُهو وقت هو، جڏهن وڏا وڏا استاد الشعراءَ به مصلحتن جي آڏو سر تسليمِ خم ڪري، چپن تي چُپ لائي، پنڊ پهڻ بنجي ويا هئا. "چشم بندو لب به بندو گوش بند!" سنڌ جي حساس، با ضمير، ترقي پسند ۽ محب وطن دانشورن لاءِ اهو دور سخت گهٽ، ٻوسٽ، اضطراب، بي يقينيءَ جي ڪيفيت جو دور هو. ذهنن تي زنجير ويڙيا ويا، سوچون صليبن تي رقصان هيون، سڄو تخليقي ادب سخت ڪان سخت پهرن هيٺ پلجي رهيو هو. هن سڪوت ۽ سناٽي ڪي سنڌ جي محب وطن شاعر اياز جي سرمستي صدائن ٽوڙيو، اياز ڪان سواءِ حيدربخش جتوئي، نياز همايوني، عبدالڪريم گدائي، تنوير، شمشير ۽ ٻين هڪ نئين ۽ ڀرپور عزم ۽ اتساهه سان اڳتي وڌيا ته موت هٿان مات ڪاڏل زندگيءَ ۾ حرڪت اچي ويئي. سنڌوءَ اٿل ڪاڏي، وستيءَ وستيءَ، واهڻ واهڻ اميدن جا نوان گونچ ڦلاريا. اياز هن سناٽي ۾ جو صور ڦوڪيو، سچ پچ ته اسين سڀ ان جو پڙاڏو آهيون. ادب جا اقدار بدليا، تخليق جا موضوع ۽ ڪردار بدليا، فڪر جو انداز بدليو، گل ۽ بلبل--- عارض ۽ گيسو، جام ۽ مينا جون علامتون هميشه هميشه لاءِ سنڌي شاعريءَ مان نڪري ويون --- ڌرتي، انسان، پورهيت ۽ انسانيت سنڌي شاعريءَ جا موضوع بنجي ويا. اوچتو نوان آواز اڀريا، اهي آواز الهامي آواز نه هئا، پر ڌرتيءَ جي پاتال مان اڀري آيل لهرون هيون--- چوليءَ چوليءَ جو پنهنجو چوهه ۽ لهر لهر جي پنهنجي لئي هئي. راشد جي شاعري به ان ڪاريءَ رات جي رئي تي آس ۽ اميد جي جرڪندڙ ستارن منجهان هئي. راشد جي شاعريءَ جي شروعات به حسن مجازيءَ کان ٿي ۽ ان جي انتها هن ڌرتيءَ جي محبت ۾ فنائيت تي ٿي آهي:

جهڙو نقشو سنڌ جو، تهڙي تنهنجي سونهن،
منهنجي روح ورونهن، ڏسڻ پسڻ ٻنهي کي.

راشد ۽ استاد بخاري، جيتوڻيڪ اسان جي سٿ جا شاعر آهن، پر انهن ۾ هڪ اهڙي خوبي آهي، جنهن سبب هو اسان سڀني کان سَرها آهن ۽ اُها آهي لکڻ ۾ سندن مستقل مزاجي---! مون ڏٺو آهي ته اسان جي رفيقن مان اهي به شاعر تمام گهٽو ٿا لکن. حالتون کهڙيون به هجن، انهن جي سدابهار سوچن تي اسان ڪڏهن به اداسي ڇانيل نه ڏٺي. هي لڳاتار لکندا ٿا رهن. لکڻ، هنن جي روحاني غذا بنجي چڪو آهي. لکڻ، هنن جي جبلت آهي، لکڻ، هنن جي زندگي بنجي چڪو آهي. الائي ڇو؟ ڏات هنن کان ڪڏهن به رُسي نٿي؟ هنن ڏات کي ڪي اهڙا ته ڏانوڻ وجهي سوگهو ڪري ڇڏيو آهي، جو جڏهن چاهين، لکي سگهن ٿا. شاعريءَ جي اها پالوٺ اسان پنهنجي سانپر ۾ فقط انهن ٻن شاعرن تي ڏٺي. 'راشد' جو هيءُ مجموعه ڪلام سندس سڄي شاعريءَ جو جزو مس آهي. سندس بهترين ڪلام سندس انقلابي شاعري ۽ اهي نظم، جن راشد کي هند - سنڌ ۾ مشهور ڪيو آهي ۽ نون توڙي پراڻن اديبن، شاعرن ۽ نقادن کان دل کولي داد ورتو آهي، سي هن مختصر مجموعي جي زينت بنجي نه سگهيا آهن. هن مجموعي ۾ لکيل مواد جو گهڻو حصو سندس شروعاتي ڪلام تي مشتمل آهي.

جيتوڻيڪ انهيءَ ۾ ڪافي شيون پوءِ جون بہ آيل آهن. هي مواد اسان کي هن شاعر جي ذهني ارتقا، سندس سوچ ۽ ادب ۾ سندس نظرياتي وابستگيءَ جي تسلسل جي نشاندهي ٿو ڪري. 'راشد' ڪلا کيتر ۾ پنهنجي جگر جو رت ڏيئي، تخليق ۽ فن جا جيڪي سدابهار ٻوٽا لڳايا آهن؛ هي مجموعو ان جي لڳاتار ۽ اڻ ٿڪ پورهيئي جو نچوڙ آهي.

پوکي پوکي جس هجيئي، برپٽ ڪيئي باغ،
محنت جو ڦل آهي مالهي! ساوڪ ۽ سرهاڻ!

پنهنجي پورهئي جي ڦل تي سندس اٽل ويساه جو اظهار هيئن ڪيو اٿس:

ڦل منهنجي محنت جو منهنجي پونير کي مليو تہ بہ ٺيڪ ٿيو؛
مون پنهنجي حياتيءَ منجهہ ڏٺو، ميوو نہ سهي ڪو ٻور سهي!

زندگيءَ جي اداس ۽ تاريڪ راهن تي هو هڪ سچي پورهيت وانگر محبت، وفا، اخلاص، سچائيءَ ۽ سونهن جا سرها سرها ٻوٽا سجائيندو رهيو. هن ڌرتيءَ کي جنت بنائڻ جي عشق ۾، بهتر کان بهتر جي تلاش ۾---! هو هميشہ اڳتي وڌندو رهيو آهي. انهيءَ عزم ۽ اتساه سان تہ:

ڏئي سر حسن تي ساٿي! سلامت سونهن کي رکبو،
اسان جي عشق تي آ حيف، جي سهڻن جو دم گهٽجي!

جيئن داٽو ڌرتيءَ ۾ جذب ٿي ۽ پاڻ مٽائي گل و گلزار بنبو آهي ـــ راشد انهيءَ جنت جي تخليق جي عشق ۾ 'سڪ رمز وجود وڃاوڻ دي' جو قائل آهي:

ٻنيءَ ۾ اَنَ ٻيجيءَ جيان، اچو پکڙي پئون راشد!
پڙن جاندہ جي ڳورن ۾، پيو داڻن جو دم گهٽجي!

مقصد جي راه ۾ اها فنائيت، مقصد سان عشق جي انتها آهي. هو پنهنجي منزل جي تلاش ۾ هن راه جا سڀ ڪنڊا هٽائيندو، دنيا و مافيها کان بيخبر، پنهنجيءَ ڌن ۾ مست جهومندو جهومندو اڳتي وڌندو رهيو آهي. هو پنهنجي آئيڊيل مقصد سان هيئن مخاطب آهي:

مان گلڙن خاطر ڪنڊن جو ويندس اي سڄڻ ! سڀ سور سهي،
يادن جي سهاري جيئندس پيو، ويجهو نہ سهي تون ڏور سهي !

بيداد نگر ۾ داد گهري، مان ٻهرن کان ڇو ٻير گهران؟
مان تاريڪين ۾ ٽاٽيل هان، گهر تنهنجو روشن نور سهي!

دنيا جي خبر آ، منهجو قدر هوءَ ڪونہ ڪندي، پر پوءِ بہ صبر،
مون عشق ڪيو انسانيت سان، صدمن کان چڪناچور سهي!

ڪيس يقين آهي تہ جن ماڻهن لاءِ هو سوچي ۽ لوچي ٿو، هڪ ڏينهن سندس ڪلام انهن جي دلين جي ڌڙڪنن جو آواز بنجي ويندو:

ڪو دانشور جي دوست نہ ٿيو، ڪو ميت مفڪر ڪين مليو،
ڪو شاعر ساٿي ڪين بڻيو، هاري ئي سهي، مزدور سهي!

ڪنهن پورهيت مون کي پيار ڏني، پنهنجو سمجهيو تہ خوشي ٿيندي،
پل زاهد نـفـرت ڏاري ۽ واعظ بہ بہ وجي وهلور سـهـي.

"ڪنهن پورهيت مونکي پيار ڏني، پنهنجو سمجهيو تہ خوشي ٿيندي"

اهو شعور، اهو فڪر، اها ساڃهہ، اهو جذبو ۽ جنون، اها پيڙ، جهد ۽ جاڪوڙ، مان سمجهان ٿو راشد جي نظرياتي، فني ۽ تخليقي ارتقا جو محرڪ آهي. اهو روح آهي راشد جي ان پيغام جو، جو هو اسان کي ڏيڻ چاهي ٿو. راشد جي هن پورهئي کي انهيءَ ئي سگهاري سوچ جي پس منظر ۾ پرکڻ گهرجي. راشد جو هيءُ ڪلام هڪ اهڙي وقت روشنيءَ جي لاٽ بنجي پڙهندڙن جي آڏو اچي رهيو آهي، جڏهن 'ادب جي غير نظرياتي' هئڻ جي وڪالت زور ۽ شور سان جاري آهي. اڄ سنڌ جو هر ننڍو ۽ وڏو اديب، پنهنجو پاڻ کي سارتر جو روحاني وارث ۽ جانشـين سڏائڻ ۾ فخـــر محسوس ڪري رهيو آهي--- اها مهم ۽ اها پرچارڪ هڪ وڏي پلاننگ سـان سـنڌي ادب ۾ جاري آهي--- وڏن شهرن کان ننڍن شهرن تائين اهو زهر پکيڙيو پيو وڃي تہ اديب لاءِ ڪنهن بہ نظرئي سان وابستگي ضروري ناهي. اخبارن جا ادبي صفحا، ڪتابي سلسلا ۽ مختلف اديبن سان ملهائجندڙ شامن جا اسٽيج، مري ويل ڪن اديبن جي روحن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ لڪيل تعزيتي ليڪ ۽ انهن جي ياد ۾ گهرايل تعزيتي گڏجاڻيون شاهد آهن تہ ڪيڏي نہ پلاننگ سان سارتر جي وجوديت واري فلسفي جي نانءَ تي سنڌي ادب ۾ فراريت جي پنيرائي جي پرچار ڪئي پئي وڃي! سنڌي ادب ۾ 'ادب براءِ زندگيءَ' جي ٻاريل نظرياتي لاٽ، ناموافق حالتن جي سهڪار ۽ سامراجي ذهنن جي پنيرائيءَ سبب هڪ دفعو وري 'ادب براءِ ادب' جي اٿاريل طوفان جي زد ۾ آهي! سنڌي ادب ۾ اهو نئون رجحان ادب ۾ ترقي پسند نظرئي جي بجاءِ، جدت ۽ نواڻ جي نانءَ تي ڪر کڻي رهيو آهي. سنڌي ادب ۾ اهو رجحان تڏهن کان وني آيو آهي، جڏهن کان اسان جي ڪن لکيل پڙهيل ۽ باشعور دانشورن پنهنجو پاڻ کي عوام کان ڪٽي، انهن جي مسئلن کان منهن موڙي، پنهنجي خيالي خول جي قيدخاني ۾ پنهنجو پاڻ کي بند رکي ڇڏيو. اديب جڏهن پنهنجو پاڻ کي ڪجهہ وڌيڪ فلسفي سمجهي، پنهنجي فڪر کي پورهيت جي سگهارن هٿن جي پورهئي سان منسلڪ ڪرڻ جي بجاءِ، پاڻ کي ڪجهہ مٿانهون سمجهڻ لڳندو آهي، تڏهن نواڻ جي نانءَ تي هر اها بڪواس، جا ڪنهن جي بہ سمجهہ ۾ نہ اچي سگهي، سا وٽس اعليٰ تخليق ۽ ابدي ادب بنجي ويندي آهي. شيخ اياز جي لفظن ۾:

"ڪوڙهئي سماج جو روح بہ ڪوڙهيو ٿيندو آهي.جو اديب،
زندگيءَ جي ڏاڍ ۽ ڏمر کان منهن موڙي، اهو ڪانئر ۽ ڪميڻو
آهي. هو پنهنجي فرار جي باوجود ادب تخليق تہ ڪري ٿو،
باقي وٽس آهي ٽڪي جو ٽامون! سرجڻهار جوني جڳ سان دل
نہ بهلائيندو آهي. فراري ادب، زندگيءَ جي ڪاري ڪوهہ ۾ ڪوڙ
جي ڪنگري آهي، جنهن ۾ وسوڙل آب حيات تلاش ڪن ٿا. اهڙو

ڪو اديب ناهي، جو دلي طرح مادي زندگيءَ ڪي اهميت نہ ڏيندو
هجي، پر مادي زندگيءَ لاءِ انقلاب جي ڪوشش ڳيروءَ جي راند
ناهيءِ سسي نيزي پاند اچلائڻ هر ڪنهن جي وس ۾ نہ آهي.“

اهوئي سبب آهي جو 1936ع ۾ هندستان جي ترقي پسند مصنفين، اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن جي پهرين ڪانفرنس جي صدارتي خطبي ۾، برک اديب منشي پريم چند، ادب جي ترقي پسند قدرن جي وضاحت ڪندي چيو هو تہ:

”اسان جي ڪسوٽيءَ تي اهوئي ادب، سچو ادب آهي، جنهن ۾ تفڪر،
آزاديءَ جو جذبو، حسن جو جوهر، تعمير جو روح ۽ زندگيءَ جي حقيقتن
جي روشني هجي؛ جو ادب اسان ۾ حرڪت، هنگامو ۽بيچيني پيدا ڪري،
نہ اسان کي وڌيڪ سمهاري.“

اياز جنهن جوئي جڳ جي نشاندهي ڪئي هئي، ان مان سندس مراد يقيناً اديب جي غير جانبداري ۽ غير نظرياتي وابستگيءَ واري اُها خيالي دنيا آهي، جنهن جي انتاري کوليءَ ۾ هو پنهنجو پاڻ کي انسانيت، زندگيءَ ۽ زندگيءَ جي چڪتاڻ کان ڪٽي، هٿوراڙيون هڻي رهيو آهي. مها ڪوي ٽيگور ورهين جا ورهيہ انهيءَ خيالي خول ۾ پاڻ کي بند رکي جا گهٽ ۽ ٻوسٽ محسوس ڪئي، ان جو اظهار انهيءَ ئي ڪانفرنس ڏانهن موڪليل سندس هن پيغام مان ٿئي ٿو:

عوام کان ڪٽجي اسين اوپرا بنجي ويندا‌سين. اديبن کي انسانن ۾
رهي، انهن کي سمجهڻو آهي. مون وانگر زندگيءَ جي مسئلن جي
چڪتاڻ کان ڪنڌ پاسائتو رهڻ مان ڪجهہ بہ نہ ورندو. مون هڪ
عرصي تائين سماج کان ڪٽجي جيڪا رياضت ڪئي آهي، هاڻ
مون تي ان جي غلط هجڻ جيسمجهہ اچي ويئي آهي ۽ اهوئي سبب آهي
جو مان نصيحت ٿو ڪريان تہ اوهين بہ ايئن نہ ڪجو. منهنجي شعور
مون کي هن نتيجي تي پهچايو آهي تہ سماج ۽ انسانيت سان محبت
ڪندا رهو. جيڪڏهن ادب انسانيت سان هم آهنگ نہ ٿيندو تہ ڪامياب نہ
ويندو ۽ نہ پنهنجو مقصد ماڻي سگهندو. اها حقيقت (سچائي) منهنجي دل ۾
سچ جي ازلي جوت وانگر جرڪي رهي آهي ۽ انهيءَ کي ڪوبہ دليل وسائي نٿو سگهي.“

ان بيان ۾ اڳتي هلي مهاڪوي ٽيگور ادب جو صحيح ڪارج هيئن ٿو بيان ڪري:

”اڄ اسان جو ملڪ هڪ ويران رڻ پٽ آهي. جنهن ۾ شادابي ۽ زندگيءَ جو ڪوبہ نالو نشان ڪونهي. ملڪ جو ذرو ذرو دک درد جي تصوير بنيل آهي. اسان کي کپي تہ هن غم ۽ اندوهہ کي مٽائي، زندگيءَ جي چمن جي نئين سر آبياري ڪريون. اديب جو فرض هئڻ گهرجي تہ هو ملڪ ۽ قوم ۾ نئين زندگيءَ جو روح ڦوڪي. سجاڳيءَ جا جوشيلا گيت ڳائي. هر انسان کي اميد ۽ مسرت جا سنيها سڻائي ۽ ڪنهن کي بہ نااميد ۽ ويچارو ٿيڻ نہ ڇڏي. ملڪ ۽ قوم جي ڀلائيءَ کي ذاتي مفاد

تي ترجيح ڏيڻ جو جذبو هر نندي ۽ وڏي ۾ پيدا ڪرڻ، اديب جو فرض آهي. قوم، سماج ۽ ادب جي بهبوديءَ جو قسم، جيستائين هر انسان نہ کڻندو، تيسين دنيا جو مستقبل روشن ٿي نٿو سگهي.“

مها ڪوي ٽيگور جي مٿئين اقتباس مان واضح ٿي اچي ٿو تہ ادب ۾ غير جانبداري ۽ غير نظرياتي وابستگيءَ جو نظريو، سراسر بڪواس آهي. ڇو تہ زندگيءَ جي هن ٻہ- واٽي تي، جتي ٻہ نظريا، ٻہ مختلف طاقتون، سڌي يا اڻ سڌيءَ طور تي هڪ ٻئي سان آمهون سامهون جنگ ۾ رڌل آهن. هڪ راهہ ڌاڙ، ڌمر، ڌهڪاءَ، جبر- استحصال، پر ماريت ۽ استبداد جي راهہ آهي ۽ ٻي راهہ امن، آسودگيءَ ۽ آزاديءَ جي مسرتن ڀري منزل ڏانهن وٺي ويندڙ آهي. هڪ راهہ سماجي تباهيءَ ۽ برباديءَ جي راهہ آهي، ٻي راهہ انسان ذات جي ڀلائيءَ، خوشحاليءَ ۽ آسودگيءَ جي راهہ آهي، هڪ راهہ پيڙيندڙ طبقي جي راهہ آهي ۽ ٻي راهہ ڏانهن قدم قدم تي مظلوم، محڪوم ۽ پيڙيل طبقي جي پيڙ پڪاري آهي؛ ان ٻہ واٽي تي زندگيءَ سان وفادار ۽ قلم جي سچي سپيتي سپاهيءَ کي پاڻ لاءِ هيءُ فيصلو ڪرڻو پوندو تہ هو انهن ٻنهي متضاد ۽ مخالف طاقتن ۽ قوتن مان ڪنهن جو ساٿ ڏئي ٿو؟ هن جي تخليق جا ڪردار ڪير آهن؟ ۽ هو انهن کي ڪهڙي ساڃاهہ ۽ شعور ڏئي ٿو؟ ظاهر آهي تہ انفرادي طور تي مان ڪابہ شيءِ ناهيان. منهنجو هر عمل، هر سوچ ۽ ويچار ڪنهن نہ ڪنهن طبقي سان لاڳاپيل آهي ۽ منهنجو شعور ڪنهن نہ ڪنهن لاڙي ڏانهن رهنمائي ڪندو هوندو! مون کي اهو فيصلو ڪرڻو پوندو تہ منهنجون همدرديون، منهنجو ساٿ ۽ سهڪار، انهن ٻن راهن تي ويندڙ قافلن مان ڪهڙي قافلي سان آهي؟ محض ائين چئي مان جند ڇڏائي نٿو سگهان تہ ’منهنجو ڪوبہ نظريو ناهي!‘ يا زندگيءَ جي ڇڪتاڻ ۾ منهنجو ڪنهن بہ ڌر سان واسطو ناهي، مان غيرجانبدار آهيان يا انهيءَ سڄيءَ ڇڪتاڻ کي وهم/ خواب خيال ۽ فريب نظر سمجهي، نظرانداز ڪري ڇڏيان: ائين بہ تہ منهنجو عمل سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح سان ڪنهن نہ ڪنهن لاڙي جي ترجماني ڪري ٿو. غيرجانبداري دوکو آهي، فراڊ آهي، فرار آهي، منافقي آهي ۽ اها منافقي سڌيءَ طرح استحصالي طبقي جي حق ۾ وڃي ٿي. سنڌ جي فراريت پسند اديبن کي ياد رکي ڇڏڻ گهرجي تہ سندن هر سوچ، هر عمل، هر قدم، سندن قلم ۽ قلمي ڪاوشون، وقت جي ڪسوٽيءَ تي پرکجن پيون ۽ وقت هڪ اهڙو منصف آهي، جو ڪنهن جي بہ ڪاڻ نہ ڪيندو آهي.

اها هڪ لازمي ڳالهہ آهي تہ جو اديب تاريخ جي ارتقائي فلسفي ۽ وهڪري کي شعوري طور تي سمجهي ٿو ۽ سماج ۾ نت نون ايرندڙ تضادن تي جنهن جي ڪرڙي نظر آهي، ساڳئي وقت، جو اديب پنهنجو پاڻ کي هن ڇڪتاڻ واري ماحول ۾، انسانيت جي اجتماعي ضمير آڏو جوبدار ٿو سمجهي، ان جون لکڻيون، ان جي سوچ ۽ ان جي عمل، ان جو قلم توڙي قدم، پيڙل طبقي يا پيڙيل قوم جي اجتماعي جدوجهد سان ضرور لاڳاپيل ۽ ڳانڍاپيل هجي، ڇو تہ هو پنهنجي طبقي جي لحاظ سان انهن جو ئي ترجمان آهي. ادب پورهيت جي پيڙا جي ترجماني ڪري تہ اديب ۽ پورهيت عوام مان وڇوٽي ختم ٿي وڃي. جڳ مشهور ۽ دنيا جي نامياري انقلابي اديب ميڪسم گورڪيءَ جي لفظن ۾ تہ:

”انسان جي سماجي ۽ تهذيبي ارتقا صرف انهيءَ صورت ۾ ئي صحيح
سالم رهي سگهندي، جڏهن هٿ (پورهيت عوام)، دماغ (پورهيت، فلسفو)
جي تربيت ڪندڙ هجن ۽ سڪيا پاتل دماغ هٿن جي تربيت ڪن ۽ اجا بہ
وڌيڪ سکيا حاصل ڪيل هٿ، چڱيءَ طرح دماغ جي تربيت ڪن.
پورهيت انسانن جي تهذيبي ترقيءَ جو اهو صحتمند ۽ معمولي عمل

**جڏهن اڳئين زماني ۾ رکجي ويو ۽ دماغ هٿن کان جدا ٿي ويا، سوچ ڌرتيءَ کان ڇڄي ڌار ٿي ويئي، تڏهن پورهيتن منجهان ڪي برک ڏاها پيدا ٿيا، جي ماڻهن کي دنيا ۽ فڪر جي ارتقا جا اصول مجرد (محض تصوراتي) ۽ هوائي طريقن سان سمجهائڻ لڳا.“**

هٿ ۽ دماغ جي انهي لطيف ربط، تسلسل، اٽوٽ ڳانڍاپي ۽ مقدس رشتي جو عملي نمونو اسان کي چليءَ جي مشهور انقلابي شاعر پبلونرودا جي هن شاهڪار تخيل مان ملي ٿو، جنهن ۾ شاعر پنهنجو پاڻ کي عوام جي وچ ۾ بيهاري، پنهنجي سڃاڻپ هيئن ٿو ڪرائي:

”مان اوهان سان ملي هڪ ٿي ويو هان،
مان مٽيءَ جو اهو ذرڙو هان، جيڪو توهين آهيو.

مان اهو اٺو،
۽ اهو گيت آهيان، جيڪو توهين آهيو.
مان اهو فطري ضمير آهيان،
جنهن کي خبر آهي ته اهو ڪٿان آيو آهي ۽ ڪيڏانهن ويندو!
مان ڪا ڏور وڇندڙ گهنٽي ناهيان،
نه وري ڌرتيءَ ۾ دفن ٿيل ڪو اهڙو هيرو،
جنهن جي چنڊچاڻ نه ڪري سگهجي!
مان عوام آهيان.
مان لڪل دروازو آهيان.
ڪاري سڙيل ماني آهيان.
۽ جڏهن اوهين منهنجو آڌرڀاءُ ڪيو ٿا،
چڻ ته پاڻ کي ئي ٿا مان ڏيو.
چڻ اهڙي مهمان جو آڌرڀاءُ ٿا ڪريو،
جوڪئين ڀيرا ڪٺو ويو آهي
۽ بار بار پيدا ٿيندو رهيو آهي!“

عوام سان پنهنجائپ جو اهڙو تصور آمريڪا جي هڪ غير معروف شاعر ڊان ويسٽ به ظاهر ڪيو آهي:

”ٻڌو! ٻڌو! مان انقلابي آهيان
ماڻهو مون کي سرخو ٿا سڏين،
ماڻهو ٿا چون: مان بالشويڪ آهيان
پر اي جنوبي آمريڪا جا پورهيت ساٿيو!
اوهين مون کي سڃاڻو ٿا ته مان ڪير آهيان؟

اي هاريو! مزدورؤ!

نيگرو نسل جا غريبو!
۽ اي تاريڪ مستقبل ڏانهن واجهائيندڙ نوجوانو!
اوهان ڪڏهن اهو محسوس ڪيو آهي ته
مان----- 'اوهان' آهيان،
مان ڊان ويسٽ به آهيان.
خاموش فضائن ۾ امن جو شيدائي
هڪ پورهيت.
جنهن جي ڪهرن هٿن ڪي پتو آهي ته پورهيو ڇا ٿيندو آهي؟
ليڪن مان شاعر آهيان انصاف ڏانهن پڪاريندڙ -------
مان اوهان لاءِ ڌاريو ته ناهيان
مان اهوئي پورهيت، مزدور، جابلو علائقي جو
ڊان ويسٽ!"

آئون ائين به نٿو چوان ته 'راشد' سنڌ جو پبلونرودا يا ڊان ويسٽ آهي. منهنجي نزديڪ راشد هوچي منهه ۽ چي گويرا به نه آهي.اسين سڀ دوست ڪيس باغي شاعر ضرور سڏيندا آهيون، پر انهيءَ معنيٰ ۾ نه، جنهن ۾ بنگال جي نذرالاسلام کي باغي شاعر سڏيو وڃي ٿو. مون منڍ ۾ ئي لکيو آهي ته راشد جي تربيت نج صوفياڻي ماحول ۾ ٿي آهي ۽ غالباً اهوئي محرڪ آهي، انسانيت سان سندس بي پناهه پيار ۽ پورهيت سان پنهنجائپ جو.! مون لکيو آهي ته محبت ڪيس ورثي ۾ ملي آهي. هن جي ڪلام ۾ جو درد، سوز ۽ پيڙ سمايل آهي، سا ان ئي محبت جو نتيجو آهي، نه ته ڊان ويسٽ، پابلونرودا، هوچي منهه ۽ چي گويرا بنجڻ لاءِ جنهن سائنسي شعور ۽ تنظيمي جاکوڙ جي ضرورت آهي، راشد ۾ اجا اُن جي کوٽ آهي. هو جن ڪردارن کي ساراهي ٿو، دل چاهيندي به اجا انهن مان بنجي نه سگهيو آهي. هڪ ڪشمڪش ۽ ذهني ڇڪتاڻ جو اظهار هن ريت ٿو ڪري:

الا! اجان عام جي، سوچ نه ساماڻي
دودو، هوشو،ناهيان،هيمون ڪالاڻي،
هيڏهن آنءُ اڪيلڙو، هوڏانهن سَوَ ساڻي،
پيٽ به پورت ٿو گهُري، پرت به پُراڻي،
هوڏنهن آهي باهه ۽ هيڏنهن آ پاڻي،
سا پَرِ شل رهجي اچي ، جا پر ڏاڏاڻي،
سمر تي ساڻي، شال نه ٿئي سنڌ جي.
*
قوم گهري قربانيون، پيٽ گهُري پورت،
اٽو، لٽو ۽ اجهو، ظاهر ضرورت،
عشق چوي ٿو پائيو، فاقي کي فرحت،
ڀن باهين جي وچ تي، ماڻهن موڙهي مَت؟
متجي وئي صورت، سرتا! منهنجي سوچ جي.

هڪ طرف اها چڪتاڻ ذهني پيڙا آهي، ته ٻئي طرف ضمير جو فيصلو آهي. راشد جو سجاڳ ضمير، ڪيس پنهنجو فرض ادا ڪرڻ ۽ ڪجھ نه ڪجھ ڪرڻ لاءِ هر وقت جهنجهوڙيندو رهي ٿو. زندگيءَ جي مسئلن ۽ پيڙائن کان فرار هن لاءِ ناممڪن آهي. سندس نظم 'ضمير چهنبڙيون هنيون' سندس سجاڳ ذهن ۽ ضمير جو آواز آهي:

**جڏهن به سوچيم: ته آنءُ ڇا ڪيان، ۽ ڇو ڪيان؟**
**ٻين سان ڇا وڃي، رڳوئي پنهنجو ڀلو ڪيان،**
**نفعو پويم پاڻ کي، ته ڪم رڳو اهو ڪيان،**
**جڏهن به سوچيم، ته پاڻ لاءِ ڇو ڏچو ڪيان،**
**ته ذهن ۾ سُيون لڳيون،ضمير چهنبڙيون هنيون!**

**جڏهن به سوچيم، ته قوم لئه لکان ته ڇو لکان؟**
**۽ باھ ۾ ٻين جي، پاڻ کي وجهان ته ڇو وجهان،**
**رُڳو نه مون ته بار آه، جي سچ چوان، ته ڇو چوان،**
**جڏهن به سوچيم، مصيبتون سهان، ته ڇو سهان؟**
**ته ذهن ۾ سُيون لڳيون،ضمير چهنبڙيون هنيون!**

زندگيءَ ۽ موت، فنا ۽ بقا، سچ ۽ ڪوڙ جي انهيءَ ابديءَ چڪتاڻ ۾ شاعر جڏهن ڪليءَ طرح سچ جو ساٿ ڏئي ٿو، پنهنجي زنگيءَ کي ٻين جي خوشيءَ لاءِ ارپڻ جو عزم ٿو ڪري، پنهنجي ذاتي مفاد کي اجتماعي ڀلائيءَ تي ترجيح ٿو ڏئي ته سندس ضمير ٺڙي پوي ٿو.

۽ جڏهن سوچيم، ٻين جي واسطي ستم سهان،
ڀلي ته مان سڙان، پچان، ٻين کي سُک ڏئي سگهان،
ٻيواچي، اچي نه ڪو، ته مان ئي راشدا اچان!
ڀلي ته سِر وڃي سندم، ڀلي ته آءٌ دم ڏيان:
ته ذهن چڻ ٺري پَيو،ضمير واھ واھ ڪئي!

اها آهي زندگيءَ جي مقصد سان هن شاعر جي محبت ۽ عشق جي انتها! جنهن جي اپٽار سندس هن مجموعه ڪلام ۾ جابجا ٿيل آهي. هاڻي اسان کي راشد جي محبت جو فلسفو آسانيءَ سان سمجھ ۾ اچي ويندو ۽ سندس آئيڊيل محبوب جو تخيل چٽو ئي چٽو ٿي اسان جي آڏو آيو آهي، اهو آهي انسانيت جي خوشحالي! راشد هن مجموعي ۾ جابجا انهيءَ عزم کي ورجايو آهي! اهو پنهنجي وطن جي هر ماڻهوءَ جي دل جو دروازو ٺڪڪائي ٿو:

ڏس ته ڪٿي کان پهتو آهيان، آنءُ ڪٿي تو ڪاڻ،
ماڻهوءَ مان سجاڻ پرين! ڪُجھ ماڻهوءَ مان سجاڻ!
پن چڻ موسم وانگر آهي تنهنجي سونهن اداس،
پنهنجا سور مون کي ڏئي ڇڏ، تون منهنجون خوشيون ماڻ!
منهنجي تصور ۾ آ تنهنجي صورت جواڻ جماڻ.

سپنن توڙي جاڳ ۾ جاني! توسان روح رهاڻ!
راشد! پنهنجي جنت آهي، چاهت ۾ چانڊاڻ،
موٽي آئي آهه چمن ۾ ساوڪ ۽ سُرهاڻ!

زندگيءَ جي ميرانجهڙي مهانڊي ۾ سونهن ۽ سندرتا جا رنگ رچڻ جي عشق ۾ هو سچ پچ ته ٻڏل آهي. انهيءَ عشق کي هو ساهه سان سانڍيندو رهيو آهي ۽ حالتن جو ڪوبه طوفان سندس دل ۾ انهيءَ جرڪندڙ جوت کي وسائي نه سگهيو آهي:

آيا گهڻا اوچتا، طاقتور طوفان،
روشن رهيا عشق جا، راشد! شمعدان،
دهلي ويا دهمان، دردن پري دل ڪان!

---

دردن جي پرمار سان، بڻي دل درياهه،
آيو عشق اٿاهه، پوڙيئين پن پيائيءَ جا.

---

محبت بخشيو ماڻهپو، انس ڪيو انسان،
هيس اڳي حيوان، عشق بنايو آدمي!

مقصد سان انهيءَ عشق، راشد جو چين ڦٽائي وڌو آهي. ستي لوڪ هو پنهنجي مقصد جي تڪميل جي بي پناهه آرزوءَ ۾ اٿي، ڪجهه رت رُئي ٿو، انهيءَ جا پور پچائي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ سان هيئن ٿو مخاطب ٿئي:

پريت جي هٽ ڪو ريت نه چاٽي، ماڻهو ماڻهوءَ کي نه سڃاڻي،
آب اکين ۾ پنهنجي آڻي، گيت لکين ٿو آڏيءَ ٽاڻي،
لوڪ سمهي پيو چادر تاڻي، ڪيسين تائين رئندين هاڻي،
چو نه وڃي ٿو ننڊ ڪرين، ڪنهن لئي ويٺو گيت لکين؟

ڪنهن سان ديد لڙائي ويٺين، هيڏا سور پرائي ويٺين؟
دل ۾ سوز سمائي ويٺين، پنهنجي ننڊ ڦٽائي ويٺين،
پنهنجا سک پلائي ويٺين، هيڏا سُور پرائي ويٺين،
چو نه سبق ٿو يار سکين، ڪنهن لئه ويٺو گيت لکين!

انهيءَ عشق جي ڪاڙهي ۾ ڪڙهندي ڪڙهندي هن جو رت سُڪي ويو آهي. عشق جي اڙانگين راهن تي رلندي رلندي ڪڏهن ڪڏهن سوچي ٿو ته:

ڏينهن سڄوئي ننڊ ڦٽائي، شام صبح ڦيرا پارائي،
رڻ ۾ منجهند ٽاڪ رلائي، ڪاڙهي ۾ مون کي ڪاڙهائي،
راتين جو آرام ڦٽائي، ٿيندي ننڊ حرام ته آخر ڇا ٿيندو؟
سوچيان ٿو انجام ته آخر ڇا ٿيندو؟

جان جو ويري جاني آهي، ها پر دل ديواني آهي،
راشد مجنون ثاني آهي، ليليٰ جي نيشاني آهي،
عاشق ۾ رت ڪاٺي آهي،خون جو ڏيندو جام ته آخر ڇا ٿيندو؟
سوچيان ٿو انجام ته آخر ڇا ٿيندو؟

راشد حالتن کان مايوس ناهي، ڇوته پنهنجي محبوب آئيڊيل (مقصد) سان سندس لڳاءُ جذباتي رومانيت جو نتيجو ناهي، بلڪ اهو عشق، ڪنهن اونهي فهم، بصيرت، سوچ ۽ ڏاهپ جو منطقي نتيجو/ ردعمل آهي. جذباتي رومانيت فقط حرص ۽ هوس آهي، پر شعوري لڳاءُ ۽ عشق جي حد تائين ان جي انتها زندگيءَ ۽ موت جو مسئلو آهي. هن اهي پڙهيون/ سور سبق ۽ عشق جا اونها اسرار ڪنهن اهڙي عارف وٽ وڃي سکيا آهن، جنهن جي مهر نظر هن کي منزل جي قريب آندو آهي:

هلو، هلو يار ڪان، سبق سور سکون،
باقي چار وکون، پنڌ نه آهي پرڀرو!

ان يار، هن کي جذباتي رومانيت بجاءِ عشق جو ادراڪ ڏسيو آهي ته:

سوچڻ ڏاران ساٿيو، انڌو عشق عذاب،
عقل ريءَ انسان جو، خانو آه خراب،
علم، عقل، عشق جو، ناتو آ ناياب،
غرق ٿيو غورابُ، جنهن کي سڙھ،سُکان نه پاتئي!

---

جي چاهيو ٿئي جڳ ۾، جيئڻ سجايو،
علم، عقل، عشق کي، گڏي هلايو،
عشق عقل پاڻ ۾، ڇو ٿا ويڙهايو؟
ڪلفت گھٽايو، ميان! محبت وڌايو،
سڀ سان نڀايو، راشد! ريت پريت جي!

---

اچو گڏجي دوستو! ڦيرو ڪو آڻيون،
عقل، علم، عمل کي، هڪ ٻئي سان واڻيون،
ريتون پراڻيون، مٽايون هن ماڳ تان!

گويا راشد ائين چوڻ ٿو چاهي ته پنهنجي آئيڊيل سان هن جي محبت عليٰ وجه البصيرت آهي. اهو فقط ڪو ازل جو لکيل ليک نه هو، پر اها پسند هن وڏي جهد، جاکوڙ، فکر، بصيرت، سرت ۽ شعور سان ڪئي آهي. اها فقط دل جي دل ڏانهن ڇڪ ناهي، پر ذهني فيصلو به آهي ۽ جڏهن عشق جي انتها انهيءَ منزل تي پهچي وڃي ته:

جان تون جئين جيءُ، جيئڻ سک جنسار ۾،

پيالو وهه جو راشدا! پاٽي چاٽي پيءُ،
عشق جو گولو ٿيءُ، پانهپ ڇڏ پين جي!

انهيءَ عشق راشد جي دل ۾ پنهنجي آئيڊيل لاءِ فنائيت، ارادي ۾ پختگي ۽ سوچ ۾ ايڏي تہ شڪتي پيدا ڪئي آهي، جو 'راشد' پنهنجي مقصد جي راهه ۾ هر طرح جي طوفانن سان ٽڪر کائڻ جي پنهنجي اندر صلاحيت محسوس ڪري ٿو. هو حالتن جي آڏو سر تسليم خم ڪرڻ بجاءِ، ڪر ڪنيو بيٺو آهي. هو پنهنجي بي پناهه قوت اراديءَ جي آڌار تي وچ سمنڊ ۾ لهر لهر کي للڪاري رهيو آهي:

مان اهو آهيان جبل،
جو سمنڊ جي وچ تي اٽل
بيٺو هجي،
حادثا دنيا جا،
طوفاني ڇتين ڇولين جيان
مون ڏانهن ڌوڪيندا اچن،
مون سان لڳن،
پٽجي هٽن،
۽ بحر دنيا جي ۾ گم ٿيندا وڃن —
مان اهو آهيان جبل،
جو سمنڊ جي وچ تي اٽل،
بيٺو هجي ـ ـ ـ !

ڪيڏو نہ عزم، استقلال، جرئت، سورهيائي، ارادي جي پختگي ۽ مقصد ۾ ڪاميابيءَ جو اتساهه پريل آهي،انهيءَ نظم ۾.! اهو عزم اياري ٿو، هڪڙيءَ هلچل، جدوجهد ۽ جاڪوڙ ڏانهن، جنهن جو روح سنڌ ۽ نتيجي ۾ سڄي عالم جي آسودگي، خوشحالي ۽ مسرت آهي. هو پنهنجو آئيڊيل مقصد پنهنجي وطن ۾ پورو ڏسڻ ٿو چاهي. هو سنڌ کي امن، عافيت ۽ ايڪتا جي جنت بنائڻ ٿو گهري. 'راشد' هوندي بہ قوم پرست شاعر آهي ۽ سنڌي شاعريءَ جو مزاج هوندي بہ وطن جي محبت تي ٻڌل آهي. وطن جي محبت اسان جي شاعريءَ جو هر دور ۾ بنيادي مقصد رهيو آهي. پر اها محبت جارحانہ انداز جي ناهي، اها محبت فطري محبت آهي، جا اولاد کي پنهنجيءَ جيجل ماءُ سان هوندي آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ قوم پرستيءَ جوتصور سڄي عالم جي آسودگيءَ تي ٻڌل آهي. راشد سنڌ ۾ زندگيءَ جي سونهن پرڻ جي جدوجهد جي آس، پيغام ۽ نيڪ تمنائن جو ذڪر هن مجموعي ۾ نهايت پرپور انداز سان ڪيو آهي. هو فقط ڌرتيءَ جو پوڄاري ناهي، پر هو هتي جي عوام، پورهيت، هاري، مزدور ۽ مارواڙن کي سکيو ستايو ڏسڻ ٿو چاهي. وٽس سنڌ جي خوشحاليءَ مان مراد سنڌ جي عوام جي خوشحالي آهي. هو عوام دوست آهي:

منزل ٿيندي ويجهڙي،جئن جئن پنڌ ڪبو،
ڪاميابي حاصل ڪري، اوچو ڪنڌ ڪبو،
هٿي هنڌ ڪبو، سڄ اياري سچ جو!

**منزل ماڻڻ ۽ سچ جو سج سنڌ تي اڀارڻ لاءِ هو چوي ٿو ته وڏي جهد ۽ جاکوڙ جي ضرورت آهي :**

گهر ۾ گهاريندي ڪيو، سڪڻ جون نہ سڏون،
سڀ ڪجهه گهوري سنڌ تان، اڳتي وک وڌون،
اڄ تہ قول پڏون، قسم کڻي ڪڙم جا.

**هو پاڻ به انهيءَ جدوجهد ۾ شرڪت جو اظهار هيئن ٿو ڪري :**

مرشد منهنجو پيٽ ڏٺي، پونگر منهنجو پاءُ،
سنڌو ماتا جي ڪيم، سوچن سان سرچاءُ،
نياپا آٽي نينهن جا، اڄ پڻ اتر واءُ،
سمهڻ ڪهڙو ساءُ، جيڪو جدوجهد ۾!

**هن جي دلي تمنا آهي تہ :**

الا، سنڌ جيئي! جيئي نظارو نور،
اڪن جهليون قلڙيون، پيرين جهليو پور،
چشم بد دور، سدا رهي سنڌ کان.

الا! سنڌ جيئي، جيئن سنڌي جوان،
ميٽيندا هي مرد ئي، آيل جا ارمان،
سنڌيت جا پروان، جلائيندا جان کي.

الا سنڌ جيئي، جيئن هر هاري،
سکن لئي ساٽيهه جي،پري جن پاري،
ڏک جي ڏيکاري، تن کي اڇي ڪين ڪِي!

جنهن جنهن اجرڪ اوڍيو، جنهن جنهن مٿي پڳَ،
جنهن جنهن ڏڻ رڍن جا، جنهن جنهن ڏاچين وڳَ،
تنهن تنهن پَڏو سَندرو، ڏين مبارڪ جڳَ،
ٽڳيندين اي ٺڳَ، اسان کي تون ڪيترو؟

**راشد جي اها آس، اها آرزو ۽ اها امنگ هڪ ڏينهن ضرور پوري ٿيندي. فقط عشق جي درڪار آهي.هي ساٽيهه سک جو ساهه کڻندو. خدا ڪندو تہ هن ڌرتيءَ تان سڀ ڏک ۽ ڏولاوا ڏور ٿي ويندا ۽ سنڌ دنيا لاءِ امن ۽ آسودگيءَ جي جنت بنجي ويندي!**

**مان سمجهان ٿو، راشد ايترو تہ سنو لکيو آهي، جو مان سندس مڪمل تعارف نہ ٿو ڪرائي سگهان. هن جي ڪلام جو اڀياس ڪرڻ لاءِ جنهن بصيرت ۽ صلاحيت جي ضرورت آهي، مان پنهنجي**

اندر نهايت شدت سان ان جي ڪمي محسوس ڪيان ٿو. ڇو تہ بنيادي طور تي مان نقاد ناهيان. بهرحال راشد جي هن مجموعي جو اڀياس ڪرڻ بعد مان هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ :

• راشد جي شاعري سڌي سنئين شاعري آهي. هيءَ شاعري لفظن جي اجائي ۽ بي مقصد جوڙجڪ، خيالن جي بي ترتيب ۽ پرتڪلف سٽاءَ کان پاڪ، صاف ۽ سچ جهڙي چٽي شاعري آهي.

• راشد، جو آيو، ڳايو جو قائل ۽ سچ جو شاعر آهي. هن جي سٽ سٽ ۾ ڌرتيءَ جو درد ، پورهيت جي پيڙ، مقصد سان بي پناهہ عشق سمايل آهي. هو پنهنجي فن تي ابهام جي زره ويڙهي، ڪل بچائڻ بجاءِ سچ کي سچ ۽ ڪوڙ کي ڪوڙ ٿو چوي. هو ڪوڙ جي مخملي پردي ۾ سچ جو سچ لڪائڻ جو قائل ناهي.

• مون محسوس ڪيو آهي تہ زندگيءَ جي ڇڪتاڻ، ڪوڙ ۽ سچ جي ابديءَ ويڙهہ ۾ راشد سچ جو ساٿاري آهي. هن جي شاعري سندس سجاڳ ذهن ۽ ضمير جو آواز آهي.

• راشد جي شاعري ان جي نظرياتي ارتقا ۽ سگهاري سوچ، پوهيت سان پنهنجائپ جو عڪس. راشد جي دل ۾ امنگ، هڪ آرزو، هڪ سوچ ۽ لوچ آهي، هو بهتر کان بهتر جي تلاش ۾ آئيڊيل سماج جي تخليق جي جنون ۾ اڳتي وڌندو رهيو آهي.

• 'راشد' هن ڌرتيءَ سان پنهنجو نينهن نڀايو آهي، هو هن ڌرتيءَ کي امن ۽ آسودگيءَ جي جنت بنائڻ واريءَ جدوجهد ۾ شريڪ آهي، نہ رڳو ايترو پر اها جدوجهد سندس زندگيءَ جو مقصد ۽ سندس تخليقي ارتقا جو روح بنجي ويئي آهي.

• راشد جيئن تہ پاڻ بہ هڪ پرائمري استاد آهي، انهيءَ ڪري سندس اڪثر معاشرت، هن ڌرتيءَ جي پورهيت ماڻهن (جن جا ٻچا وٽس پڙهن ٿا) سان ٿيندي رهي آهي ۽ انهن جي زندگيءَ جو هن قريبي اڀياس ڪيو آهي، انهن جي ڏُکن، دردن کان هو سڌيءَ طرح واقف آهي ۽ اهوئي سبب آهي، جو هن پنهنجي ڪلام جو مخاطب مفڪرن، ڏاهن ۽ برک اديبن کي ڪرڻ جي بجاءِ هارين، مزدورن، ڪڙمين، ڪاسبين ۽ عام پورهيتن کي ئي ڪيو آهي. جنهن آئيڊيل سماج جو تصور سندس ذهن ۾ آهي، ان جي تڪميل لاءِ هو انهيءَ ئي طبقي ۾ اميد رکيو وينو آهي، اهي ماڻهو ضرور ڪڏهن نہ ڪڏهن ساڻس ساٿ ڏيندا. ٻين لفظن ۾ راشد فقط تصوراتي شاعر نہ آهي، پر هو هڪ آدرشواري شاعر آهي.

• راشد مجموعي طور تي اسان کي نيڪي، نيڪ نيتي، انسان دوستي،قرباني، پراپڪاري ۽ ٻين لاءِ جيئڻ جي سکيا ڏني آهي.

• راشد محبت جو شاعر آهي، هو ڪلجڳ جو خير گهرندڙ، سچو سپيتو صوفي انسان آهي ۽ حضرت مسيح فرمايو هو تہ " محبت خدا آهي، خدا محبت آهي ۽ جيڪوشخص محبت ۾ قائم آهي، سو خدا ۾ قائم آهي!"

• راشد جي زندگي قول ۽ عمل جو سنگم آهي. هو خود بہ پورهيت آهي،ان جو مخاطب بہ پورهيت آهي ۽ ان جو فڪر بہ پورهيت طبقي لاءِ آهي. هو عوام منجهان آهي، انهن مان شعور حاصل ڪري ٿو ۽ ان شعور کي انهن تائين ئي پهچائي ٿو. عوام، هن جو استاد آهي. عوام جي زندگي هن جي فڪر جو سرچشمو آهي ۽ عوام ئي هن جو ميدانِ عمل آهي.

• راشد اسان کي جيڪي ڪجهہ ڏنو آهي، سو انَ جي بي لوث محنت ۽ عمل بلامعاوضہ جو پرپور نتيجو آهي. ممڪن آهي تہ وڏن شهرن جا وڏا اديب ۽ نقاد هن غريب استاد جي محنت کي نظر انداز ڪري ڇڏين، ممڪن آهي تہ وڏن شهرن جا وڏا اديب راشد جي سوچ مان سرجندڙ سچ جو تاب سهي نہ سگهن ۽ شاعريءَ ۾ راشد کي اهو مقام نہ ملي سگهي، جنهن جو هو حقدار آهي، پر مون کي يقين آهي تہ سنڌ جا نوجوان، سنڌ جا هاري، پورهيت ۽ مزدور؛ هن پنهنجي شاعر جي آواز کي نہ رڳو پاڻ لاءِ مشعل راهہ بنائيندا، پر راشد جا گيت ڳائيندا، زندگيءَ جي راهہ تي وڌندا رهندا.

• راشد جيڪو سپنو ڏنو آهي، سو هڪ ڏينهن ضرور ساڀيان ٿيندو. راشد جي سوچ عمل جو روپ وٺي، سڄ سمان جرڪندي سنڌ تي ايرندي. جڏهن سنڌ سائي، سکي ۽ ستابي ٿيندي، تڏهن هن گمنام، بي لوث مخلص سپاهيءَ جو روح پڪاريندو تہ :

مـون ڏاڍ جــا ڏونگــر ڪــٽيو، جا واٽ آ ٿـاهي،
ان واٽ تان گذرين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر!

جوکي ۾ وڌم جيءَ، ڪيم جنگ امـن لاءِ،
انياءَ سان اٽڪين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر!

هــر گهاءُ مــتان گهاءُ سهــيو، اف نہ ڪئي مون،
جي ويڙهه ۾ ڦٽجين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر!

هــر جــاءِ جــدوجهد، هــر جــاکــوڙ ۾ شـــامـــل،
ڪم ڪار کان ورچين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر!

راهـــي ! تــو ڏٺــو آهہ مـــون ســاهـــي نہ ڪنئي آ:
جي راهہ ۾ ٿڪجين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر!

اي واٽ مسافــر! تون ڪڏهن منهنجي قــبر کان،
يلجي نہ جي گذرين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر!

جــو سبــق سـچـــائيءَ جو ڏنـو آهہ مـون راشـــد!
ســو سبق جي سمجهين تہ مون کـي يـاد ڪندو ڪر!

**ـــــ عبدالحڪيم ارشد**

# غزل

فتوا نہ ڏيو، ڪافر نہ چئو، مومن کي ميان! منڪر نہ سڏيو،
سچ پچ تہ اسان جو سونهن مٿان، ايمان سلامت آهہ اجان!

پوپٽن ورتي پناهه گلن ۾، ڀِرن جهنگن ۾ پناهه،
ڪين ماڻهوءَ کي ملي ٿي، هاءِ ماڻهن ۾ پناهه!

منهنجي منڙي يار جي، محبوب مکڙي کي ڏسي،
شرم کان مهتاب ورتي، رات ڪڪرن ۾ پناهه.

ڏاڍ کان ڏم جي، زماني جي غمن کان تنگ ٿي،
ذهن سهڻيءَ جي وجي ورتي آ ڪَرڪن ۾ پناهه.

درد جي لشڪر ڏِڪي نيڻن مان ڳوڙهن کي ڪڍيو،
ڀوڙندا اچيو ونـن ٿـا منهنجـــي دامـن ۾ پناهه.

سور ڏرتيءَ جا سهي، سُک چنڊ تارن ۾ نہ ڳول!
ڪر اچي تڪيو هتي، وٺ منهنجي تارن ۾ پناهه!

ڳالهه ڪرڻي هئي اثر واري طريقي سان تڏهن،
ســوچ جي اظهار ورتي، شعـر جي فـن ۾ پناهه!

زنـدگـــيءَ يــر آءٌ رهـندس راشـــدا! ٿـورائـتو،
دردِ دل منهنجي ورتي آ، تنهنجي شعرن ۾ پناهه.

*

تون تير نظر جا هڻندو رهه نيشان سلامت آهه اجان،
دل پوري آهه ۽ جگر جو پر ارمان سلامت آهه اجان.

فتوا نہ ڏيو، ڪافر نہ چئو،مومن کي ميان! منڪر نہ سڏيو،
سچ پچ تہ اسان جو سونهن مٿان، ايمان سلامت آهه اجان!

ساغر ۽ صراحي ڇَٽ ٿي ويا، مَٽَ مَئي جا کليا پيا آهن،
ٻُڪ سان ئي پيئڻ وارا پيئندا، سامان سلامت آهه اجان!

اي سنڌڙي جندڙي سُست نہ ٿي! ڪو توتي تاءُ نہ سهڻو آ،
جنهن تو کي دل سان پوڄيو آ، سو جُوان سلامت آهه اجان!

جي ڪُوماڻو ڪو گلدستو، خوشبو ٿي ختم، پرواهه نہ آ!
گل تازا آڻي رکبا ڪي، گلدان سلامت آهه اجان!

راشد تہ مري ويو سال ٿيا، هڏڙا بہ ڳري ئي ويا هوندا،
پر شاعر هو سو شَعرن جو ديوان سلامت آهه اجان.
*

اٿئيهين اڏ رات جي اونده ۾ ويڙها سڀ ويران لڳن ٿا،
جهڙا ڪي پوتن جا پاڇا، اونده ۾ انسان لڳن ٿا.

پابنديءَ جي پاڙيءَ تي ئي پيار سلو وڌندو رهندو آ،
پرت تي پهرا بيهارن ٿا، ڪيڏا هي نادان لڳن ٿا،

ڪي ڪي قوم جوانيءَ ۾ ئي ذهني طور لڳن ٿا پوڙها،
ڪيئي جھُور جهانَ ۾ آهن، جن جا جذبا جوان لڳن ٿا.

هيڏا سارا ڍير مٽيءَ جا، تن ۾ ڪا تاريخ دفن آ،
ڪئين آثار ڏٺا ٿم اهڙا، مياڻيءَ جا ميدان لڳن ٿا.

ڪارا ۽ ڏيرا، ڪنگيءَ ڪاڏل، ڍنڍ تي ٻار مهاڻن وارا،
شاعر! سچ پچ سيئي تنهنجي، شعرن جا عنوان لڳن ٿا.

آس ۽ اوسيئڙي جا اڏما، مستقبل جا خيال ۽ خدشا،
راشدا ! تنهنجا شعر سمورا، ڪنوارين جا ارمان لڳن ٿا.
*

مان گلڙن خاطر ڪندن جو ويندس اي سڄڻ ! سڀ سور سهي،
يادن جي سهاري جيئندس پيو، ويجهو نہ سهي تون ڏور سهي !

فرياد اسان جو غور طلب، لاغرض! ٻڌڻ ۾ ڇا آهي؟
ڪو عرض اسان جو سڻ تہ سهي، منظور نہ، نا منظور سهي !

دنيا جي خبر آ، منهجو قدر هوءَ ڪونہ ڪندي، پر پوءِ بہ صبر،
مون عشق ڪيو انسانيت سان، صدمن کان ڇڪناچور سهي.

قَلُ منهنجيءَ محنت جو منهنجي پونئير کي مليو تہ بہ ٺيڪ ٿيو،
مون پنهنجي حياتيءَ منجھ ڏٺو، ميوو نہ سهي ڪو ٻور سهي.

ڪو دانشور جي دوست نہ ٿيو، ڪو ميت مفڪر ڪين مليو،
ڪو شاعر ساٿي ڪين بڻيو، هاري ئي سهي، مزدور سهي.

ڪنهن پورهيت مون کي پيار ڏئي، پنهنجو سمجهيو تہ خوشي ٿيندي،
پل زاهد نـــفـــرت ڏاري ۽ واعظ بہ وجي وهلور سـهـــــــــي.

بيداد نگر ۾ داد گهري، مان ٻيرن کان ڇو ٻير گهران،
مان تاريڪين ۾ تاتيل هان ، گهر تنهنجو روشن نور سهي.

آ راشد جهليو جهول اڳيان، جو هڙ ۾ هجئي سو هن کي ڏي،
جي قرب محبت ڪونہ اٿئي، ڏي نفرت ئي ڀرپور سهي،
*

ڪٿي مڪڙيون مروڙن ٿا ، ڪٿي گئونچن جو دم گهٽجي،
ٽڙي بيهڻ ڪان اڳ ۾ ئي ، پيو گلڙن جو دم گهٽجي.

صبح تي رات جو ۽ راڄ تي راڪاس جو پاڇو،
اتي رهڻو پيو آهي، جتي جذبن جو دم گهٽجي.

ڏئي سِر حُسن تي ساٿي! سلامت سونهن کي رکبو،
اسان جي عشق تي آ حيف، جي سهڻن جو دم گهٽجي.

رُلي ويا رنگ سيئي،جهنگ گهاٽي ۾ پيا ڦٽڪون،
هتي حيوانَ خوش آهن، مگر ماڻهن جو دم گهٽجي.

نہ ايڪو آ نہ همدردي، هينئر هڪڙن جو دم گهٽيو،
سياڻي چا ٿئي ڏسجي تہ، ٿو ڪهڙن جو دم گهٽجي.

جنين جو دم گهٽڻ گهربو هئو، سي خوش وتن گهمندا،
پراون ڪان اڳي پيو ٿو هتي پنهنجن جو دم گهٽجي.

ٻنيءَ ۾ ان ٻيجيءَ جيان، اچو پڪڙي پئون راشدا!
پُٽن جاندڙ جي ڳورن ۾، پيو داڻن جو دم گهٽجي.
*

هو جڏهن تيار ٿيو، مون کي ڏٺڻ جي واسطي،
راهه جو پٿر ٿيس، ٺوڪر سهڻ جي واسطي.

باک ويلي بوند برسايان پيو نيڻن منجهان،
ماڪ پڻ آهي ضروري گل ڪِلڻ جي واسطي.

مان سڄڻ جي منهن مبارڪ کي پڙهان هر دم پيو،
وقت ڪاڍي آ مون کي ڪورس پڙهڻ جي واسطي.

باهه ٿيو هُو، آءٌ پاڻي ٿي نه ٿو زد ۾ اچان،
مان سُڪي ڪاٺي ٿيان ٿو پيو ٻرڻ جي واسطي.

ڪاش! من ماڻهن جو ميرو، ڌوپجي اجرو ٿئي،
داغ دل جا ڪو نه آ ڌوٻي ڌُئڻ جي واسطي.

تنهنجي نازڪ هٿ ۾ شايد پون لکندي لڦون،
ڪيئن ڏيان تڪليف توکي خط لکڻ جي واسطي.

روز پرچڻ ۽ رُسڻ ۾ آهه اي راشدا! مزو،
اڄ ته ٻئي پرچي پئون، ٻيهر رُسڻ جي واسطي!
*

دل منهنجي پراڻي آهه جهڳي، محلات هجي ته وڻي توکي،
هن برباديءَ جي بستيءَ ۾ ڪا بات هجي ته وڻي توکي!

ماڻهن جي ڏسان ٿو نيتَ بري، هَٿ ۾ قرآن، زبان ڇُري،
جي ڪچ ۾ ڪات هجي ته هجي، ڳڙوات هجي ته وڻي توکي.

تون نانهه مسيحا، جو جيارين، لقمان نه آن جو چاق ڪرين!
بيمار ۾ چاق چڱي جهڙي، جذبات هجي ته وڻي توکي.

ڪي معنيٰ جا موتي نه هئا، تو شعرن تي وهوا نه ڪئي،
هيءَ سادي سودي ٻولي آ، ڪا ڏات هجي ته وڻي توکي.

گم آهين تون ته نظارن ۾، ڪا شيءَ نه ڏٺئي اشعارن ۾،
ڳوڙهن جو قدر توکي نه ميان ! برسات هجي ته وڻي توکي.

ڪو تيرن جو نه اثر ٿيندو، مان پاهڻ بڻجي ويو آهيان!
ڪا مات هجي ته وڻي توکي، ڪا گهات هجي ته وڻي توکي.

هِت پِٽڪو خالي پيٽ سندو، هِت رودن راشد غربت جو،
هي ماتامين جي مجلس آ، بارات هجي ته وڻي توکي.
*

لڳ لويل منهن مرجهايل،
هئہ هئہ ماڻهو هِيسايل.

پيلا ٿي ويا ڳاڙها ڳل،
ڏاڍا ڏوٿي ڏهڪايل.

روز جٽيون، هر روز هلان،
چُپ جــهــڙا چپ پٽرايل،

زلفن سان ڪنهن ڪيڏ ڪئي،
الجهي ويا سڀ سلجهايل.

راڻي ريءَ چو هامہ هڻن،
ڪاڪ ڪنڌيءَ جا ڪهڪايل.

ليٽــڙجي ٿيا رت ۾ لال،
منهنجا جذبا جرڪايل.

راشد جو هي لاش پرين!
تنهنجي لئہ آ ترسايل.
*

آ چُني چمڪندڙ ٽر جي ناريءَ مٿان،
چندَ جي روشني ڇڻ تہ واريءَ مٿان.

عشق تنهنجو الاڙي الڙ ڇوڪرا!
ڪيئي بهتان آيا ڪنواريءَ مٿان!

مون نہ ڄاتو تہ مُنهنجو پرين ٿو اچي،
ٻُٽ اجرڪ جي هئي جو سُنهاريءَ مٿان.

ڪونيٽن جي پريان ٻيريون ڄانگريون،
ٻير ڳاڙها تہ ڏس! ڇهچ ٽاريءَ مٿان.

عشق ٽر جي پٽن سان ڪيئہ راشدا !
لاھ ڏک سور ڏرتيءَ ڏکاريءَ مٿان.
*

جا دل جي بلــبــل ڦاسايـئـــ، سا قيد رکج اُڏري تہ ڇُٽي،
رک پوري در تون پڃري جا، هڪوار وئي نڪري تہ ڇُٽي.

هي ٻير ڦريون،ڦوٽا،آيون، پيرون ۽ پڪا هر سال ملن،
پر مست جوانيءَ جي يارو! جي منڊ وئي اُڪري تہ ڇُٽي.

هيءَ رات وري ايندي نہ پرين! اڄ جاڳ! سندم سيرانديءَ ڪان،
هيءَ رات آ منهنجي موت سندي رک يادُها گذري تہ ڇُٽي.

جي دريا رُخُ موڙيندو آ، ۽ ويراني ئي ڇڏيندو آ،
جي ياد رهي تا ياد رهي، جي ياد دليئون وِسري تہ ڇُٽي.

صحبت جو اثر ايڏو تہ ٿئي جو اصلي حالت ٿو بدلي،
ڇئو شربت يا تہ مٺو پاڻي، پاڻيءَ ۾ پئي مِصري تہ ڇُٽي.

دل پاھڻ جهڙي ڪانهي جا، تڪليف جو تاب سهي ويندي،
دل منهنجي آهي ميڻ جيان، جي تؤ آيو پگهري تہ ڇُٽي.

ڇا عشق جي آتش ساڙيندڙ ڇا يار نرم دل راشد جي،
ڇا باھ ڪپھ جو ناتو آ، ڄر ۾ ڄرڪي پڃري تہ ڇُٽي !

*

ڪچهري روبرو ٿيندي ته وٺندي،
مٺي جي گفتگو ٿيندي ته وٺندي.

مهانڊو آهه مڪڙي، گل به ٿيندو،
سندءِ قامت ڪَهو ٿيندي ته وٺندي!

پُسايم پاند ڳوڙهن سان، نه پرتين!
جڏهن دامن لهو ٿيندي ته وٺندي.

وهِي تنهن جي وڇيري اڙل وانگي،
اهنڊ آهي سهو ٿيندي ته وٺندي.

مصور! هيءَ سندس تصوير ناهي،
پرينءَ جي هوبهو ٿيندي ته وٺندي.

رهي شل سونهن جي قائم خدائي!
انهيءَ جي آبرو ٿيندي ته وٺندي.

سدا راشد! رهي سنڌڙي سلامت،
بدي هن تان رفو ٿيندي ته وٺندي.
*

ڪانہ مجيسون ڪڏهين ساٿي! اونداهين جي آڻ،
ان جو آهه نتيجو نڪتو، چوڏاري چانڊاڻ.

ٻوٽي ٻوٽي جس هجيئي، ٻرپٽ ڪيئہ باغ،
محنت جو ڦل آهي مالهي! ساوڪ ۽ سرهاڻ.

اڄ اجهائي سُون ڌرتيءَ جي، رت جا ڏيئي ريج،
آهه اڱڻ تي پنهنجي اڄ ڪلهہ گلڙن جي ڳاڙهاڻ.

آڳاٽي يا نئين ڪي ڇُهتون،ڇچڙن جان ڇا لاءِ،
ڪا ڪا ڳالهہ پُراڻي بهتر، ڪا ڪا خوب نواڻ.

وقت مقرر ڪونهي ڪنهن جي سڏرڻ جي لئہ ڪوبہ،
سو بہ نہ پليو، جيڪو پهتو پٽڪي پٽڪي پاڻ.

سڪڻ ساهن کي هوندي آ، چُڪيءَ چُڪيءَ جي چوس،
مٺ کي ڏيج ڪُلهو اي موکي! منهنجي آڏو آڻ.

مُرڪي مرڪي پيئنداسين اڄ، وِهہ جهڙي ڪوڙاڻ،
جاڳي ساري رات ڪنداسين، راشد ساڻ رهاڻ.
*

هيچ دنيا جي هر تشبيهه ،
سڀ ڪان تنهنجي سونهن سجيهه .

پهچان تنهنجي ڪيئن حضور ،
وچ تي هيڏي ساري پيهه !

هرڪو جانده جي پڙ هيٺ ،
ڪير ٻڌي تو ڪنهن جي ڪِيهه !

چارڻ مان هر بار ڏيانءِ !
جيڪر سرڙا هجنم ويهه .

دنياڪي گهرجي تعريف ،
مون کي پر تُنهنجي تنبيهه.

اڄ اچ راشد جي گهر آءُ !
چندٻ گذر تي ويا اٺتيهه.
*

جنهن يار کان وڇڙي پيار وڃي، تنهن يار جي حالت ڇا هوندي ،
جي باغ منجهان مالهي نڪري، گلزار جي حالت ڇا هوندي !

گڏ تنهنجي هوندي هوش نہ هو، اڄ ڏار جي حالت ڇا هوندي ،
ڇو سوچيئہ ڪونہ ڪڏهن پيارا، بيمار جي حالت ڇا هوندي !

ڪو اڏ ڪهاڻي مس لکي، ۽ ڪلڪ ڀڄي يا مَسُ کُٽي ،
۽ آڌي رات هجي تہ ڪهاڻيڪار جي حالت ڇا هوندي !

جنهن پئسو پئسو گڏ ڪيو، ۽ نيٺ ڳڌو ڪو رانديڪو ،
سو عيد ڏهاڙي ٽول ڀڃي، تنهن ٻار جي حالت ڇا هوندي .

جن بنجي سخي سر تي گهوريا، ڪن سرن بچائڻ جا سعيا ،
ڏاتار جي حالت آهہ بُري، نادار جي حالت ڇا هوندي !

هو ويجهو اچڻ لئہ ونگ وجهي، ويجهو ٿو وڃان ٿو ڏنگ هڻي !
جت پيار بہ بخشي پُور اتي، تڪرار جي حالت ڇا هوندي !

ڪج شور نہ شعر ٻڌڻ کان پو، ڏس راشد جي دل جا ٽڪرا !
دل زار جي حالت هيءَ آهي، اشعار جي حالت ڇا هوندي !
*

ڏس تہ ڪٿي ڪان پهتو آهيان، آنءُ ڪٿي تو ڪاڻ ،
ماڻهوءَ مانُ سڃاڻ پرين! ڪُجهہ ماڻهوءَ مان سڃاڻ !

پن ڇڻ موسم وانگر ڇو آ تنهنجي سونهن اداس ؟
پنهنجا سور مون کي ڏئي ڇڏ، تون منهنجون خوشيون ماڻ !

تنهنجا چار اکر منهنجي لئہ ٿيندي روح ورونهن ،
جي نہ اچڻ چاهين ٿو مون ڏي، ڪوئي خط اماڻ !

جڏهن بہ ڪائي نازڪ دل تي رسندي آهي چوٽ ،
منهنجي پيار پُراڻي ۾ ڇڻ ايندي آهہ نواڻ .

منهنجي تصور ۾ آ تنهنجي صورت جواڻ جماڻ .
سپنن توڙي جاڳ ۾ جاني! توسان روح رهاڻ .

ذهنن لاءِ سڌارو آهي، معياري تنقيد ،
اهڙن گفتن ۾ او سائين! ڪانهي ڪابہ ڪڙاڻ !

راشد! پنهنجي جنت آهي، چاهت ۾ چاندباڻ ،
موٽي آئي آهہ چمن ۾ ساوڪ ۽ سُرهاڻ .

*

خيال پَرَ پائي پنهنجو اڏاڻو،
ڪل نہ آهي تہ ڪاٿي ٽڪاڻو!

ڪوئي طوفان آيو وري ڇا ؟
ديپ آڌيءَ جو ڇالئہ اجهاڻو!

ننڊ آئي مزي سان ڇپر تي ،
ٻانهن منهنجي ڪئي تو وهاڻو.

ياد ماضيءَ جي منچر تي اٿلي ،
ڪو غزل ڳائجي پيو پراڻو .

منهنجو ارڏو تبسم لٽي ويو ،
تنهنجو معصوم چهرو نماڻو .

مان تہ هڪڙي پنهل کي ئي ڄاڻان ،
مون کان کهڙو ڪيو ٿا پڇاڻو!

ڇا هُو ڪينجهر بہ ڪنجوس تي پئي؟
ڇو ڪنڌيءَ تي ڪنول گل ڪُماڻو!

درد جنديءَ تي، ڇاڙهي چڏيو تو!
ذهن وٽندڙ ۾ سهڻو ڇٽاڻو.

تو ڪئي پنهنجي جهولي ڪشادي،
هونئن تہ راشد هو ڏرتيءَ ڏڪاڙو.
*

جام ڀرجن پيا،
پياڪ پهچن پيا.

ڳوٺ جي هر ڳلي ۾
گيت گونجن پيا.

مورَ ڀٽ تي وري،
خوش ٿهوڪن پيا.

جهُورَ آرام ۾،
ٻار ٻهڪن پيا.

سونهن وارا ڀرين،
هاڻ سرچن پيا.

پانهنجا پاڻ ۾،
نيٺ پرچن پيا.

شعر راشد پڙهيو،
جهانگي جهومن پيا !

*

نياپا آيا سونهن نگر مان،
جاڳايو سڀ ڳوٺ ڳهر مان.

سانوڻ ۾ ٿيو جر جالارو،
هاءِ پر هنج اڏري ويا سَر مان.

تون ئي پالڻهار دنيا جو،
هاري هٿ نہ ڪڍجان هر مان!

مون تو ڏانهن وڌايا موتيا،
۽ تو چاقو ڪڍيو وَرَ مان.

ارهہ مٿان چولو چنبڙي پيو،
پاڻي چُلڪي پيو گهاگهر مان.

هُن جا هٿ اکر هِن شايد!
خوشبو آئي آکاڳر مان.

راشد چاڻ پوي ٿي پيئي،
ساري دنيا جي ساغر مان.
*

تنهنجي محفل مان اٿي هاڻ هليا وينداسين،
پئونر آهيون وٺي سُرهاڻ هليا وينداسين.

چشمِ تر آيا هئاسون ۽ چمن مان هاڻي،
ڪٺي اکڙين سندي آلاڻ هليا وينداسين.

چنڊ ڪڪرن ۾ لڪائي، چو چڏيئي چاندوڪي؟
چا تنهنجي چورائي چانڊاڻ هليا وينداسين.

آسرو آهه رڳو رات ڪٽي، پره ڦٽي،
باک جي ڏسندي ئي ڳاڙهاڻ هليا وينداسين.

اسان محبت جا پُڄاري، توکي نيبهه هي هجن،
تنهنجو ترڪش ۽ تنهنجي مياڻ هليا وينداسين.

مٺن ماڻهن کان مٺائي نصيب ٿيندي آ،
ڪاٻه محسوس ٿي ڪوڙاڻ هليا وينداسين.

عزتِ نفس سلامت رهي ته رهنداسين،
ڪانه ڪيڏداسين ڪنهن جي ڪاڻ هليا وينداسين.

پاڻ وڻجارا گهڙي پلڪ مسافر راشد!
رڳو پرجي وهي مهراڻ، هلياويداسين.
*

آهه دل بيتاب کي ڪن خير خواهن جي تلاش،
تو ڪري هر نفس پيو هم نفس ماڻهن جي تلاش!

خط لکڻ جي واسطي پوڳيو اٿم ڪيڏو عذاب،
ڪالهه کان ڪريان پيو موزون لفظن جي تلاش!

تنهنجي زلفن تي اچي، تنهن دم پٽيو ٿي بامراد،
جنهن بہ جوڳيءَ کي هئي، واسينگ نانگن جي تلاش.

سونهن وارن کي اِئين ئي عاشقن جي گهرج آ،
جيئن سخي ماڻهوءَ کي هوندي آهه بُکين جي تلاش.

ٺوڪرون هڻندي ٻٽايئين دل کي چڪنا چور چور،
هاڻ تون چو ٿو ڪرين، شيشي جي ٽڪرن جي تلاش.

خط پڙهڻ کان اڳ ڪري پرزا، ڪيئين پڇتاءُ پوءِ،
هاڻ پَٽ تان پيو ڪري ٿو، ذرن پرزن جي تلاش.

جو هجي همخيال بيشڪ ساٿ سان بنجي شريڪ،
آهه راشد کي سدائين، پاڻ جهڙن جي تلاش.
*

تون اگر چاهين تہ مان لکندو رهان،
ڊوھ کي ڊاهين تہ مان لکندو رهان.

وار وکريل تو ڏسان، وکريو وڃان،
زلف جي ٽاهين تہ مان لکندو رهان.

پَڪَ ڏي پنهنجي حُسن جو سُنهن ڪٽي!
تون اَجهو آهين تہ مان لکندو رهان.

ڇڏ قِصي گو ديوَ ۽ راڪاس کي،
سونهن ساراهين تہ مان لکندو رهان!

آ متي منهنجي تي فرقت جي ٻري،
بار هِي لاهين تہ مان لکندو رهان.

ڇو سُتو پيو آنهہ ٻڙ جي ڇانوَ ۾،
ڳاھ جي ڳاهين تہ مان لکندو رهان.

ڪُوڙ کي هڻ ضرب ڪاري راشدا!
سَچ ساڃاهين تہ مان لکندو رهان.
*

پيڻ کان پو سُرت آئي، پرت جي پيالي ملي،
مئہ بہ متوالي ملي ۽ دل بہ متوالي ملي.

پرهہ جي پياڪن پلاٽيو، ڪير پيئندو اڄ پِڪون،
تنهنجي مستن کي تہ موکي! شهر نيڪالي ملي.

ڪنهن نہ چاتو هو تہ ڪو هيئن ٿيندا مئخانا اجڙ،
جا بہ اڄ اک تي چڙهي، سا آهہ اک آلي ملي.

ٿورڙيون روشن اکيون ٿيون وقت کان جاڳن اڳي،
عام ماڻهن ۾ مصيبت مهل بي خيالي ملي!

منهنجي مفلس حال تي ٿو ٿهڪ ڏئي ٿوکون ڪرين،
مون کي بدحالي ملي ۽ توکي بدچالي ملي.

رازِ دل ڪنهن کي ٻُڌايان راشدا! هن راهہ ۾،
جابہ دل آهي ملي، سا درد کان خالي ملي.
*

تخليقڪار خوب ڪئي تشڪيل حُسن جي،
آئيني اڳيان پوءِ چو تڪميل حسن جي؟

گل ڏسڻ جي لئہ آهي، نہ پيرن ۾ چٽڻ لئہ،
مون کان نہ سَٺي ٿيندي هي تذليل حسن جي.

چشمن کي ڏيان پيٽ ڪيئن چشمن سان پرينءَ جي،
نيڻن ۾ سندس آهہ روان نيل حسن جي!

هُو شاهِ حسن آهہ تہ مان ان جو سپاهي،
ڪرڻي ٿي پوي پَئي مون کي تعميل حسن جي.

هِت جسم ۽ دماغ کپن تازا توانا،
مرضي نہ رکي سگهندا ڪا مرضيل حسن جي.

هي شام سُهاني، هي فضا ۾ سندن ٽوليون،
آهينِ نشاني هِي ابابيل حسن جي.

ان لاءِ تہ راشد مان حسين شعر ٿو جوڙيان،
ٿي وئي آ منهنجي ذهن ۾ تحليل حسن جي.
*

ڏاڍو ٿڪجي آيو آهيان،
رڻ مان گذري آيو آهيان.

سجهان ٿو دَر ساڳيو ناهي،
شايد ڀُلجي آيو آهيان.

اوجاڳن کان ڳاڙهيون اکيون،
جهڙو ڪرِ پِي آيو آهيان.

مندر، مسجد، گرجاگهر کان،
هر هنڌان ٿي آيو آهيان.

زخمي دل جي درد جو دارون،
توکي سمجهي آيو آهيان.

ڪنهن جي سر لئه سانگ رچائي،
جوڳي بنجي آيو آهيان.

بام تان بيهي ڏِسُ نہ تماشو!
ڪيڏو ڦٽجي آيو آهيان.

تنهنجي عشق ۾ زيور پائي،
ڪڙيون لوهِي آيو آهيان.

سونهن متان سر گهور ڪرڻ لئه،
راشدا سنبري آيو آهيان.
*

جي ساقي! مُنهنجي لئہ مُهيا هڪڙو بہ پيالو ٿي ويندو،
سچ پچ تہ سين تڪليفن جو پرپور ازالو ٿي ويندو.

ڪَئي دانهن تہ دل تان بار لٿو،ڪجھ لڙڪ لڙيا، ٿيو هانءُ ٺڏو،
مان خوفزده آهيان اڄتي ڪُوڪڻ بہ ڪشالو ٿي ويندو.

فنڪار تہ آهي ميڻ بتي، جو پاڻ جلي ٿو جوت ڏئي،
جي ميڻ بتيون جهجهيون جلنديون، هر طرف اجالو ٿي ويندو.

دل درد جي آڳ ۾ پچري پئي، چڻ سونُ پيو ٿو اجروٽئي،
ڏسجانءِ اسان جي جيئڻ جو انداز نِرالو ٿي ويندو.

تنهنجي سونهن تي سوچي لکٹو آ، پر ٿوري عمر تہ مواد گهٽو،
ڪوشش جي ڪيم تہ مرڻ کان اڳ هڪ تيار مقالو ٿي ويندو.

پرچاءَ جِي مُند وري ٿي پئي، سرچاءَ جي موسم سانوڻ آ،
پَٽ پُسندا، دليون پِڃنديون، چئني طرف جهڙالو ٿي ويندو.

اڄ عشق ۾ ٿو مان گهور ٿيان، چڻ مفت ملي ٿي مشهوري،
اي موت هلي آ راشد جو هيئن روشن نالو ٿي ويندو.

*

محبت جي دشمن سان پلجي مُروت جون ڳالهيون نہ ڪجان!
ڪِيني، وير، ڪروڌ پريل سان، قربت جون ڳالهيون نہ ڪجان!

گندي ناليءَ جي ڪيڙي ۾، اجرائيءَ جي آس نہ آ،
جو بہ ذلالت ۾ خوش تنهن سان، عظمت جون ڳالهيون نہ ڪجان!

سُورن سان آ سنگت پنهنجي، تڪليفن سان ياراڻي،
مون سان ٿَئي جي گڏجي هلڻو، فرحت جون ڳالهيون نہ ڪجان!

جي آئين! نِڇُ آئين جاني! ويھ تہ ويهي سُورَ سليون،
ويهڻ ساڻُ وڃڻ واريون ۽ فرقت جون ڳالهيون نہ ڪجان!

حال محرم توکي ٿاهيم، حال جو راشد خيال ڪجان!
غيرن سان گڏ ويهي منهنجي، غربت جون ڳالهيون نہ ڪجان!

*

دل جي جذبن سان ٿي سهمت جاڳي ٿي،
مون سان هڪڙي سهڻي صورت جاڳي ٿي.

دليون قبرستان بڻي ويون ماڻهن جون،
شهر خموشان ۾ هڪ تربت جاڳي ٿي!

مُلڪ سڄو ماٺار ۾ ويڙهيو پيو آهي،
ها پر سنڌي ادبي سنگت، جاڳي ٿي!

مينديءَ جي خوشبوءِ لفافي مان آئي،
سمجهان ٿو اڄ منهنجي قسمت جاڳي ٿي.

دودي، درياخان وتو آ روپ نئون،
سنڌين جي اڄ قومي غيرت جاڳي ٿي.

تنهنجي ننداکين اکڙين ۾ آرس آ،
نيڻ نہ کڻ! ڪا نئين مصيبت جاڳي ٿي.

غور سان پڙهہ تہ مصور چوڻ گهري ٿو؟
تصويرن ۾ راشد رنگت، جاڳي ٿي.
*

ڳلڙن سان وارن جون ڳالهيون!
گورن سان ڪارن جون ڳالهيون.

تنهنجي نظرن جون خبرون چڻ،
مُهلڪ هٿيارن جون ڳالهيون.

تنهنجي محفل غيرن سان گڏ هئي،
گلڙن سان خارن جون ڳالهيون.

خواب، حقيقت جهڙا آهن،
ننڊ ۾ بيدارن جون ڳالهيون.

مارئي، وقلي روز ڪندي هئي،
ڏونرن جي ڏارن جون ڳالهيون.

محب ملڻ جو موقعو آهي،
پير جي سومارن جون ڳالهيون.

اهلِ فن جي اوطاقن تي،
فن ۽ فنڪارن جون ڳالهيون.

دل راشد جي، ياد پرينءَ جي،
جهنگ ۾ گلزارن جون ڳالهيون.
*

تڪليف مقدر بنجي وئي، تڪليفن کان لهرايان ڇو؟
جي پيار مُصيبت بنجي ويو، مان پيار ڪري پڇتايان ڇو؟

هِنَ محبت جي مکڙيءَ کي وڏِي، ڪنهن وقت وڏو گل ٿيڻو آ،
خوشبوءِ تہ ظاهر ٿي پوندي، خوشبوءِ کي آنءُ لڪايان ڇو!

ڪو پئونر نہ لذت چاڻي ٿو، جو سوز مليو پرواني کي،
هُت شمع جَلي، هِت پر ڦڙڪيا، مان باهہ کان ساهہ بچايان ڇو؟

محفل، مئخاني،هوٽل ۾، ڪنهن ڪلب يا پڪنڪ، پارڪ ۾،
جِت تون نہ هجين واندو ويهي، مان پنهنجو وقت وڃايان ڇو؟

تعريف جُڳائي سُونهن سندي، جنهن جيئڻ جو اتساهہ ڏنو،
هِن اندلٺ رنگيءَ دنيا کي، بي رنگ پلا مان پايان ڇو؟

مايوس تمنا جي هوندي، اي دل! توکي تحسين هجي،
تو ساٿُ نڀايو راشد سان، گڏ تو هوندي گهبرايان ڇو؟
*

چيو هو ماڻهءِ هٿ جوڙي، منهنجي سرندي ٿي ڪانهي ڪا،
مگر تو وٽ غريبن لاءِ ڪا ورندي ٿي ڪانهي ڪا.

نبل، مجبور، بيوس، بيڪس، مظلوم ماڻهن ڏي،
مصيبت جا ٻه ايندي آ، اها ٽرندي ٿي ڪانهي ڪا.

لڏِي لهرن ۾ ائين پيڙي، وڃي اوڙاهه ۾ هٽندي،
ملاحن کان سوا ڪشتي، صحيح ترندي ٿي ڪانهي ڪا.

تتيءَ کي تؤ نه ڏيو زياده، تپايو تنگدل چو ٿا؟
تپي ويئي جڏهن جنتا، سگهو ٺرندي ٿي ڪانهي ڪا.

ڪبابن جي دَوَنِ کان پوءِ، اَڃئي جي اوڳرائي ڪا،
انهن تي سوچ! جن وٽ باهڙِي ٻرندي ٿي ڪانهي ڪا.

ڏهاڙن چئن جي راحت پٺيان ساري عمر جو غم،
چيائون سچ ته عاشق کي خوشي ڦرندي ٿي ڪانهي ڪا.

زماني ڪيترا گهوگا، گهٽا راشد، ڏنا ليڪن،
اسان جي آس اهڙي آهه جا مرندي ٿي ڪانهي ڪا.
*

حيوان هيس اڳ ۾ انسان بنائي وئي،
محبت جي جذهن ديوي، ديدار ڪرائي وئي.

آئي ته سڄو ڪمرو سرهاڻ سان ڀرجي ويو،
خوشبوءِ ذرو ڏيئي هُوءَ پاڻ چڏائي وئي.

ماضيءَ تي اگر سوچيان، احساس ٿئي زخمي،
ڪهڙيون نہ چڱيون ڳالهيون آ ”ڪالهہ“ لڪائي وئي.

آئي جا سنجها ٽاٽي، سا پره ڦٽيءَ نڪتي،
گهر منهنجو سڄو پنهنجي يادن سان سجائي وئي.

ساڀيان ۾ اها صورت ڳولي نہ لڀي ٿي پئي،
سپني ۾ اچي جيڪا آ چرڪ ڀرائي وئي.

فنڪار ڪئي سهڻي جادوگري لفظن جي،
راشد! مون رُنو ويٺي، رئندڙ کي کلائي وئي.
*

خوبصورت خيالات کي جس هجي،
اي مُصور، سنڌ ذات کي جس هجي!

واهه منظر ڪشي تي ٿري مُرڪ جي،
ههڙي ڪامل محاڪات کي جس هجي!

هڪ جهڙا حسين جنهن ۾ ڏاڙهون ڏنا،
ان پهاڙيءَ جي باغات کي جس هجي.

جيڪا سهڻيءَ کي سيري وئي سِيرَ ڏي،
تانگهه کي،تئونس کي، تات کي جس هجي.

شوق سان نيٺ مَنصور ڦاهيءَ چڙهيو،
عشق کي، جوش، جذبات کي جس هجي!

جنهن مان نڪري پيو فن ڦوهاري جيان،
تنهنجي فنڪار! فڪرات کي جس هجي.

منهنجو رولو فڪر نيٺ يڪجاءِ ٿيو،
راشدا هن خرابات کي جس هجي.
*

اي دل اهو دلاسو دلبو بہ ٿي سگهي ٿو،
هر دم هوشيار رهجان، دوکو بہ ٿي سگهي ٿو!

ظاهر آ، ائڪشن جو نڪري ٿو ڪو نتيجو،
رِي ائڪشن پيارا! ڪيڏو بہ ٿي سگهي ٿو.

چو زهر ٿو پياري، پيڻو ضرور آهي،
مٺڪو بہ ٿي سگهي ٿو، مٺڪو بہ ٿي سگهي ٿو.

هر ڏينهن ۾ چون ٿا ڏھ رنگ ٿو مٽائين،
مان ڪئين مڃان تہ ماڻهو سانڊو بہ ٿي سگهي ٿو.

هن جي جهڪاءَ باري، سوچي ٽٽي سگهياسون،
هيڏو پهاڙ ايڏو هلڪو بہ ٿي سگهي ٿو.

محبوب ڪٽڪ رنگو آهي ڇهاءَ سان پر،
ڳاڙهو بہ ٿي سگهي ٿو، پيلو بہ ٿي سگهي ٿو.

ڦرندو تکو يا ڍرڙو هي زندگيءَ جو ڦيٿو،
موٽر بہ ٿي سگهي ٿي چڪرو بہ ٿي سگهي ٿو.

بيڪار ناهہ ڪوئي، ڪم آڻجي تہ هر ڪو،
جڳ جي مشينريءَ جو پرزو بہ ٿي سگهي ٿو.

گرمي ٽڏيءَ ۾ جنهن سان سر کي ڍڪيون ٿا راشد!
پوتي هجي يا پَٽڪو، جهنڊو بہ ٿي سگهي ٿو.
*

هاڻ حياتيءَ جي تہ اڃي آ سنجها ٿي،
ڇُڙندي ڇُڙندي نيٺ وياسون جُهونا ٿي.

ٻڌجي باب وڃن ٿا سي تاريخ سندو،
عشق ۾ جيڪي مرندا هِن بي ڪفنا ٿي.

تنهنجي نهڪر جي پٿر سان شيشي جيان،
جذبا نازڪ ويندا ٽڪرا ٽڪرا ٿي.

ڏارين جي مارڻ جا پاڻ بہ ناهيون پر،
ڪُڪِ ۾ ڪان هڻن ٿا ماڻهو پنهنجا ٿي.

هِن ۾ هُن ۾ جنهن تنهن ۾ تو پاڻُ پَسان،
ماڻهن جا تہ مُهاندا ويا هِن ڪاوا ٿي.

نيٺ رمارڪ ڏيندس، ترسو ڪيس هلي،
دل جي عدالت ۾ آ داخل دعوا ٿي.

ڪهڙو آهي دوست ۽ ڪهڙو دشمن آ،
وقت اچڻ تي سيئي پوندا پڌرا ٿي.

ماڻي وياسون هيڏي ساري مشهوري،
موري جي گهٽين ۾ راشد رُسوا ٿي!
*

سڄوئي هنڌ ڀُسي ويو هئو برسات ۾ رات،
لڙڪ نيڻن مان لڙي پيا هئا جذبات ۾ رات.

سڄاڳ توڙي هئس خواب ۾ پر گذري آ،
تنهنجي مخمور نگاهن جي طلب تات ۾ رات!

جِئڻ جي مون ڪئي جاکوڙ پِئي گهر کان دور،
مگر تو گهاري آ شبهات ۾ خدشات ۾ رات!

پرين! تپرس نہ ونئي منهنجا ڏسي نيڻ ڀنل،
ائين هرڪائي گذر ٿيندي آ فڪرات ۾ رات.

رهاڻ سور ڏٽين ساڻ رچائي جو هيم،
اضافو خوب ٿيو آهي منهنجي ذات ۾ رات!

مون کي بي گهر ڪيئي، بيچئن کي فوٽ پاٿ نصيب،
ءِ تو فرحت ۾ گذاري وڏي محلات ۾ رات.

گذر ٿئي شامِ غريبان ڪا چڱي اي محبوب!
ڏئين زلفن منجهان خوشبوءِ جي خيرات ۾ رات.

ظلم کان تنگ ٿي دنيا جي غم ڀلائڻ لاءِ،
وڃي راشد کي پئي آهه خرابات ۾ رات!
*

ملي ويندو مشڪل جو حل خوبصورت،
ڪجي دوستو جي عمل خوبصورت .

هجن سامهون جي غزالي اکيون ڪي،
ته تخليق ٿيندو غزل خوبصورت .

زبان ذائقو پيو قبولي ته ڪنهن پر،
چُمي جنهن ڏٺو آهه ڳل خوبصورت .

تنهنجي عشق ۾ ٿي آ وهمي طبيعت،
ڏسان خواب پيو مستقل خوبصورت .

گلابي شرابي، نندائين اکين سان،
لڳي ٿو هُو ويتر ٿڪل خوبصورت.

اٿڻ لئه چوين ٿو، مگر سوچ ساٿي!
چڙيان ڪيئن ميڙو متل خوبصورت.

هلي ماڻجي ڪا ڪراچيءَ جي سانجهي،
گذر من ٿئي ڪوته پل خوبصورت!

سندم هانءُ هر جهلڪو ٺاري رکي ٿو،
حَسين هٿ ۾ آ مورچل خوبصورت.

وڏي وئي آ، اڄ ڪالهه چڪتاڻ ذهني،
پيو دل ۾ راشد! خلل خوبصورت!
*

ڪيڏو ڏُو مان ڀانيان توکي،
ڪيئن اهو سمجهايان توکي!

مرجهائين نہ شرم ڀوڳي جان،
هٿ نہ ڏُو مان لايان توکي.

مان ڀالڪ ۽ تون رانديڪو،
جهوليءَ منجهہ لڪايان توکي.

ڪيڏو تون تہ ڏُڏيرو ماڻهو،
ڪهڙيءَ پر گرمايان توکي.

منهنجي خوابن جا شهزادا،
دل جو شهر گهمايان توکي!

آزاديءَ کي نعمت سمجهين،
اهڙو ساءُ وٺايان توکي.

ڪاش ڏياچ بڻي پئين جاني!
تندن سان ڙپايان توکي.

درد وندن جي ديس ۾ هلئون!
راشد! ساڻ ملايان توکي.

*

# گيت

**گيت گلابي گلڙن وانگي، وايون لال ليارن وانگي،**
**هئہ هئہ ڏاڙهونءَ ڪڻ هي ڏات:**
**ڪهڙي ڪم جي، تون جو ناهين!**

هي پوه جا ساڙو پارا  ڙي!
هي هھڙا سخت سيارا ڙي!
تي ٿار ٺران، پئي سيءَ مران،
او جانب! جيءَ جيارا ڙي!

هڪ بيماري، ٻيو تون نہ هجين،
پرگھور ولهيءَ جي ڪير ڪري؟
هڪ ٿڌ جي ڪري بت ۾ ڏڪٽي،
ٻيو ٻيئڙ تپ جا وارا  ڙي!

هن وقت گرم جي هنڌ هجي،
تنهنجي ٻانهن تي منهنجو ڪنڌ هجي،
منهنجو سرهو هرڪو سنڌ هجي،
هيئن ڪيئن اچن اوتارا ڙي!

پل رات ٺري، پل برف وسي،
تنهنجي ڪوسي ڪچ ۾ ننڊ اچي،
برسات پوي، بجلي چمڪي،
سڀ نيڻن لاءِ نطارا ڙي!

جنهن وقت اتر جو واءُ وري،
تڏ ڀالا هڻندي آهه ڀري،
رت راشد جو جي يار ٺري،
پوءِ پڇتائيندين پيارا ڙي!
*

تون واپس آءُ! تون واپس آءُ!
تون واپس آءُ! تون واپس آءُ!
ڪري ٿي تنگ تنهائي، تون واپس آءُ!

زمانو زور آ مون ڪان، اڇي منهن ڏيڄ دنيا سان!
ڏيان مهڻن سان منهن ڪهڙو، چوان ماڻهن کي ڇاڇا مان!
هلي آ هاڻ هرجائي! تون واپس آءُ!

لکيم خط آب ڳل آڻي، اٿي آڏيءَ رنم هاڻي،
بهاري ٿي اچين دلبر! ته دلڙي تازگي ماڻي،
ويو آ غم اندر ڪائي تون واپس آءُ!

ڦٿايئي يار چؤ ياري، ته ڳڻتين جانِ آ ڳاري،
مريض-عشق جي اڄ ڪلهه، وڌي وئي آهه بيماري،
آمنزل موت جي آئي، تون واپس آءُ!

مٺا اڄ موت آيو آ، مون کي پورڻ جو سعيو آ!
عزيزن چاڻُ راشد جو جڏهن توکي ڪرايو آ،
ٿجان پيڙو پتر پائي، تون واپس آءُ!
*

آ پهچ سگهو دلدار! ڏي آڌار
وڇوڙو ماري وجهندو.

رات ٻہ روئي توکي پڪاريم ڦٿڪي ڪيم فرياد
شاد هجين آباد او مٺڙا! دانهن جو ڪر داد
ٿــا وڌنــدا وڃــــــن آزار او مـنـــــٺـار!
وڇوڙو ماري وجهندو.

هيٺي من جو حال ڏسي وڃ آهہ ضعيفي زور
تون ئي منهنجي طاقت آهين توريءَ مان ڪمزور
ڪيئن جيئندا هـــي بيمـــــار تـــــوکان ڌار
وڇوڙو ماري وجهندو.

آءُ وري هڪوار اچي ڏي دلداري دلدار!
موت جدائيءَ ۾ ٿيو منهنجو سهندين لوڪ ميار
ٻُــــــڌ راشـــــد جا اشعــــار ڪر ويچـــــــار
وڇوڙو ماري وجهندو.

*

گهڻا ڏينهن لاءِ وڃي ڏور ڍولڻ!
هلي آ ته سڀ غم ٿئي دور ڍولڻ!

جَوَنِ، ڪڻڪ جو کُنيُ ڪَتبو رهي ٿو،
ٻيو لوبُ لوسڻ جو وڍبو رهي ٿو،
ٻنين ۾ آ پکڙي پيو نور ڍولڻ!
هلي آءُ....
پرين ڏِس ته پارو اَڪن کي ٿو ساڙي،
اڪيليون هِي راتيون الاڙي، الاڙي!
پوي تنهنجو پلپل پيو پور ڍولڻ!
هلي آءُ....
الا تَهُ سيارو، اتر جون هوائون!
اچي ڏِسُ ٿيان ٿي ٺري ٺپ آئون،
ٿيا سنڌ ساٿا ۽ لِڱ چُور ڍولڻ!
هلي آءُ....
اچڻ لاءِ تنهنجي مون باسيون سُکائون،
وري مند موٽي نه آئين اجان تون،
جهليو آهه ٻيرين وري ٻور ڍولڻ!
هلي آءُ....
لهي سارَ ڏسجي لڳائي چڱائي،
وڇوڙي ۾ راشد! عُمر وئي اجائي،
جوانيءَ ۾ آهيون ٿيا جهُور ڍولڻ!
هلي آءُ....

هئہ هئہ هي چانڊوڪيءَ رات،
ڪهڙي ڪم جي، تون ناهين!

گيت گلابي گلڙن وانگي، وايون لال ليارن وانگي،
هئہ هئہ ڏاڙهونءَ ڪَڻ هي ڏات:
ڪهڙي ڪم جي، تون جو ناهين!

سنڌو آهيان ڇڻ سانوڻ ۾، ٻوڏ ڪيان واهڻ واهڻ ۾،
هيڏي طوفاني جذبات:
ڪهڙي ڪم جي ، تون جو ناهين!

باغ ۾ آهہ بهاري ٿي وئي، سرهي ٿاري ٿاري ٿي وئي،
بلبل ۽ ڪوئل جي لات:
ڪهڙي ڪم جي، تون جو ناهين!

راشد خوش آتنهنجي ذڪر ۾، ايندو ڪوبہ نہ فرق فڪر ۾،
ٻي هرڪا دنيا جي بات:
ڪهڙي ڪم جي، تون جو ناهين!

*

آڌي رات لڙي وئي آهي، ڪين اجان تي ننڊ اچي،
ڪاش! اچي ڪا پلڪ سکن جي، ڪاش! گھڙي ڪن اک جھپڪي!

جيئن هرڻ ڪو رُڃ ۾ پٽڪي، جيئن پکيءَ کي تير لڳي،
جيئن ڪا ڪُونج ولر کان وڇڙي، جيئن ڪا بلبل بند ڪجي،
مان بيتاب ائين جيئن ڪائي پاڻيءَ ري ڪرڙي ڦٽڪي!

ساهه لڳو پيو آهي ساجن! اوسيئڙي ۾ هيٺ مٿي،
سج لهڻَ سان روچ شروع ٿيو، ڪين ختم ٿيو چنڊ لٿي،
آءُ! هلي اچ، چو ته سياڻي، ڪير مري ۽ ڪير بچي!

پُونءِ پلاري پاڳين واري، تنهن تي چا لئہ پينگَ وسي،
ڪو ته هجي جو ڏات ڏکيءَ کي، جيئڻ ڪارڻ ڏانءُ ڏسي،
راشد جون ڪر راس اميدون، راضي ٿيءُ ته رنگ رچي!
*

نشانين ڏي تنهجي نهاري نهاري،
ڪنيم ساهه ٽڏڙا، گرم لڙڪ هاري،

ڪٿولي تي ڪولي خطن کي ڪنديڙي،
۽ تصويرون تنهنجون به ٽيڙي پڪيڙي،
پنهنجي پر ۾ تنهنجون ڳالهيون پچاري،
ڪنيم ساهه ٽڏڙا، گرم لڙڪ هاري!

ڪنياتا! خبر ڪر پرين اڄ اچي ٿو،
تنهنجي نانءَ تي ڪانءُ ٽپڪي ڏئي ٿو،
دلاسن تي دل کي ڏتاري ڏتاري،
ڪنيم ساهه ٽڏڙا، گرم لڙڪ هاري!

جڏهن چنڊ پنهنجو ٿو جوين پسائي،
تنهنجي ياد مون کي اچي ٿي ستائي،
اٿي رات آڌيءَ پڪاري پڪاري!
ڪنيم ساهه ٽڏڙا، گرم لڙڪ هاري.

ڪري ياد ماضي، امن جا ڏهاڙا،
وڇوڙي ۾ راشد! ڪيم روڄ راڙا،
جي خوشيون ختم ٿيون انهن کي سنياري،
ڪنيم ساهه ٽڏڙا، گرم لڙڪ هاري!

*

ملين تہ دل کي درد رسائين، جي نہ ملين تڙپائين:
توکي چا ٿيو آ ---!

پهريان پيار ڪرڻ لئہ آتو، پاڻهئي پاڻ ڳنڍين تون ناتو،
ڪاش مون کي سمجهائين! چو ٿو پيار ڪري پڇتائين:
توکي چا ٿيو آ ---!

دل جو شيشو ٽڪرا ٿيندو، ڪير اهي ٽڪرا ميڙيندو،
چا جي لئہ ٿو نازڪ شيءِ کي اهڙي چوٽ رسائين:
توکي چا ٿيو آ ---!

’راشد‘ کي تو رڻ ۾ روليو، عاشقَ ٻاڙو پو بہ نہ ٻوليو،
تو لئہ ساڳيا جذبا آهن، موٽي آ تون سائين:
توکي چا ٿيو آ ---!

*

اي نيڪ دِل فرشتا!
شيشي گرن جيان تو، جوڙي آ دل شڪستہ --!

ٻيڙي هُئي ٻڏڻ تي، توئي اچي سا تاري،
ڪهڙيءَ طرح ڪيان مان تنهنجي شڪر گذاري،
دربار ۾ مان تنهنجي، دربان دست بستہ --!

ويڄن جي درن تي ڪئين، جهلڻا پيا ڌڪا ها،
بيمار ذهن جي لئہ بنجي پئين مسيحا،
دل هئي ٽڪر ٽڪر ۽ جاني جگر بہ خستہ --!

ٻيڻا ڏنا دنيا غم، چئوڻي خوشي ڏني تو،
ڀرپور ڏئي سهارو، نئين زندگي ڏني تو،
ٽوڙيا جڏهن قريبن، راشد سان ناتا رشتہ --!
*

تنهنجي پيار ۾ سج ايري ٿو وڃي،
ائين ڏُنوي غم گذري ٿو وڃي --!

ڪم ڪان جڏهين ڪڪ ٿي ٿو پوان،
ڪڙهجي ٿو پوان، ٿڪجي ٿو پوان،
تنهنجي جهوليءَ ۾ ته سمهي ٿو پوان،
سڀ سورُ ٿڪ وسري ٿو وڃي--!

هونئن بت تي پئي ٿي باهه ٻري،
تون هٿ ڦيرين رڳ رڳ ٿي ٺري،
توکي ور ور ڏئي دل دعا ٿي ڪري،
جڏ تپ بت مان نڪري ٿو وڃي--!

مان سونهن ته تون سينگار آهين،
مان خوشبو تون گلزار آهين،
تون راشد جو ٿيو يار آهين،
هر مشڪل سان نبري ٿو وڃي--!
*

جڏ ڏسان ڪو پئونر گل مٿان،
دل چوي ٿي گيت ڪو لکان--!

اڄ صبح سان هوس باغ ۾،
ياد تنهنجي دل دماغ ۾،
ڪاش گل هجين تون، پئونر مان،
دل چوي ٿي گيت ڪو لکان--!

شام جو جڏهن شمع جلي،
پتنگ ٿا سڙن لڳي گلي،
تون شمع هجين تہ مان جلان،
دل چوي ٿي گيت ڪو لکان--!

آه هو ڪٿي ۽ مان ڪٿي،
راشدا! رئان ٿو سج لٿي،
ڪيئن ملي چڪور چنڊ سان،
دل چوي ٿي گيت ڪو لکان--!

*

ڏاڍي ڏکي ٿي مون لئہ سڄڻن جي موڪلاڻي،
دل درد سان ڀريل آ اکڙين آھ پاڻي--!

ھي صبح ھي ٻپھريون، ھر روز جون ڪچھريون،
راتين جون محفلون ۽ شامون اھي سنھريون،
ھي راڳ روز وارو، عادت سندم پراڻي--!

البم تي تنھنجو فوٽو، اھڙيءَ طرح لڳايم،
سھڻن سين جي وچ تي، سھڻو ڪٽي سجايم،
تصوير تنھنجي ٿي پئي، چڻ آھ راڄ راڻي--!

يا منٿ مڃ نہ وڃ تون! يا جلد موٽجان تون!
’راشد‘ اڳي مري تہ ناراض نہ ٿجان تون!
مون تي متان ڪڏھن تون ڪائي ميار آڻين--!
*

دل جي ويران رڻ تي ڪڪر بانورا !
ٽورڙو ئي وسين ها تہ ڇا ٿي ٿيئہ ––!
سانورا! تون گهڙي ڪن، سڙيءَ دل مٿان،
ڇانورو ٿي رهين ها تہ ڇا ٿي ٿيئہ ––!

منهنجي پوڄا ڏسي ديوتا ٿي وئين،
پنهنجي پوڄا ڪندڙ ڪان جدا ٿي وئين،
مان بہ ماڻهو هيس منهنجي دلجاءِ لاءِ،
تون بہ انسان ٿين ها ڇا ٿي ٿيئي––!

هو ارادو پڪو مون ڪيو مرڻ جو،
شوق جاڳي پيو آ وري جيئڻ جو،
مون ٻڌو آ تہ اڄ هو پڇڻ ٿو اچي،
موت! ٽارو ڪرين ها تہ ڇا ٿي ٿيئي––!

ڪيترا حسرتن جا ڦٽن گؤنچ ها،
ڪوڙ آسن جون مڪڙيون ٽڙي ٿي سگهيون،
منهن جي دل جي گلستان ويران جو،
باغبان ٿي رهين ها تہ ڇا ٿي ٿيئہ ––!

منهنجي وندر جو باعث ٿي بڻجي سگهي،
ڪائي تصوير تازي هجين ها ڪٿي،
فون تي جي ٻه ڳالهيون ته پيو ڪرين،
ڪوئي خطڙو لکين ها ته ڇا ٿي ٿيئه --!

تون ڪلين ٿو ته ڇڻ گل نڙي تا پون،
ماڻ تنهنجي خزان، گل ڇڻي تا پون،
تو جي ’راشد‘ کي روئندي ڏٺو هو پرين!
ٿورو مرڪي پوين ها ته ڇا ٿي ٿيئه --!

*

# نظم

**منٺ ڪيان ٿو موٽي آ تون، نڪري ويندو ساهه:**
**تہ، بنجي ويندس بي پرواهه!**

## بنجي ويندس بيپرواهه

منٿ ڪيان ٿو موٽي آ تون، نڪري ويندو ساهہ
تہ بنجي ويندس بي پرواهہ !
هِنَ هُنَ جي ڪاڻ ڪڏان ٿو،هاءِ اڪيلو هانءُ !
ڏينهن سياڳو ايندو، ٿيندو تنهنجو منهنجو ٺاهہ :
تہ بنجي ويندس بيپرواهہ !
ڏَپُ عقل کي آهہ،عقل آ تيسين جيسين ڏؤ !
پورهئي جو نہ اجورو ملندو، بک کان ٿيندس پاهہ .
تہ بنجي ويندس بي پرواهہ !
دودو، دولهہ،هوشو،هيمون، بڻجن منهنجا يار،
شامل حال رهيو جي مون سان چئن چڱن جو چاهہ :
تہ بنجي ويندس بي پرواهہ !
ڪارونجهر جي ڪورتي جهڙو آنءُ اڪيلو مور،
آءُ مسيحا ! مُرده مارن، سانگين ۾ پيو ساهہ :
تہ بنجي ويندس بي پرواهہ !
ذاتي ملڪيت آهہ اجا ڪجهہ، جنهن جو اونو آهہ،
پورِيءَ طور جڏهن اي راشد! ٿيندس آءٌ تباهہ :
تہ بنجي ويندس بي پرواهہ !
*

## پڇرندو منهنجو آهي مَنُ

هن قوم جي ڪِن ڪِن ڳالهين ڏي، جي ڏيندو آهيان ڪَنُ:
پڇرندو منهنجو آهي مَنُ.
چار ورهيہ جا اڳُ ساماڻي، ڇهن ورهين جي ڇوڪرَ ماڻي،
سورهن سالن جي هڪ سياڻي، جهور وڏيري جي پَٽ راڻي،
ڪکَ ڪُراڙي جي ڪچ ۾ جي جلندو آجوين،
پڇرندو منهنجو آهي مَنُ.
جن جي گنديءَ ۾ ڪي داڻا، تن جا چريا، پُوڪ سياڻا،
پوتارن جا پريل پاندا، اَنَ داتا جا پينگيا پاڻا،
هاريءَ جي گندڙي مان جڏهين، ڪتندو آهي اَنُ،
پڇرندو منهجو آهي مَنُ.
بابن ڏاڏن ڪي ساراهي، ڪوڙا ٺاهه ٺڳيءَ جا ٺاهي،
پورهئي کان آ نفرت هِن کي، پنڻ پُنيان پيو لاهي پاهي،
پِير شرابي، نيڪ مريدن کان وٺندو آ ڏن،
پڇرندو منهنجو آهي مَنُ.
سَرمائي جي سوپ سدائين، غربت ڳهلي ڳوپ سدائين،
ماڻهو، ماڻهوءَ کي ٿو کائي، لالچ لوڙهيو لوپ سدائين،
سُور سماجي سهندي سهندي، ٻَلِ چڙهندو آ فن،
پڇرندو منهنجو آهي مَنُ.

جڏهن ٻه خرچ ڪتابن جي لئہ، ڇورو ٻارُ ڪو پئسن جي لئہ،
سُور مٽي جو ٻٽبو آهي، راشد! مامن، چاچن جي لئہ،
ڏسندو آهه پڙهڻ ويندا هِن، ٻيا سڀ هن جو سَنُ،
پڇرندو منهنجو آهي مَنُ.

*

# آءٌ وڏو ڏوهاري آهيان

سچ کي هر دم سچ چوان ٿو، ڪوڙ تي ڪلمو نہ پڙهان ٿو،
حقدارن لئہ حق گهران ٿو، مقصد ڪارڻ جيان مران ٿو،
جيڪو حق جو باغي آهي، وار انهي لئہ ڪاري آهيان!
آءٌ وڏو ڏوهاري آهيان!

لار نہ ڪنهنجي لڙڪان ٿو، جهندبو بنجي ڦڙڪان ٿو مان،
پنيٺ بنجي پڙڪان ٿو مان، ڪُوڙ جي ڪنڌ تي ڪڙڪان ٿو مان،
تيلي تيلي، شعلو شعلو، ماچيسن جي ڦاري آهيان!
آءٌ وڏو ڏوهاري آهيان!

ڪُوڙو مون آڏو نہ ڪڇي ٿو، دل ۾ ڏاڍو سڙي لڇي ٿو،
مُنهن تي ڪڏهين ڪجھ نہ چوي ٿو، پر پرپُٺ منهنجي لاءِ پڇي ٿو،
ڪهڙي باغ جي مورِي آهيان، ڪهڙي وڻ جي ٽاري آهيان!
آءٌ وڏو ڏوهاري آهيان!

سچ چوان ٿو، مچ مچن ٿا، مون تي ڪوڙا ڪيس ٿين ٿا،
غندبن جا ٽولا بہ اچن ٿا، لوڪ ٻڌي ٿو، بڪ بڪ ڪن ٿا،
آءٌ مڙن سان منهن ڏيندو هان، ڪين ڪندو مان زاري آهيان!
آءٌ وڏو ڏوهاري آهيان!

مشڪل ۾ جو يارَ ڏسن ٿا، ڏاڍو مون کان ونءُ وڃن ٿا،
ڏک ۾ ڪوبہ نہ ڏڍُ ڏين ٿا، مرڳو ڇڇيو ڏار ٿين ٿا،
پنهنجا ٻي مون کان تہ ٿهن ٿا، ڪِکَ جي ڇڻ ڪا ڪارِي آهيان!
آءٌ وڏو ڏوهاري آهيان!

پوليس وارو مون لئہ آقا، مون لئہ آفيسر داروغا،
مون کان مير وڏيرا ڏاڍا، پيرن جا پِٽَ ۽ پاراتا،
هرڪو مون تي آڪڙجي ٿو، ڇو تہ مان پورهيت هاري آهيان!
آءٌ وڏو ڏوهاري آهيان!

هاءِ زمانا! تو آڪڙجين، مون کي هاءِ سماج نہ سمجهين ،
ڏوڙ جي ڍيريءَ ۾ تو وهنجين، ڦلهيارن ۾ ڦوڪون تو ڏين،
اڏري پوندو سانءِ اکين ۾، راشد! مڇ جي ڇاري آهيان !
آءٌ وڏو ڏوهاري آهيان!

*

# سوچيان ٿو انجام تہ آخر ڇا ٿيندو!

ڏينهن سڄوئي نينهن نچائي، شام صبح ڦيرا پارائي،
رڻ ۾ منجهند ٿاڪ رلائي، ڪاڙهي ۾ مون ڪي ڪاڙهائي،
راتين جو آرام ڦٽائي، ٿيندي ننڊ حرام تہ آخر ڇا ٿيندو؟!
سوچيان ٿو انجام تہ آخر ڇا ٿيندو!!

هڪڙي ئي مجنونءَ سان جهيڙي، شهر سڄو پيو پٽر ميڙي،
واڇون ٽيڙي، ڏند پڪيڙي، هرڪو ديواني کي ڇيڙي،
باقي دوست رهيو هو، تنهن بہ مڙهيو الزام تہ آخر ڇا ٿيندو؟!
سوچيان ٿو انجام تہ آخر ڇا ٿيندو!!

عشق حدون اورانگهي ويو آ، بحر جو پاٽي تانگهي ويو آ،
جهنگ سڄي کي ڇانگي ويو آ، ڏانهن گلاجي گهانگهي ويو آ،
عزت وارو هوس دنيا ۾، بره ڪيو بدنام تہ آخر ڇا ٿيندو؟!
سوچيان ٿو انجام تہ آخر ڇا ٿيندو!!

جان جو ويري جاني آهي، ها پر دل ديواني آهي،
راشد مجنون ثاني آهي، ليلىٰ جي نيشاني آهي،
عاشق ۾ رت آهي ڪاٿي، خون جو ڏيندو جام تہ آخر ڇا ٿيندو؟!
سوچيان ٿو انجام تہ آخر ڇا ٿيندو!!

*

# ڪيئن لڪجي!

ڪا چوٽ لڳي ته لکي ونجي، ايذاءُ رسي ته لکي ونجي،
هونئن ڪيئن لڪجي، هونئن ڪيئن لڪجي؟!

آ ڏينهن سڄوئي وٺ وٺان، ۽ پيٽ ڀرڻ لئه پيو لوچيان،
ڪا شام ٿئي ته لکي ونجي، ڪا واند ملي ته لکي ونجي!
هونئن ڪيئن لڪجي، هونئن ڪيئن لڪجي؟!

ٿي بجلي بند آ چندڊ لٿي، هِنَ اونداهيءَ کي ڪير ڪٽي؟
ڪا لاٽ ٻري ته لکي ونجي، ڪا جوت جلي ته لکي ونجي!
هونئن ڪيئن لڪجي، هونئن ڪيئن لڪجي؟!

هيءَ رات انڌيري طوفاني، هر ڪنهن کي آهي حيراني،
هيءَ رات ڪٽي ته لکي ونجي، ڪا باک ڦٽي ته لکي ونجي!
هونئن ڪيئن لڪجي، هونئن ڪيئن لڪجي؟!

جي دل ۾ نئون جذبو اڀري، ۽ راشد! ڪو احساس اٿي،
ڪو سهنجُ ٿئي ته لکي ونجي، يا غم اٿلي ته لکي ونجي!
هونئن ڪيئن لڪجي، هونئن ڪيئن لڪجي؟!
*

# ڪنهن لاءِ وينو گيت لکين!

پريت جي هت ڪو ريت نہ چاٽي، ماڻهو ماڻهوءَ کي نہ سڃاڻي،
آب اکين ۾ پنهنجي آڻي، گيت لکين ٿو آڌيءَ ٽاڻي،
لوڪ سمهي پيو چادر تاڻي، ڪيسين تائين رئندين هاڻي؟
ڇو نہ وڃي ٿو ننڊ ڪرين؟
ڪنهن لئہ وينو گيت لکين!
هي ڇا هي؟ هي آهي سُرندو! او سائين! هي سُرندو ڇرندو؟
ها، ڇرندو پر ڪي ڪجهہ گهرندو، سِر گهرندو، ٻوليندو، پُرندو،
توڙي حقُ هنئين ۾ هُرندو، پوءِ بہ ٻاڙي ٻچندو پرندو:
ڇو ٿو سِر جي آس رکين؟
ڪنهن لئہ وينو گيت لکين!
ڪنهن سان ديد لڙائي وينين، ڪنهن سان دِل ڦاسائي وينين؟
پنهنجا سُک ڀُلائي وينين، هيڏا سُورَ پرائي وينين!
دل ۾ سوز سمائي وينين، پنهنجي ننڊ ڦٽائي وينين:
ڇو نہ سبق ٿو يار سکين؟
ڪنهن لئہ وينو گيت لکين!
خود کي تو بيمار ڪيو آ، بر سر بدين بار ڪيو آ،
ڪڏهين تو ويچار ڪيو آ؟ پٿرن سان تو پيار ڪيو آ!
پاهڻ ڪو اقرار ڪيو آ؟ ڪنهن تي تو اعتبار ڪيو آ؟
راشد وينو روز رڙين!
ڪنهن لئہ وينو گيت لکين!
*

# زمانو منجي ويو آهي

ڏک ۾ ڪو به نہ ڏڏُ ڏِئي تو، سُک ۾ سب شامل،
اِڙي او دل! سنيالي هل! زمانو منجي ويو آهي.

هتي آ قيمت وارو ڪجُھ، اکهامِي ڪونہ سگهي تو سَچُ،
اِڙي دِل! بي ترسيءَ کان بَچُ، اجاين پُورن ۾ تہ نہ پچ،
وري آ، ماڳين موتي اچ!
قرب ڪسيري ڪونہ وِڪامي، محبت جو بہ نہ مُل،
اڙي او دل، سنيالي هل! زمانو منجي ويو آهي.

اڳي جي مصريءَ جي ها تڙ اهي ٿيا وِهُ جي هاٽي هَٽَ،
ڪَٽي وَئي پيار پرت جي جَڙ الا! هي هَٽَ هَٽَ منجهہ امڙ،
ويا سب يُلجي يارَ يَلڙَ !
ماکيءَ کان وڌ منڙا ماٺهو، زهر ٿيا قاتل،
اڙي او دل، سنيالي هل! زمانو منجي ويو آهي.

الا! هِي اجرو اجرو تَنُ، الا هِي ميرو ميرو مَنُ،
الا! هِي شهر بہ جهڙو بَنُ، جِتي سُک ناهي ڪو پل کن.
پچي ۽ پچري پيو ٿو فن.
هاءِ حياتي هاجي ۾ آ، ڪانهي هڙ حاصل،
اڙي او دل، سنيالي هل! زمانو منجي ويو آهي.

جهليا ڪڏهين ڇا انب اَڪن؟ ڏنا ڪٿ ٻير ڪڏهن ٻيرن؟
ڪنيا ڏِسُ ڪندا ساڻ گلن! اجايو ڇا لئہ هٿ ڇلجن.
مگر هي سمجهو ڪي سمجهن.
عاقل آهہ عذاب ۾ اڄ ڪلهہ عيش ڪري جاهل،
اڙي او دل،سنيالي هل! زمانو مٺجي ويو آهي.

الا! هِي هوڪا هوڪا هَٿَ، الا هِت ڪوٺا ڪوٺا وَٿَ،
الاڙي! جهاٺو ڏيندا جهٽَ، گهڙِڻ ٺا گهاٽَ جهلن ٺا گهٽ،
ڇِڪن ٺا چاڪ، جهُرن ٺا ڦٽ.
دنيا، ڇڻ تہ لتاڙي پيئي انڌِي گهوڙِي ڪَلُ،
اِڙي او دل، سنيالي هل! زمانو مٺجي ويو آهي.

وڏي وئي چوڏاري اونداهہ وٺان مان راشد ڪهڙي راهہ ،
ٻُڏن ٺا ٻُوسٽ ۾ ڪي ساهہ دلين ۾ نفرت جا درياهہ ،
غمن جي ڇولين جي ٻَجَ ڊاهہ !
قرب جي ڪِشتي طوفانن ۾، دُور ٺيو ساحل،
اڙي او دل ، سنيالي هل! زمانو مٺجي ويو آهي.
*

## ضمير ڇهندڙيون هنيون!

جڏهن به سوچيم: ته آءٌ ڇا ڪيان، ۽ ڇو ڪيان،
ٻين سان ڇا وڃي، رڳوئي پنهنجو ڀلو ڪيان،
نفعو پويمِ پاڻ کي، ته ڪم رڳو اهو ڪيان،
جڏهن به سوچيم، ته پاڻ لاءِ ڇو ڏچو ڪيان:
ته ذهن ۾ سُيون لڳيون،
ضمير ڇهندڙيون هنيون.
جڏهن به سوچيم: ته آءٌ پاڻ کي سُکيو رکان ،
نه ڏيهه جي ڏکن ڪري، ته پاڻ کي ڏُکيو رکان،
ٻين لاءِ بهشت ٺاهيان، ۽ پاڻ کي ڏُکيو رکان،
جڏهن به سوچيم، ته پاڻ کي به ڇو بُکيو رکان:
ته ذهن ۾ سُيون لڳيون،
ضمير ڇهندڙيون هنيون.
جڏهن به سوچيم، ته قوم لئہ لکان ته ڇو لکان،
۽ باهه ۾ ٻين جي، پاڻ کي وجهان ته ڇو وجهان،
رُڳو نہ مون تہ بار آهہ جي سچ چوان، تہ ڇو چوان،
جڏهن به سوچيم، مصيبتون سهان، ته ڇو سهان:
ته ذهن ۾ سُيون لڳيون،
ضمير ڇهندڙيون هنيون.

جڏهن  بہ سوچيمہ تہ آءٌ ڇو ڪيان، ۽ ڇا ڪيان ،
جي قوم آهہ ننڊ ۾ تہ مان بہ ڇو جفا ڪيان،
غريب پاڻ، پاڻهئي، پيدا نہ ڪربلا ڪيان،
ڇيم تہ ڪنڊ ۾ رهي، رڳو ”خدا خدا“ ڪيان:
تہ ذهن ۾ سُيون لڳيون،
ضمير ڇهنڊڙيون هنيون.
جڏهن بہ سوچيمہ تہ عمر عيش ۾ گذارجي،
۽ پانهنجي ئي زندگي، سنوارجي، سڌارجي،
مزي جون جنتون ڇڏي، نہ دوزخن ۾ گهارجي،
ٻيو ٻڏي تہ پل ٻُڏي، رڳوئي پاڻ تارجي؛
تہ زهن ۾ سُيون لڳيون،
ضمير ڇهنڊڙيون هنيون.
۽ جڏهن سوچيمہ ٻين جي لئہ مُصيبتون سهان،
پلي تہ مان سڙان، پچان، ٻين کي سُک ڏئي سگهان،
ٻيو اچي نہ ڪو، تہ مان ئي راشدا اچان!
پلي تہ سِر وڃي سندمہ پلي تہ آءٌ دم ڏيان:
تہ ذهن چڻ ٺڙي پيو،
ضمير واهہ ڪئي!
*

# مون کي ياد ڪندو ڪر!

مون ڏاڍ جا ڏونگر ڪٽيا، جا واٽ آ تاهي،
ان واٽ تان گذرين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر.
ڪٽڪو نہ هُجي ڏينهن جو يا رات جو الڪو،
بي خوف ٿي نڪرين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر!

جوکي ۾ وڌم جيءُ ڪيم جنگ امن لئہ؟
انياءَ سان اٽڪين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر.
هر گهاوَ مٿان گهاوَ سهي، اف نہ ڪئي مون؟
جي ويڙه ۾ ڦٽجين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر!

هر جاءِ جدوجهد، هر جاکوڙ ۾ شامل،
ڪم ڪار کان وِرچين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر.
راهي ! تو ڏٺو آهه مون ساهي نہ کنئي آ،
جي راهه ۾ ٿڪجين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر!

پنهنجا بہ جڏهن توسان رکن ويرُ ۽ ڪينو،
ڪنهن سور کان سڏڪين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر!
يوڳي مون جنهين درد جي پيڙا آ عمر پر،
تنهن درد کان ڦٿڪين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر!

اي واٽ مسافر! تون ڪڏهن منهنجي قبر ڪان،
ڀُلجي به جي گذرين ته مون کي ياد ڪندو ڪر!
جو سبق سچائيءَ جو ڏنو آهه مون راشد!
سو سبق جي سمجهين ته مون کي ياد ڪندو ڪر!
*

# راشد ٿي نہ اُداس!

پنهنجي محنت جو مَنَ ڪنهن کي پيدا ٿئي احساس،
سرهو باغ لڳايون، وڻندا ايندڙ ويندڙ واس.

پنهنجي پورهئي تي پلجي ٿي پيئي دنيا ساري،
پوءِ بہ پنهنجي گهر ۾ غربت جي آهي انڌاري،
صبح ڇٽي کي جنم ڏئي ٿي، هر هڪ رات اماس.

هٿ ڌرميءَ وارن جو هاڻي ڇاڻ ختم ٿيو وارو،
ڪوڙ ڪوهيڙو گم ٿي ويندو، ٿيندو سچ سوپارو،
ڏور افق ڏي ڏس تہ نمي پيو ڌرتيءَ تي آڪاس.

لايا نيٺ سجايا ٿيندا، پوريون ٿينديون آسون،
پرندا ٿرندا ڪونہ ڪڏهن هي جيڪي قول ڪياسون،
دل دل ۾ ڪا جوت ٿي جرڪي، اک اک ۾ الماس.

دل کي ڪر درياه پيارا، گهار بڻي وڏ–گردو،
مايوسيءَ کي مات ڪري ڇڏ، ڏک تي هيري هردو،
وقتي گهٽ ۽ ٻوسٽ تي تون راشد ٿي نہ اداس!
سرهو باغ لڳايون، وڻندا ايندڙ ويندڙ واس.

*

## چؤُ چا لکان!

چؤُ چا لکان، ڪنهن تي لکان،
جيڪي چوين، منهنجا پرين،
جنهن تي چوين، تنهن تي لکان،
چؤُ چا لکان؟
ڪنهن ڏيءُ جي اوگهڙ تي لکان، تربت مٿان پَٽَ تي لکان،
ڏَنَ لاءِ ڏوڪڙ تي لکان، يا پِيرَ جي وَٽَ تي لکان،
ڪنهن خون جي ڏٽ تي لکان، يا جُرم جي جَڙَ تي لکان،
چؤُ چا لکان؟
ڀُونگر جي ڀُونگيءَ تي لکان، رئيسن جي ماڙيءَ تي لکان،
پورهيت جي پيرڙا تي لکان، ڪمدار ڀاڙيءَ تي لکان،
هاريءَ جي ٻچڙن جو لڇڻ، ڏسڪڻ ڏِهاڙيءَ تي لکان،
چؤُ چا لکان؟
مزدور محنت تي لکان، يا ان جي اجرت تي لکان،
ڪنهن مِل جي مالڪ تي لکان، ماڻهن جي غربت تي لکان،
ڪنهن عيش عشرت تي لکان، نيلام عزت تي لکان،
چؤُ چا لکان؟
ڳاڙهن ڳلن، چاندي بدن، ڪارن يا ڪوجهن تي لکان،
ڪي پيٽ پُٺين سان لڳل يا پيپ پرين تي لکان،
چؤ! ست رڇي ڪنهن طعام تي يا رُکن ڍوڍن تي لکان،
چؤُ چا لکان؟
ڪنهن تي لکان؟

*

# اي چنڊ! توکي ڇا ڇوان؟

اي چنڊ توکي ڇا ڇوان!

ڪين ٿو ڄاڻين اسان جي درد دل کي اي ميان!
اڀ تنهنجو آستانو، ڌوڙ ڌرتيءَ جي اسان،
تون ٻہ ٿو ڏورئون ڏسين ۽ مان ٻہ ٿو ڏورئون ڏسان،
جي هجين ويجهو تہ پو ڏاڍا ڪي ڏوراپا ڏيان،
اي چنڊ! توکي ڇا ڇوان– اي چنڊ! توکي ڇا ڇوان!

روشنيءَ جو شهر تون، اونداه جو هان بحر مان،
منهنجا ويري ڪوڙ آهن، تنهنجا تارا رازدان،
زندگيءَ جو زهر مان، سقراط ٻنجي ٿو پيان،
ڪونہ ڪجھ توکان پڇي ڪو، مون تي هر هر امتحان،
اي چنڊ! توکي ڇا ڇوان– اي چنڊ! توکي ڇا ڇوان!

تون سدا خوش ٿو رهين، خوش ٿي کلين منهنجي مٿان،
ٿو سڙان دل ۾ پچان، پر ڪونہ ٿو ڪنهن سان ڪُڇان،
جي نہ چڙ توکي لڳي، مان سوال هڪ توکان پڇان،
ڪڏهن ڪو ڳوڙهو ڳڙيئي،ٿيو ظلم مظلومن مٿان،
اي چنڊ! توکي ڇا ڇوان– اي چنڊ! توکي ڇا ڇوان!

آءٌ صدين کان پيو ٿو بي رُخي تنهنجي ڏسان،
مان سهان ٿو ڏاڍ ڏاڍن جا تہ تون چُپ بي زبان،
ڪين ٿو توکي ٻڌايان، دردِ دل جو داستان،
حالِ دل اوريان تِتو جو بزدلي سمجهين متان،
اي چندا! توکي چيا چوان- اي چندا! توکي چيا چوان!

ٿي سگهي ٿو منزل- مقصود کان اڳ ئي مران،
دل چوي ٿي توکي پنهنجي پيار جو شاهد ڪيان،
حال راشد جو وجي محبوب کي چؤ، مهربان!
جيَ مون پنهنجي ڪَٿائي، ٻيا ٿين اهلِ زبان،
اي چندا! توکي چيا چوان- اي چندا توکي چيا چوان!
*

## تيئن تيئن شعر لکان!

ٿي پونئر وچان باغن ۾، گم ٿي ٿو وچان گلڙن ۾،
گلڙن ۾ صفا سهڻن ۾ ، خوشبو کان شاد نشن ۾،
جيئن جيئن واس وٿان ٿو، تيئن تيئن شعر لکان ٿو!

ٻچي ڪي پکي اڏران ٿو، اپ ڏانهن وڏي ايران ٿو،
ڌرتيءَ جي مٿان اڪران ٿو، رنگ روپ ڏسي وندران ٿو،
جيئن جيئن هيٺ ڏسان ٿو، تيئن تيئن شعر لکان ٿو!

ٿي شمع ٻري ته اچان ٿو، پروان ٿي خوب پچان ٿو،
توري جو لچان ڦٿڪان ٿو، پر پوءِ به ڪين مُڙان ٿو،
جيئن جيئن جوش جلان ٿو، تيئن تيئن شعر لکان ٿو!

جڏ پورهيت ٻارن رڙن ٿا، ۽ ماڻهو بُک مرن ٿا،
جڏ هاري حق گهرن ٿا، هو آمر جيل وجهن ٿا،
جيئن جيئن ظلم سهان ٿو، تيئن تيئن شعر لکان ٿو!

*

## لڙڪ اگهي سگهندين؟

ڪين چرئي کي چوڻ چڱو آ،
چوري چاڪ چڪائي وجهندين!

هوريان ڏاديان لوچيان ويٺو،
مستقبل تي سوچيان ويٺو،
آءٌ به هڪڙو ماستر آهيان،
چند ٽڪن تي ٻار پڙهايان،
منهنجي پنيان ٻار به آهن،
تن جا ڪي ويچار به آهن،
آخر سڀ کي مرڻو آهي،
نيٺ زمانو ڇڏڻو آهي،
سوچيان ٿو ته مري جي ويندس،
پويان پنهنجا ٻار ڇڏيندس،
تن کي ڪير سهارو ڏيندو،
ڪاڏو پيتو سارو ڏيندو،
مون کان پو هي پننڊا وتندا،
گهر گهٽين ۾ رُلندا وتندا،
تن جو ٿو ويچار رُئاري،
ننڍڙن جو ٿو پيار رُئاري،

تون ٻہ تہ هڪ انسان ئي آهين،
مون جيئڻ پر مسڪين تہ ناهين،
تڏهين هي الزام ڏرين ٿو،
چئين تہ :” پڙهائي ڪونہ ڪرين ٿو.“
دوست! سچيءَ دل سان سوچين ها،
منهنجي حقيقت کي سمجهين ها،
قرضن تي ٿو وقت گذاريان،
پيٽ پگهار مان ڪيئن ٿو پاريان،
زهر اٿيئي منهنجي حياتي،
پاءِ منهنجي ڇاتيءَ ۾ جهاتي.
آخر هي اولاد بہ آهي،
ست اٺ ڪو تعداد بہ آهي،
تن جون پي ڪي گهرجون آهن،
هي تہ پگهارون پوريون ناهن،
اٿو، لٿو، مرڻو، پرڻو!
آه دنيا ۾ ڇا ڇا ڪرڻو،
اڳ ۾ جو تنقيد ڪرين ها،
منهنجي حال تي ڌيان ڏرين ها.
اول پگهارون پوريون گهرجن،
پيسن آهر ڊيوٽيون وڃن.
دوست اوهان هي سچ فرمايو،
” قَرض سُڃاڻي ٻار پڙهايو! “

چاٽان ٿو مان فرض شناسي،
پيس مگر غربت ۾ ڦاسي،
جڏهن ڏسان ٿو ٻار ٻين جا،
اجرا ٿي اسڪول اچن ٿا،
پنهنجا ٻچڙا ياد پون ٿا.
وسري سڀ ڪم ڪار وڃن ٿا،
سوچيان ٿو مون شادي ڇو ڪئي،
پاڻ سان پاڻهي تعدي ڇو ڪئي،
هاڻ ته ڏاڍا هٿ هڻان ٿو،
مفلس مان ڪنهن ڪي نه وڻان ٿو،
ڏاڍو آهيان ڏکايل آهيان،
دوست! گهڻو ڪجهه گهايل آهيان،
ڪين ڇرئي ڪي ڇور ڇڱو آ،
منهنجا لڙڪ اگهي سگهندين تون؟
*

# پنهنجن پيارن سان ڳالهايون!

حوالي اسپتالن جي، ٿيا آهينِ عرصي کان،
چون ٿا ڊاڪٽرن لئہ ڇا، سو بيمارن سان ڳالهايون،
پنهنجي پيارن سان ڳالهايون.

نفعو نائونڻ تي آهي، شين جا اگهہ وڌيا ڇا لئہ،
اچو اي دوستو شهري! دڪاندارن سان ڳالهايون،
پنهنجي پيارن سان ڳالهايون.

سڄي پاڙي ۾ اوندهہ آهہ بجلي بند ڇو ٿي آ!
اچو گڏجي هَلي سڀ واپڊا وارن سان ڳالهايون!
پنهنجي پيارن سان ڳالهايون.

پگهارون نوڪريءَ وارن جون پوريون ڪونہ ٿيون پسجن،
ادا يونين وارا ڏيهہ ڏاتارن سان ڳالهايون،
پنهنجي پيارن سان ڳالهايون.

حقن جي ڳالهہ هئي ڪهڙي، ويا ڇو جيل ۾ ماڻهو،
انهن سرڪار جي قيدي، گنهگارن سان ڳالهايون!
پنهنجي پيارن سان ڳالهايون.

چون ڇا ٽيون سسئيون، سهڻيون ۽ مارويون موملون سنڌ جون،
ذرا هن ديس جي زنده، تہ ڪردارن سان ڳالهايون!
پنهنجي پيارن سان ڳالهايون.

هُشيءَ ڪنهنجيءَ تي ماٺهو پاڻ ۾ پنهنجا وڙهن ٿا پيا،
هلي هن قوم جي اڳواڻ، سردارن سان ڳالهايون،
پنهنجي پيارن سان ڳالهايون.

ڦرون ڌاڙا ۽ چوريون هي وڏي ويون وارداتون ڇو؟
ورن ٿا يُنگ تي ماڻهو ڇو؟ پوتارن سان ڳالهايون!
پنهنجي پيارن سان ڳالهايون.

ٻتئيءَ ويلي غريبن جو ويو اَنُ سڀ ڇو ليکي ۾،
وڏيرن جي وڏن مُنشين ۽ ڪمدارن سان ڳالهايون!
پنهنجي پيارن سان ڳالهايون.

هي هيٺن جا تہ هڏ ڏوکي، وٺڻ جي ووٽ آيا هان،
تباهي ڇو ٿي قومي بار بردارن سان ڳالهايون!
پنهنجي پيارن سان ڳالهايون.

هي بدامني، غريبي، مفلسيءَ، جو راڄ آ ڇا لئہ؟
هلو يارو حڪومت جي اهلڪارن سان ڳالهايون!
پنهنجي پيارن سان ڳالهايون.

پنهنجي فرياد مان ئي پاڻ ياڳيا ٽيپ پيا ڪائن،
جمعدارن سان ڳالهايون، صوبيدارن سان ڳالهايون!
پنهنجي پيارن سان ڳالهايون.

وڪيو زرتي ضمير آ جن، انهن سان ڳالھ ٿئي ڪهڙي،
وڃايون وقت ٿا پنهنجو، جي زردارن سان ڳالهايون!
پنهنجي پيارن سان ڳالهايون.

گنهگارن سان ڳالهايون، دڪاندارن سان ڳالهايون،
وڏيرن ساڻ ڳالهايون، يا ڪمدارن سان ڳالهايون.
پنهنجي پيارن سان ڳالهايون.

جمعدارن سان ڳالهايون، صوبيدارن سان ڳالهايون؟
يا سردارن سان ڳالهايون، ۽ پوتارن سان ڳالهايون؟
پنهنجي پيارن سان ڳالهايون.

وڃايون وقت ٿا پنهنجو، جي منهن ڪارن سان ڳالهايون،
چڱو آهي غريبن ساڻ، نادارن سان ڳالهايون!
پنهنجي پيارن سان ڳالهايون.
*

## جوان ٿي، اي جوان جا پٽ، جوان ٿي!

امن جي لئہ جيڪڏهن ڪا جنگ ٿي،
ڪين سورهيہ جي ڪڏهن دل تنگ ٿي،
هل ٻين سان تون بہ هم آهنگ ٿي،
ديس جي دردن سندو درمان ٿي،
جوان ٿي، اي جوان جا پُٽ، جوان ٿي!

ستن پيڙهين ڪي زخم پُٽ ۾ نہ هو،
ڪو جِئو اڄ مان اڳي جُٽ ۾ نہ هو،
مشڪلن ۾ ساه ٿيو مُٺ ۾ نہ هو،
تون بہ ٻاڀاڻن جيان ٻلوان ٿي!
جوان ٿي، اي جوان جا پُٽ، جوان ٿي!

ڪِٿ جهُڪيو تنهنجو ابو ڏاڏو نہ هو،
اڻ ٿيڻ جهڙو ڪو ڪم آڏو نہ هو،
ڪير ٿو چئي گهلبو گاڏو نہ هو،
گهل گاڏو ڪين هيئن حيران ٿي!
جوان ٿي، اي جوان جا پُٽ، جوان ٿي!

سر ڏئي ويو قوم تي تنهنجو ابو،

خلق جي خدمت ڪيئين ٿي بي لبو،
قول ڪر تان قوم جي لئہ ڪم ڪبو،
قوم قرباني گهري، قربان ٿي!
جوان ٿي، اي جوان جا پُٽ، جوان ٿي!

واهرو واهيرڙن جو يار ٿيءُ !
پُٽ ڀلي جو آن ڀلو بڻجانءِ ڀيءُ !
پُٽ ڪي پاڙهج سبق، اي دوست ايءُ !
”قوم جي آهي شمع، پروان ٿي“ !
جوان ٿي، اي جوان جا پُٽ، جوان ٿي !

قوم تي جي وقت آيو آ ڪٺن،
رام ٿي سيتا جي ڪارڻ ڀو ڳ بن !
دل ٻَڌي اٿ تون تہ راوڻ ٿئي دفن،
ظالمن جي لاءِ ڪو طوفان ٿي!
جوان ٿي، اي جوان جا پُٽ، جوان ٿي !

ملڪ جو مردن سان اوچو مانُ آ،
ماڻهپو ماڻهوءَ جو مانُ ۽ شانُ آ،
جس انهيءَ ڪي جنهن جو جذبو جوان آ،
سو چ سڀ ڪجهہ ۽ صحيح انسان ٿي !
جوان ٿي، اي جوان جا پُٽ، جوان ٿي !

منهنجا پرجهل پاءُ او منهنجا مٺا !
ڏک تنهنجي قوم کي ڏاڍا ڏٺا،
ملڪ اڄ توڙي مُڪا سورن ڇِٽا،
سنڌ لئہ خوشين سندو سامان ٿي!
جوان ٿي، اي جوان جا پُٽ، جوان ٿي!

ڪارگر جي قوم جي لئہ ڪم ڪرين،
خال پنهنجي پيءُ جو جيڪر پرين،
قوم جي لئہ ويرين هٿان وڙهندي مرين،
شعر جو راشد! اچي عنوان ٿي،
جوان ٿي، اي جوان جا پُٽ، جوان ٿي!
*

# نئون جهان جوڙجي

جسم جي ولوڙجي، تہ ذهن تو نچوڙجي،
اَچو! نئون سماجُ ڪو، نئون جهان جوڙجي.

انڌير ۾ نظر ڪٿي، اچي ٿو ڪڙ ڪِبيتڙو،
مگر سڄي ئي جڳ ڪي، ڏئي نہ جوت جيتڙو،
ڦري ٿو گول گول هي دماغ آهه چيچڙو،
دماغ آهه چيچڙو، تہ ذهن آهه چيچڙو،
پيو ٿو رت چوسجي تہ ماس پيو ٿو روڙجي،
اَچو! نئون سماجُ ڪو، نئون جهان جوڙجي.

وڏي وڏي گهٽا ٿيا، هيءَ ڏيهہ ۾ ڏُڪاريا،
جي گورَ ڍور وانگيان، وتن سدا خُماريا،
ڪٿي لٽينِ پانهنجا، ڪٿي ڦرينِ ڌاريا،
اهو آ ڪيرُ، جنهن ڳلن تان لڙڪ ڪين هاريا،
او پيٽ وڏا، قوم جو، ٻيڙو نہ هينئن ٻوڙجي!
اَچو! نئون سماج ڪو، نئون جهان جوڙجي.

اجيان رهون ٿا آب لئہ مهراڻ جي تہ ڪَپَ تي،
گذر ٿئي ٿو پانهنجي هوندي بہ خير لَپَ تي،
چئون ٿا سچ تہ رڪيو وڃي ٿو ڪَپُ چَپَ تي،
مگر نہ بندشون پون ٿيون، بازَ جي تہ جهپَ تي،
اٿو! تہ ظلم جي خلاف هاڻي عَلم ڪوڙجي،
اَچو! نئون سماجُ ڪو، نئون جهان جوڙجي.

اَچو تہ ظالمن ڪي هاڻ، مُنهن چڙهي چئي ڏيون،
اَسان ۾ هِمتون وڏيون، نپوڙجي ٿا سگهون،
ڏيو جواب غاصبو! اوهان ڪان ٿا اسان پُڇون،
اوهان جي عيش لاءِ طيش ۾ جيون تہ چو جيون؟
اَچو تہ چُپ چُپات جي شيشي ڪي هاڻ ٽوڙجي،
اَچو! نئون سماجُ ڪو، نئون جهان جوڙجي.

اَچو! تہ ڏاڍ ۽ ڏمر جي ڏونگرن ڪي ٽوڙجي،
عياشَ لَعنتيءَ اڳيان، نہ لوئجي نَہ لوڙجي،
اٿو تہ ظالمن ڪي هاڻ ٻاهِ تي وِڪوڙجي،
غريب ڪي جهنجهوڙجي ۽ ننڊ ڪي نهوڙجي،
ٻُجو ڪو ٻُوٿَ ڏاڍَ جي تي، راشد! گهروڙجي،
اچو! نئون سماجُ ڪو، نئون جهان جوڙجي.
*

# احسان نہ ڪڻ!

ڪر محنت جيئن انعام ڪتين، انعام ڇڏي تون دان ڪڻ!
احسان نہ ڪڻ، احسان نہ ڪڻ!

ڪنهن سور سٺيئہ؟ احسان نہ ڪڻ! ايذاءُ رسيئہ؟ احسان نہ ڪڻ!
ڪنهن ڏنجھ ڏٺيئہ؟ احسان نہ ڪڻ! ڪو درد وڌيئہ؟ احسان نہ ڪڻ!
تڪليف آ روح حياتيءَ جو، سک سهنج سندو سامان نہ ڪڻ!
احسان نہ ڪڻ، احسان نہ ڪڻ!

هي بار ڳٺن جو ڳورو آ، هٿ لاءِ نہ زهر ڪٽورو آ،
جنهن ٿورو سمجهيو ٿورو آ، سو پورو آ چَٽ ڪورو آ،
پوءِ هٿ مهٽي جو پڇتائين، تون پنهنجي سِر ارمان نہ ڪڻ!
احسان نہ ڪڻ، احسان نہ ڪڻ!

جو ڳُهرجون ڪين ڳهٽائي ٿو، سو آخر هٿ وڃائي ٿو،
خود ليلائي، ٻاڏائي ٿو، ۽ ارڏو ڳاٽ جهڪائي ٿو،
اڄ آزاديءَ امڪان ڇڏي، تون ذلت جو زندان نہ ڪڻ!
احسان نہ ڪڻ، احسان نہ ڪڻ!

*

# جو چنگ اَمُن لئہ چوري

جو چنگ امن لئہ چوري،
تنهن تان ساه چڏيان مان گهوري!

محبت وارو مچ مچائي، پروانن جيئن پاڻ پچائي،
قرب محبت عام ڪري، ۽ ڪلفت ڪينو ڪوري،
ڪلفت ڪينو ڪوري، تنهن تان ساه چڏيان مان گهوري!

ڪي ڪي تندون جند برابر، ڪي ڪي جانيون تند برابر،
تار سلامت شال رهي، جا جهونا ڳڙه ڪي جهوري،
جهونا ڳڙه ڪي جهوري، تنهن تان ساه چڏيان مان گهوري!

آيت آيت ۾ هڪ معنيٰ، چارڻ! تنهنجا لک شڪرانا،
سِرُ قربان ڪيان بيتن تي، تہ بہ نہ پچان هڪ ٿوري،
تہ بہ نہ پچان هڪ ٿوري، تنهن تان ساه چڏيان مان گهوري!

ساه برابر سنڌڙي آهي، سنڌڙي راشد! جندڙي آهي،
پال پلايان پُونءِ سڀيءَ پر، مانُ ڏنو جو موري،
مانُ ڏنو جو موري، تنهن تان ساه چڏيان مان گهوري!
*

# عشق سلامت- سدا سلامت!

رهندي دِل وارن جي ديسان ديس اهائي دعا سلامت !
عشق سلامت، سدا سلامت!!

نينهن سندو جنهن نئون رنگ لايو، سورن جو جنهن سبق پڙهايو،
دل جي جذبن کي جرڪايو، خام خيالن کي سلجهايو،
عشق حقيقي جنهن سمجهايو، منهنجو مجازي خدا سلامت!
عشق سلامت، سدا سلامت!!

منهنجا منڙا پيارا سائين! سهڻا سائين جئين سدائين!
هر دم هيڻن کي همٿائين، ساٿ ڏئي ٿو توڙ نڀائين،
آهه فِڪر پهتو سڀ تائين، شال رهي هيءَ عطا سلامت!
عشق سلامت، سدا سلامت!!

تنهنجي نظرن نينهن ورهايو، لوهه کي تو آ سون بنايو،
زهر منجهان ترياق ٺهايو، تنهنجيءَ حڪمت فيض رسايو،
بيمارن کي چاڪ ڪرايو، دَرُ هي دارالشفا سلامت!
عشق سلامت، سدا سلامت!!

تنهنجو دعاگو آهه پٽائي، جنهن جي تو تعليم وڌائي،
شعرن جي تشريح ٻُڌائي، سِٽ سِٽ سڀ ڪنهن کي سمجهائي،
ڀونءِ مٿان هي آهه ڀلائي، سنڌڙيءَ تي هي سخا سلامت!
عشق سلامت، سدا سلامت!

سائين! تنهنجا لک شڪرانا، تنهنجا گفتا سڀ پُر معنيٰ،
راشد! جهڙا ڪئي ديوانا، تنهنجي محبت ۾ مستانا،
پُر ٿيا پياڪن جا پئمانا، نينهن جا رهندا نشا سلامت !
عشق سلامت، سدا سلامت!!

*

# زندگيءَ جو مزو

ڪين سڏڙين چکيو عاشقيءَ جو مزو،
آ جدوجهد ۾ زندگيءَ جو مزو!

ڪن کي گهاٽن گهُٽيو ۽ ڪي سُوريءَ چڙهيا،
ڪرڻ ڪن کي ڪپيو، قيد ۾ ڪي ڪڙهيا،
درد وارن ڏٺو دل لڳيءَ جو مزو!

رات کي چنڊ جڏهين ٿو روشن ڪري،
ٻاڻ ريءَ لاٽ ڪڍيو، ڏيو ڇو ٻري،
آهه اونده ۾ ئي روشنيءَ جو مزو!

سچ پيو ٿو سڏي، ڳاڻ اوچو ڪٽي،
آءُ وٺ تون ٻه نروار نعرو هَٽي!
قرب ۾ ڪات جو ۽ اڏيءَ جو مزو!

پيار سان راشدا ! پيچ اٽڪيو نه آ،
لوچ جي ڪنگرين سر ٻه لٽڪيو نه آ،
شوق ۾ ئي ته آ شاعريءَ جو مزو!
*

# اَچ تہ پُڄايون ڊوڙ!

اچ تہ پڄايون ڊوڙ او ساٿي!
اچ تہ پڄايون ڊوڙ!

جو بہ تکو منزل ڏي ڊوڙي، ماڳ ڏي پنهنجون واڳون موڙي،
خيال هلائي رت ولوڙي، ماڳ لهي ٿو سوئي ووڙي،
منزل نيٺ پڄائيندي آ، جسمن جي جاکوڙ او ساٿي!
اچ تہ پڄايون ڊوڙ!

جو بہ ڪمائي سوئي کائي، محنت سڀ کي ماڳ رسائي،
ڏس! ڪيئن هاري هر هلائي، ڌرتيءَ مان ٿو ان اپائي،
ڪي ڪي ماڻهو همت پريا ۽ ڪي مانيءَ ٿوڙ او ساٿي!
اچ تہ پڄايون ڊوڙ!

آهي ڪو جو ٿو جهنجهوڙي، قوم اٿي آهي ڪَرَ موڙي،
جيڪو ويهي ٿو کپ کوڙي، سوئي ذهن سزا ٿو لوڙي،
رنگ لڳائيندي آ آخر، ذهنن جي ولوڙ او ساٿي!
اچ تہ پڄايون ڊوڙ!

ماڻهو محنت لئہ ساماڻا، ماڻهو محنت ڪان ويڳاڻا،
ڪي ڪي ماڻهو راڄن راڻا، ڪي ڪي ماڻهو سنڌن ساڻا،
ماڻهو ڪک بہ نہ ڀيڻو ڪن ٿا، ماڻهو لوه مروڙ او ساٿي!
اڄ تہ ڀڄايون ڊوڙ!

ڏينهن بہ آخر تپڻو آهي، سج منجهند تي اچڻو آهي،
منزل تي بہ تہ پڄڻو آهي، بچڻو آھ تہ ڊڪڻو آهي،
ڏينهن ٿڌي ۾ نڪري هَلجي، ڀورل ياءُ ڀلوڙ او ساٿي!
اڄ تہ ڀڄايون ڊوڙ!

لاڙ وچولو اتر جاڳيو، ڪينجهر ۾ ڪارونجهر جاڳيو،
ڪاڇو جاڳيو ۾ ٿر جاڳيو، سنڌڙيءَ جو آ گهر گهر جاڳيو،
بدلايو آ راشد سائين! پاسو هاڻ اروڙ او ساٿي!
اڄ تہ ڀڄايون ڊوڙ!

*

## نئون نظم ناهي وڻان!

چڱ ته ڪوئي نئون نظم ناهي وڻان،
قرض ڌرتيءَ ماءُ جو لاهي وڻان.

خيال جا تازا توانا هِن ڍِڳا،
ڏينهن جا هوندا اجان نَوَ ڏه لڳا،
جو نه مان جاڙون ڀي ٽي ڪاهي وڻان!
قرض ڌرتي ماءُ جو لاهي وڻان.

ڏور ٽي ويندو مڙئي ڏک ۽ ڏجهو،
اَنُ خوشين جو اي پرين ملندو جهجهو،
ڳاهه ڳٽتين جو رڳو ڳاهي وڻان!
قرض ڌرتي ماءُ جو لاهي وڻان.

منهنجي من جا مور توسان سر لڳي،
توکي ياڪر ۾ ڪرڻ کان ڪجهه اڳي،
ڏيج موڪل ملڪ کي چاهي وڻان!
قرض ڌرتي ماءُ جو لاهي وڻان!

راشدا ! ظالم نہ من مستي ڪري،
هوڏ جي هيٺن مٿان هستي ڪري،
ٻوھ دنيا جا سيئي، ٻاهي وٺان!
قرض ڌرتي ماءُ جو لاهي وٺان.
*

# آزاد نظم

زندگي منهنجي آ،
سرهي گل جيان.
منهنجو ڪم آهي تہ مان،
خوشبوءِ ڏيان...!

# زندگيءَ خوشبوءِ

زندگي منهنجي آ،
سرهي گل جيان.
منهنجو ڪم آهي ته مان،
خوشبو ڏيان،
پانهنجن کي، ڌارين کي،
دوستن کي دشمنن کي، پر
نڪ کي ئي بوءِ ٿي محسوس ٿئي،
بي نڪي کي بوءِ جي ڪهڙي خبر؟
جيڪڏهن ڪو چئي ته
خوشبوءِ ڪانہ آ،
تنهن ڪيان انڌي عقل کي آءٌ چا؟
پنهنجي پر ۾ آءٌ پورو پيو رهان،
منهنجو ڪم آهي ته مان خوشبو ڏيان،
زندگي منهنجي آ سرهي گل جيان!
*

# اٿلتا!

مان اهو آهيان جبل!
جو سمنڊ جي وچ تي اٿل
بيٺو هجي!
حادثا دنيا جا،
طوفاني ڇتين ڇولين جيان
مون ڏانهن،
ڌوڪيندا اچن،
مون سان لڳن،
پٽتي هٽن،
۽ بحر دنيا جي ۾ گم
ٿيندا وڃن.
مان اهو آهيان جبل،
جو سمنڊ جي وچ تي اٿل،
بيٺو هجي!

*

# اتساهہ!

جيڪڏهن تون ايترو،
روز، قرب جو ذرو،
ڏيندي رهين!
زندگيءَ جي ويڙهہ ۾،
هارجڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿئي.
تون جڏهن ويجهو اچي،
پيار سان منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي،
حال دل جو ٿي پڇين،
چڻ تہ منهنجا بند ٿا آجا ٿين،
چڻ تہ مان ٿو قيد کان ٻاهر اچان.
پيار تنهنجو ٿو ٻَڏائي منهنجي دل،
قرب تنهنجو ٿو وڌائي منهنجو من.
مان نئين جذبي سان اڳتي ٿو وڌان.
ڪاش! مان توکي سدا ريڏل ڏسان،
اڄ جيان!

*

# پشيماني

سانوِري سونهن جي
چانوِري ۾ گهَڙِي
مون،
ڪئي اک ڪَڙِي
پر،
جڏهن اک کلي
قافلو ويو هَلي
چانوِرو ويو لڙي
آن ءُ،
هِنَ نيستيءَ تي،
پشيمان ٿي،
۽ پريشان ٿي،
هٿ مليندو رهيس.

*

# گل مرڪي پيو

رات جا لڙڪ
گل جي ڳلن تي پيا.
سج ڪرڻن جي رومال سان،
سي اگھيا.
گل مرڪي پيو،
مرڪندي هيئن چيو:
رات رئندي رهي،
ماڪ پوندي رهي.
سج اڀرندو رهي،
ڏينهن ٿيندو رهي.
گل ڪڙندا رهن،
خوب ٽڙندا رهن.
سونهن وڌندي رهي،
سنڌ ڪلندي رهي،
جڳ جئندو رهي،
۽ سدائين جيئي!

*

# احساس

جونجهڪڙي جو،
واءَ جو جهوٽو،
تُنهنجي گهر جي،
سرنهن منجهاران،
خوشبوءِ ٽيڙي،
واسي پيو ٿو،
اوسو پاسو--
ائين لڳي ٿو،
شاه جي خوابن جو ڄڻ ڪوئي،
ٿيو آهي تعبير.
سنڌ سڄيءَ ۾،
آه سڪار،
عالم سڀ،
آباد ٿيو آ.

*

# بکيا ٻار

ڪوبہ گهٽيءَ ۾ ٻار—۽
نہ آهي کائڻ جي لئہ تيار،
هنن جي آڏو ڪا شيءِ—
چو تہ،
تڪيندا رهندا آهن
جُوه وجهي گهُوريندا آهن
۽ پو شايد
اڳلي کي آ
پيٽ ۾ پوندو سور—
هئي هئي هيءَ مسڪيني حالت
منهنجا بُکيا ٻار
ڏاڍا سڪٽا ٿي پيا آهن!

*

# ڪڏهن تو سوچيو آ؟

خواهش جا ڪمدار،
مڙها پوتار،
ائين تسڪين ته ملنديئي ڪين --
غلط تو سمجهيو آ
بنگلا ۽ بستان رکين ٿو --،
حورون ۽ غلمان رکين ٿو --،
جنت جا مشتاق
اڙي شداد!
ڪڏهن تو سوچيو آ؟
حورون ۽ غلمان ته،
پنهنجو پاڻ ۾ ٿهندا
گڏجي رهندا
تون ته تڪيندو
رهجي ويندين،
چپ چٽيندو
رهجي ويندين،
۽ هي تنهنجو خرچ
اجايو ٿي ويندو.

*

## شاعر

سگريٽن جا
خالي پاڪيٽ
ميڙي چوندي
بال پين سان
تن تي لکندو
ڪيسي ۾ وجهندو ته وچي
شايد ڪوئي
شاعر آهي.

*

# جاکوڙ

عام ماڻهو
در دريون پوري
اندر ويهي رهن
تيز ٿئي طوفان تہ
ڏسجان پرين!
روڊ ۽ رستا هجن
سنسان سڀ
اک نہ گوڏي کي ڏسي
پاڻ کي اهڙي سمي
خوابن جي تعبير جي لئہ
جذبن سندي تڪميل لئہ
نڪري پوڻ گهرجي.

*

# ٻہ احساس

پن ڇڻ رت ۾،
پن، پپر جو ساٿ ڇڏي ويا،
پپر سوچيو،
ٺيڪ ٿيو جو، ساٿ ڇڏيائون!
واءُ لڳو ٿي، پن لڏيا ٿي،
مون کي پڻ لوڏي ٿي وڌائون.
اڄ مان تنها، بيٺو آهيان،
جهڙي تهڙي واچ جي ڪا،
پرواه نہ آهي.
.........
پن ڇن رت ۾
پن پپر جو ساٿ ڇڏي ويا
پپر سوچيو،
توڙي ڪچڙا، ڪومل ها پر،
منهنجو ڍڪ ڍڪيندڙ ها پن،
اڄ مان ننگو ٿي پيو آهيان،
منهنجي اوگهڙ ڪير ڍڪيندو؟
پنهنجا آخر پنهنجا آهن،

ڪيڏا پيا ڪمزور هجن پيا
منهنجي لڄ لڪائڻ وارا
منهنجو شان وڌائڻ وارا
هاءِ الا! اڄ ساٿ ڇڏي ويا
موٽي شال اچي سا موسم
جنهن ۾ مون سا منهنجا پرچن!

*

## سوچ

سوچ کي قيدي ڪرڻ جو
خيال ڇڏ !
سوچ بلبل ناهي
جا بندي سگهين!
سوچ آهي واءُ سا
پڇري جي وٽين مان به
نڪري ٿي سگهي.
............
سوچ کي ٻُندبا نه ٻَڌا !
سوچ، اڌ ۾ نار جو پاڻي نه آ،
جنهن کي تون،
روڪي سگهين !
سوچ آ سنڌوندي
جڏهن ايندي موج ۾
تنهنجا سيئي بند ٽوڙي،
شهر ۽ واهڻ سيئي،
ٻوڙي ڇڏيندي !

*

## ڳِٽتي

عيدن ماءُ اٽ چانهه تہ ڪاڙهه!
مون کي تپ پيچي رکيو آ،
لڳ تہ ڏس، ڇڻ ٿاندا آهن،
ڪيسو جانچ تہ پئسا آهن؟
عيدن کي ڇوُ گوري آڻي !

_ _ _ _ _ _ _ _ _

گيدي ۾ ڪجهہ ڪونهي سائين !
ها پر، چانهہ ۽ کنڊ بہ ڪانهي،
رات لئہ گهر ۾ اٽو ڪونهي،
عيد اچي وئي لٽو ڪونهي،
ڇوڪرِ هاڻ اگهاڙي پئي ٿي،
ڦاٽي ويا سڀ ڪپڙا هن جا.

_ _ _ _ _ _ _ _ _

ها عيدن ماءُ !
ڄاڻان ٿو مان، ڇا ڇا گهرجي،
ڇاق ٿيڻ ڏي سڀ ڪجهہ ٿيندو،
اٽو ٿيندو، لٽو ٿيندو،
چانهہ بہ ٿيندي، کنڊ بہ ٿيندي.

_ _ _ _ _ _ _ _ _

اف الا! هاڻي ڇا ٿيندو
ڳِٽتيءَ جهڙو مرض نہ ڪوئي
ڳِٽتي جهڙو مرض نہ ڪوئي.

*

# اڪيلائپ

ڪڏهن ڪڏهن ڪي
پيارا ماڻهو
من پريائي
ويندا آهن.
جي نہ تہ اڪثر
ڪندڙ ويڙهو
پڙهندو آهيان
تنهائيءَ تي
ڪڙهندو آهيان
وهمن سان پيو
وڙهندو آهيان
خيال جي چاڙهي
ڏاڪو ڏاڪو
چڙهندو آهيان.
پر پوءِ ڪڏهين
ٽڙندو ۽ ٽاپڙندو آهيان
چوٽيءَ کان پَٽِ پوندو آهيان
چوندو آهيان
ڪو تہ هجي جو،
ڏئيم سهارو
تنهائيءَ جو هيئن گذارو
ڪيسيتائين؟

*

# مون کان پوءِ

هو جو مون کان پوءِ
پڇي.
ساڳئي تڙ تان پاڻي پئي
مارين کان نہ ڊڄي
آزاديءَ سان گهمندي
ات منهنجا
پير پسي
سمجهي شال سگهي
ذات ڀلاري ناهي
پر ذات ڀلاري آهي
ماريءَ کي ماري
جذبات ڀلاري آهي.

*

# منزل ڏانهن

چنڊ اڀريو، مگر
رات روشن نہ ٿي
هي چؤ طرف اونده
انڌوڪار آ
اٿو دوستو!
پنهنجي هٿ ساڻ
شمعون، جلائي ڪٿو!
اڄ تہ اڀ تي بہ آهين
ڪارا ڪڪر.
ڪڏهن ڪڏهن وچ جو
ڪو چمڪاٽ آ
خبر ٿي پوي
آهيون پهتا ڪٿي
اوهان، اڄ بہ مايوس
ڏسجو پيا!
نيٺ هلڻو تہ آ،
مڃان ٿو تہ هي راه آ
پُر خطر
۽ طوفان جو ڀي تہ
امڪان آ

مگر ماٺ ويهي رهڻ ۾
ڏچڻ روا ڪونہ آ.
هيئن تہ آسان مشڪل
نتو تي سگهي.
اسان ڏانهن منزل
نہ ايندي هلي.
اسان کي ئي هلڻو آ
منزل طرف
ذرا سوچيو!
نا اميدي ڇڏيو.
اوهان جيڪڏهن
حق جي راه ۾
جان پنهنجي ڏيو
تہ امر ٿي وڃو
هلندا هلو
ڪجهہ تہ هلندا هلو
پنهنجي منزل طرف
پنهنجي منزل طرف!

*

# ٽڏڙا ساھ

هئہ هئہ هي مسڪيني حالت
منهنجا چارئي ٻار تپيا پيا آهن
مون وٽ ايڏا پئسا ڪونهن
جو مان ڊاڪٽر ڏانهن ڪٽائي
ڪين وڃان!
روئي روئي، ڦٿڪي ڦٿڪي
منهنجو روح رنجائن پيا ٿا
منهنجي جان جلائن پيا ٿا،
مون کي خود ڦٿڪائن پيا ٿا.
ٻارن جا ڪيهاٽ هوا ۾
منهنجا ٽڏڙا ساھ هوا ۾
گڏجي اڄ پرواز پيا ڪن--
رات سڄي مون ننڊ نہ ڪئي آ
مان ۽ منهنجي گهرواري ٻئي
معصومن سان گڏجي سڏجي
لڇيا، ڦٿڪيا جاڳيا آهيون
هئہ هئہ هي مسڪيني حالت
منهنجا چارئي ٻار تپيا پيا آهن!

*

# وايون

ماضي روشن حال انڌيرو، موٽي مون سان مل!
تہ بنجي روشن مستقبل!

پوکيون پيا پيڙا،
اٽيهين اڏرات جو!

چئني طرف چُرن پيا، ڪارنهن جا ڪيڙا،
اٽيهين اڏرات جو!

گندين گهُگهه اونداهه جا، لهي پيا ليڙا،
اٽيهين اڏرات جو!

اپريا اره ٻاٽ جا، ٽٽي پيا ٻيڙا،
اٽيهين اڏرات جو!

ساهه نپوڙن ٿا پيا، پَوَ سندا پيڙا،
اٽيهين اڏرات جو!

مينهوڳيءَ جي مُند ۾، سوچيون اوچيڙا،
اٽيهين اڏرات جو!

روشن تارا پرينءَ جي، مُنهن جا موهيڙا،
اٽيهين اڏرات جو!

*

ڪومل ڪومل مکڙو تنهنجو، ڪُوماڻو آ ڪيئن؟
اسان وٽ جذبو جيئن جو تيئن!

آڌيءَ جيڪو عشق هئو سو ساڳيو ويل وِچينءَ!
اسان وٽ جذبو جيئن جو تيئن!

نيٺ رسايو منزل تي آ، سڀ کي راه سنئينءَ،
اسان وٽ جذبو جيئن جو تيئن!

ياڪر ۾ نه ڪيو تو پهريان، ڪيڏو ڪالهه ٻُلينءَ!
اسان وٽ جذبو جيئن جو تيئن!

محبت! تنهنجي مِهرَ مجان ٿو، محنت ساڻ رهينءَ!
اسان وٽ جذبو جيئن جو تيئن!

راشد! جهُومون، ڳايون ويٺا، پريو پيگ پرينءَ!
اسان وٽ جذبو جيئن جو تيئن!
اسان وٽ جذبو جيئن جو تيئن!

*

ٿھ ٿھ تنھنجا ٺھڪ ٽِڙن ٿا، ٻھ ٻھ منڙا ٻولَ پرين!
او ڍول پرين، او ڍول پرين!

ڳوڙها ڳاڙها رت جا ڳاڙيم، موتي هِي انمول پرين!
او ڍول پرين، او ڍول پرين!

پرکين پرکَ تہ ڪُوڙن جا، اڄ پڌرا ٿيندا پول پرين!
او ڍول پرين، او ڍول پرين!

ڪارونجهر جيئن آهيون بيٺا، ارڏا جوانَ اڏول پرين!
او ڍول پرين، او ڍول پرين!

ڪيسين ڪانچ اگهامي، ٺٺندا ٺوڪر سان سڀ ٺول پرين!
او ڍول پرين، او ڍول پرين!

ڪهڙيءَ ڪَٺَ قبول ڪرايا آهن، قيد ڪڙول پرين!
او ڍول پرين، او ڍول پرين!

سوچ تہ راشد! ڇا لئہ ڇڏيا، هيڏا رنگ رتول پرين!
او ڍول پرين، او ڍول پرين!

*

هر جاءِ حق موجود ڪري ويو، عشق اوهان جو!
نينهن اوهان جو!

هستي هوڏ حرام ڪيائين، نيت هٽي نابود ڪري ويو،
نينهن اوهان جو!

شوقَ شڪارَ ڇڏائي شاهي، آزادي محدود ڪري ويو،
نينهن اوهان جو!

پارس تون ۽ لوهُ هُيس مان، سونو آهه وجود ڪري ويو،
نينهن اوهان جو!

جيڏهن ڪيڏهن تنهنجي صورت، ذرتي ڪُل مسجود ڪري ويو،
نينهن اوهان جو!

هوس اياز اڳي مان راشد! محبت ۾ محمود ڪري ويو،
نينهن اوهان جو!
نينهن اوهان جو!

*

ڦُڙيءَ ڦُڙيءَ آ تلاءُ اچو تہ گڏجي واهَ وَهايون!
پاڻيءَ تي ئي پوک پچي ٿي، ساوڪ ۾ آ ساءُ
سائُن پوکن ۾ سرهايون!

ڌرتي سونا سنگ ڏيڻ لئہ، ماندي آهي ماءُ
هاري يارو هر تہ هلايون!

ٻنيءَ ونيءَ تي سر ڏينداسون، پيڙو ٿئي هر ياءُ
دنگ تي پنهنجو رنگ رچايون!

آه ٻَڌيءَ ۾ طاقت ڏاڍي، ڪم ۾ پڻ اڪلاءُ
ساٿي گڏجي ساٿ نڀايون!

روڳي ماڻهن جي لئہ راشد! ٿي نہ ڪڏهن پوراءُ
محنت ڪريون چو پڇتايون!

*

هيٺا هڏ هلائي،هٿ جي هاج ڪري ويٺي،
پرت پري ويٺي!

پيٽ ٻُڪيو آ، ديس ڏڪيو آ، سُور چَري ويٺي،
پرت پري ويٺي!

اڻ ڳڻيون ڳڻتيون، ڳاراٽا، پاڻ ڳري ويٺي،
پرت پري ويٺي!

روشن مستقبل ٻالڪ مُنهن، ٺار ٺري ويٺي،
پرت پري ويٺي!

ڏولاوا ڄڻ ڏاج مليا هِن، ڏُک ڏري ويٺي،
پرت پري ويٺي!

واهڻ ۾ هر عيش خوشيءَ کان، آهه ڀري ويٺي،
پرت پري ويٺي!

راشد! هر ساعت ۾ ڪائي، آس مري ويٺي،
پرت پري ويٺي!

*

سَوَيڙاڏا سَڌَ جا، ڪنهن جا ڪُوڪَ ڪئي،
چا تو ڪانہ ٻُڌي؟

ڪڙيڙ ڪڙيڙ پنڌ ۾، ڪڙ ڪڙ ڇَڪڙي جي،
چا تو ڪانہ ٻُڌي؟

گونجي وئي گجگوڙ سان، هرڪا ڳوٺ ڳلي،
چا تو ڪانہ ٻُڌي؟

ڪڙڪي بجلي قهر جي، ڪڙڪڙ ڪڙڪڙ ٿي،
چا تو ڪانہ ٻُڌي؟

اندرُ چيري آهَ وئي، سِنڌ پئي سُڏڪي،
چا تو ڪانہ ٻُڌي؟

وائي ورجائِي پئي، راشد! رات سڄي،
چا تو ڪانہ ٻُڌي؟

*

ڦٽيون پيون چوندينِ، سرتيون وڻن وچ ۾!
سونَ سريکا هٽڙا، چاندي پيا ميڙينِ،
سرتيون وڻن وچ ۾!
ميڙيو، مُٺيون پريو، کانبا خوب پرينِ
سرتيون وڻن وچ ۾!
کنهن پر ٿهڪ ٽڙيا رهن، ڳالهيون پيون ڳولينِ،
سرتيون وڻن وچ ۾!
نيڻ نماڻا ٻاجھ سان، نينهن نياپا ڏينِ،
سرتيون وڻن وچ ۾!
محنت ڏي محبوبڙا، سرها ساھ سڏينِ،
سرتيون وڻن وچ ۾!
ڇڻ ڇڻ چوڙيون ٻانهن جون، ساز نوان ڇيڙينِ،
سرتيون وڻن وچ ۾!
پورهيت شلِ پگهر ۾، ککر! ڇانوَ کرينِ،
سرتيون وڻن وچ ۾!
راشد! خوش ٿي کيت ۾، گيت پيون ڳائينِ،
سرتيون وڻن وچ ۾!

*

راس نہ آئي رات، راڻي ريءَ ڙِي جيڏيون!
ساڙيو آهہ سرير کي، هير گهلي هيهات،
راڻي ريءَ ڙِي جيڏيون!

سُج لڳي ٿي سرتيون، مومل جي محلات،
راڻي ريءَ ڙِي جيڏيون!

منٿ مڃي شل مينڌرو، ڏاگهہ چڙهي ٿي ڏات،
راڻي ريءَ ڙِي جيڏيون!

لوئي ويندي لوڪ ۾، منهنجي ذات صفات،
راڻي ريءَ ڙِي جيڏيون!

راشد! شاهي شوق جي، آهہ بُري هر بات،
راڻي ريءَ ڙِي جيڏيون!

*

ڪي ڏکن ۾ ختم، ڪي سکن ۾ لڙيون،
زندگيءَ جون گهڙيون!

زهر جون ڪي وٽيون، ڪي تہ مصريءَ ڳڙيون،
زندگيءَ جون گهڙيون!

ياد ماضي ڪَنن ۾ پُري ٽِي چڙيون،
زندگيءَ جون گهڙيون!

ڪين وسرن اهي جيءِ سان جي جڙيون،
زندگيءَ جون گهڙيون!

هارَ سُکَ جا ڪڏهن، ڪڏهن لڙڪن لڙيون،
زندگيءَ جون گهڙيون!

قول ۾ جي ڪَڙيون، آس ۾ سي سڙيون،
زندگيءَ جون گهڙيون!

ٿهڪ ٽڙيا ڪڏهن، ڪڏهن راشد! رڙيون،
زندگيءَ جون گهڙيون!

*

ماڻهو موچارو، ڇپجي ويو سارو،
ضرورت جي زد ۾.

هڪ ئي گوڏ غريب ڪي، آرهڙ ۾ سيارو،
ضرورت جي زد ۾.

اڄ پڻ گهَرِ مسڪين جي، ڏرجي پيو ڏارو،
ضرورت جي زد ۾.

ڳڻتين ڳاريو حافظو، ٿي پيو ويسارو،
ضرورت جي زد ۾.

ماٿيلي ڪان ميرپور، سيوهڻ، سامارو،
ضرورت جي زد ۾.

آيو خون ٻچي جو، وڪڻي ويچارو!
ضرورت جي زد ۾.

مرندي ڏسو ٿا پيا، راشد ڪي يارو!
ضرورت جي زد ۾.

*

ويھ پرين! موسم ڪي ماڻيون، متجي پئي حالات،
رھ تہ اچوڪي رات!

لفظن جو آ ڪيت پڪو پيو، ڏاتو ھٽندي ڏات،
رھ تہ اچوڪي رات!

تنھنجي منھنجي پيار جا ويري، غاصب ٽيندا گھات،
رھ تہ اچوڪي رات!

ٽڏڙي ٽڏڙي ھير گھلي پئي، پڪي لنون پيا لات،
رھ تہ اچوڪي رات!

ياد جو پيالو چاڙھ چپن تي، ماضيءَ ۾ ھڻ جھات،
رھ تہ اچوڪي رات!

تنھنجي پٿريلي بت ۾ ڪا جاڳايون جذبات،
رھ تہ اچوڪي رات!

راشد! گڏجي سوچڻ سان ئي، ماري ٽيندا مات،
رھ تہ اچوڪي رات!

*

لهندڙ سج لالاڻ اکڙين ۾ ڳاڙهاڻ
قليليءَ جي ڪپَ تي!

سهڻا ماڻهو سبيتا ساهن جي سرهاڻ
قليليءَ جي ڪپَ تي!

خوشروئن جي سات ۾ خوشبوئن جي ڪاڻ
قليليءَ جي ڪپَ تي!

ها پر حيدرآباد جي منگهن تي ميراڻ
قليليءَ جي ڪپَ تي!

ٻَسبِي سياڻي پَرينءَ – مينهنِ جي آلاڻ
قليليءَ جي ڪپَ تي!

اچو ڪيون دوستو! راشد ساڻ رهاڻ
قليليءَ جي ڪپَ تي!

*

منهنجو سر بسجودِ تنهنجيءَ نيڻ نهار اڳيان!
واءَ جو جهوٽو اک جو اشارو، منهنجو ڪکُ وجودِ
تنهنجيءَ نيڻ نهار اڳيان!

تنهنجي آڏو ڪجهه بہ نہ آهيان، نسورو نابودِ
تنهنجيءَ نيڻ نهار اڳيان!

پل تہ ڪٽي فرعون هجي ڪو، نمي پوي نمرودِ
تنهنجيءَ نيڻ نهار اڳيان!

هيچ نظر آيو هرڪو، دنيا جو بارودِ
تنهنجيءَ نيڻ نهار اڳيان!

نعرا هڻندو، چوندو ايندو، هرڪو "حق موجود" !
تنهنجي نيڻ نهار اڳيان!

شهرت، عزت، دولت راشد! هرڪا شيءِ بي سودِ
تنهنجيءَ نيڻ نهار اڳيان!

*

ڪليو ڪنهن جو وَرُ چمڪيو چاقوءَ ڦَرُ
ريلا وهيا رت جا --!

ڪنڌ ڀڄي ڪمدار جو، اجاڙيائين گهرُ
ريلا وهيا رت جا --!

ڀاڙين ماڻهن ڪي مليو، ڀوتارن جو ڀرُ
ريلا وهيا رت جا --!

ٻَچ تي ڪيڏو تو وڙهي، ڪُتو يا نوڪرُ
ريلا وهيا رت جا --!

اَن داتا جي خونَ جو، ڌرتيءَ پيتو جَرُ
ريلا وهيا رت جا --!

سوريءَ چڙهِي سچ چئي، "راشد" آ شاعرُ
ريلا وهيا رت جا --!

*

آخر سنڌوءَ جَل، ڪاڏي نيٺ اڇل،
ڳوڙهن ڳل پسائيا.

هُرندا رهيا هانوَ ۾، پيارا ماضيءَ پل،
ڳوڙهن ڳل پسائيا.

نا اميديءَ لهرِ ٽِي، ٻوڙيا آس- ڪنول،
ڳوڙهن ڳل پسائيا.

ڪنهن ڪنهن سِپَ جي پيٽ ۾، آهن لعل لڪل،
ڳوڙهن ڳل پسائيا.

جابر جوءِ چڙهي وچ ، سُجهي ڪاٻه نه ٽل،
ڳوڙهن ڳل پسائيا.

ترسيا ڪهڙيءَ تاڙ ۾، ٻاٻاڻن جا ٻَلَ!
ڳوڙهن ڳل پسائيا.

راشد! منهنجي رنج جي، ڪنهن کي ڪهڙي ڪل!
ڳوڙهن ڳل پسائيا.

*

هلجي ڪھڙي هَٽِ، مَڌ نہ ڪنهن جي جي مَٽِ،
نڪر سڀ ٺلها ٿيا.

ڳڏجي متارا هلي، مرجي موڪيءَ وٽِ!
نڪر سڀ ٺلها ٿيا.

هئہ هئہ! سُڪر ڏينهڙا، ڳهاءَ نہ ڪنهن کي ڳهٽ،
نڪر سڀ ٺلها ٿيا.

مئخاني جي ماڪ ڪي، ڇِري دل پئي ڇٽِ،
نڪر سڀ ٺلها ٿيا.

دلڙي! صبر ساڻ هِي، گوندر گھڙيون ڪَٽِ!
نڪر سڀ ٺلها ٿيا.

راشد! سَري لاءِ تون، سر جو سانگُ بہ سٽِ!
نڪر سڀ ٺلها ٿيا.

*

متان لوڪ ميارَ سهين سِر ميهارَ
سهڻيءَ سان مل سير ۾.

لونءَ لونءَ ڪانڊاري وئي، پڌنڊيءَ جي پاڪار:
سهڻيءَ سان مل سير ۾.

محبت ڪائي مات چوَ، هوڏ نہ ڇاڏي هار!
سهڻيءَ سان مل سير ۾.

دلي ڪي تہ نہ دل ڪي، ڇڪنِ دريا آر:
سهڻيءَ سان مل سير ۾.

ڪاهي پئي ڪُنن ۾، الفت جي آڏار:
سهڻيءَ سان مل سير ۾.

تاتِ نہ ڏسي راشدا! تانگها توڙي تار:
سهڻيءَ سان مل سير ۾.

*

جهيٽو ڳالهايو،
متان جاڳايو،
سرتيون، منهنجو سپرين!

مَسَ مَسَ آهي ماڳ ڏي، منٿن موٽايو:
سرتيون، منهنجو سپرين!

سرچي سُتو سيج تي، پلنگ پرچايو:
سرتيون، منهنجو سپرين!

منزل هٽي ڏور ڪان، آڏيءَ جو آيو:
سرتيون، منهنجو سپرين!

شايد اٿڻ سان ڪري، وڃڻ جو سعيو:
سرتيون، منهنجو سپرين!

رکي يا نہ رکِي سگهي، راشد جو رايو:
سرتيون، منهنجو سپرين!

*

ڊاءَ ڏياري ڊپُ، ننڊ ڪيئن ايندي؟

دريا پائيندو اڇي، هِي گهَرُ ۽ هو ڪَپُ:
ننڊ ڪيئن ايندي:

لولي، گوليءَ ٻَکُ تي، ڪونهِ چُري ٿو چَپُ:
ننڊ ڪيئن ايندي:

سيني سيني جي مٿان، سُرندو رهندو سَپُ:
ننڊ ڪيئن ايندي:

ويچ ويچارا ٿيا، ڪهڙو ڪُهنو ٽپُ:
ننڊ ڪيئن ايندي:

ڳيري ڳيري جي مٿان، بازن جو آ جهپُ:
ننڊ ڪيئن ايندي:

هُو چڻ سپنا سورَ جا، باقي تنهنجو ڪپُ:
ننڊ ڪيئن ايندي:

سيءَ جهل جي لئه راشدا! ڪوبه نه ٿارو ٿپُ:
ننڊ ڪيئن ايندي:

ڳوليندي راهون، سچ لهي ويندءِ!

منزل پسنديون ڪينڪي، انڌيون نگاهون:
سچ لهي ويندءِ!

ڪاٿي رهيو قافلو، ڪاٿي ٿيون ڪاهون:
سچ لهي ويندءِ!

ڪُڏِي! ڪرهي ڪنڌ ۾، ٻئي وجهُ ٻانهون:
سچ لهي ويندءِ!

سڻندءِ ڪوبہ نہ سُجَ ۾، اڪيلي آهون:
سچ لهي ويندءِ!

رهبر نہ ٿئي راهہ ۾ پنڌ ٻہ پراهون:
سچ لهي ويندءِ!

راشد! شل سمجهي سگهين، سچڻن صلاحون:
سچ لهي ويندءِ!

*

محنت هاڻا هٿڙا جنهن جا، محبت وارو من:
سڪي ڙي! سو منهنجو ساجن.

پورهيت پورهئي ساڻ بڻائي، ڏوڙ منجهاران ڏن:
سڪي ڙي! سو منهنجو ساجن.

ڏيهه ڪي پائڻ، ڪائڻ لئہ ڏئي، ڪپڙو توڙي اَن:
سڪي ڙي! سو منهنجو ساجن.

ماڪيءَ جي مک وانگر ڏن ۾ پنهنجي مست مگن:
سڪي ڙي! سو منهنجو ساجن.

پاڻ ڏسي ڏُک پر نہ سهي جو، ٻئي تي غم پل ڪن:
سڪي ڙي! سو منهنجو ساجن.

ڌرتي سيتا جي لئہ راشد! يوڳي آيو بڻُ:
سڪي ڙي! سو منهنجو ساجن.

*

ڏاڙو ڙي ڏاڙو اَلا! جيڏيون مون سان جاڙ تي --!

پاڻي منڙو پيار جو، ٻنجي ويو ٻاڙو:
جيڏيون، مون سان جاڙ تي --!

سُکي ننڊ سمهي پيو، اوڙو ۽ پاڙو:
جيڏيون، مون سان جاڙ تي --!

منهنجي من مستان جو لالڻ ڏي لاڙو،
جيڏيون، مون سان جاڙ تي --!

سُکُ سمهان ڪيئن سيج تي، سيني ۾ ساڙو:
جيڏيون، مون سان جاڙ تي --!

راشد! راڻل ڏئي ويو، رو ڃ اهو راڙو:
جيڏيون، مون سان جاڙ تي --!

*

# بيت

**جيئن سي آهن پاڻ ۾ سنڌونديءَ، سنڌ،**
**تيئن آ منهنجي جند، جڙيل تنهنجيءَ جان سان.**

*

الا! اڃان عام جي، سوچ نہ ساماڻي،
دودو، هوشو،ناهيان،هيمون ڪالاڻي،
هيڏهن آنءُ اڪيلڙو، هوڏانهن سَوَ ساڻي،
پيٽ بہ پورت ٿو گهُري، پرت بہ پُراڻي،
هيڏهن آهي باھ ۽ هوڏهن آ پاڻي،
سا پَرِ شل رهجي اچر، جا پر ڏاڏاڻي،
سمرتي ساڻي، شال نہ ٿئي سنڌ جي.

*

قوم گهري قربانيون، پيٽ گهُري پورت،
اٿو، لٿو ۽ اڃهو، ظاهر ضرورت،
عشق چوي ٿو پانئيو، فاقي کي فرحت،
ٻن باهين جي وچ تي، ماڻهن موڙهي مَت؟
مٿجي وئي صورت، سرتا! منهنجي سوچ جي.

*

بک برابر بڇڙي، ماڻهو نِئي مانُ،
پوءِ بہ چوي انسان، پلي بُک پرم جي.

*

آيا گهڻا اوچتا، طاقتور طوفان،
روشن رهيا عشق جا، راشد! شمعدان،
دهلي ويا دهمان، دردن پري دل ڪان.

*

دردن جي پرمار سان، بڻي دل درياھ،
آيو عشق اٿاھ، پوڙيئين ٻن پپائيءَ جا.

*

محبت بخشيو ماڻهپو، انس ڪيو انسانُ،
هوس اڳي حيوان، عشق بنايو آدمي.
*
ڪريل هئو خيال سو، صحبت سڌاريو،
اندر اجاريو، اسان پنهنجو عشق سان.
*
ڪنڌ ورائي ڪونه ٿو، ڪيڏهن سوئر ٻَٽُ،
ڪيرائي ڪِوليون سگهن، هيڏو هاٿيءَ هَٽُ؟
وارو ڪري وَٽُ، شينهن به ٻليءَ پونگڙو!
*
ڪونڌر ٻچي ڪينڪي، گدڙ پيڪيءَ پر،
جوين جهونئو واءَ جو، ڪرڻو ٿئي سو ڪَر!
پيارا! ڇڏ ج ڪينڪي، پنهنجي پياري پَرِ،
اوري، ڏيان نه ڏرِ، منزل جو پَهُ مَنَ ۾.
*
ميدانن مان وئين هليو، ڪائي ياڙ ٻَچي؟
جي تو غداري نه ڪئي چو ٿيئي اک لَچي؟
سچي ڳالهه سَچي، سُڻائي مون سات کي.
*
اڏرڻ ڇڏي عرش تان، لالچ ۾ لهندو؟
ڦاسي پکي راشدا! ڦاهيءَ ۾ پوندو؟
ٻوريءَ مٿان زهر جي، وَرَ وَرَ ڏئي چڙهندو،
ڳڙي نه ڳهندو، مرندو ڪڏهن ڪينڪي.
*

ٻاهر ٻوتو ٻاز جو، اندرُ جهِرڪيءَ جيئن،
ڪانئر ٿيندو ڪيئن؟ راشد! راڪو ديس جو.

*

آيو آهه ڌمرجي، ڌات مٿاهون ڏيهه،
چڙيو چوهه چنڊڻ سان، چسن ڪري چيهُه،
غفلت جي گرداب مان، ڪيڻو آ ساڻيهه،
ٿڌي سيني ساڻُ جِي ٻُڌين اچي ويهه،
منهنجي اکِ ۾ پيهُه، تہ سُڃاڻين تون سچ کي.

*

ماڻهو منهنجي ملڪ جا، مٿا مصريءَ تَڙَ
دشمن جي لئہ رُڪَ ۽ سڄڻن لاءِ رَٻَڙ
يارن لاءِ ٿڌا گهڙا، ويرين لاءِ امڙ؟
اوڏهن ملڪ اجڙ جيڏهن ڪاهِن جوش مان.

*

جيئن جيئن تپي ڏينهن، تيئن تيئن مچي مُڙس تي،
شينهڻ آهي سنڌڙي، تون پُٽ تَنهن جو شينهن،
ڏاڍا اٿم آسرا، نيائيندين نينهن،
محنت سندو مِينهن، وسائج تون وڏڦڙو!

*

جنهن جنهن اجرڪ اوڍيو، جنهن جنهن مٿي پڳَ،
جنهن جنهن ڌڻ رڍن جا، جنهن جنهن ڏاچين وڳَ،
تنهن تنهن ٻڌو سَندرو، ڏين مبارڪ جڳَ؟
ٺڳيندي اي ٺڳَ، اسان کي تون ڪيترو؟

*

ويهو چو ٿا ويسرا، پڙڪايو پنيٺ،
لڳي ويئي ذهن جي، ڪهاڙين کي ڪٽ؟
اڃا پي چئو ٿا پلي، سنڌي سڏجي ڇٽ؟
لاهي اڇو لٽ، ماضيءَ جي تاريخ تان.
*
ڏوتا آيا، ڏڱ اٿو، ڌرتي ساري ڌوڌ،
ڪينو، وير، ڪروڌ، ڪيڏو آهي ڏيهه مان.
*
ڳيرو ڳاڙها ڳوٺ جا، هارين جا ٻچڙا،
سدا سونهن ڪيت ۾، سخن جا سچڙا،
لڙيو سج، اوطاق تي، مچائيون مچڙا،
ڪهاڙيون تکيون ڪيئون، ڪير چوي ڪچڙا،
ڳچي ٿِئي ڳچڙا، ته به ساٿ هميشه سچ سان.
*
اڄ ته ڪريون اي پرين! دپ ۽ لالچ ناس،
دانهون ڪري درد مان، دوزخ آهه اداس،
پاڙهئي پيا فرشتا، ونندا جنت واس،
هٽي هام، حراس، لاهيون ساري لوڪ تان.
*
حقيقت آ حال جي، غربت گذارو،
اصل ائين آهه جيئن، اَڪن تي پارو،
نه سوکو سيارو، نه ڪو سُک سانوڻ ۾.
*

ڪوهه ڪرين ٿو ليٽ، قاصد قريبن جا،
چئج چاهه چريو ڪيو، چوڪي ڏئي چپيٽ،
سندي پورل پيٽ، ڪنهن سان ڪريان ڪينڪي.
*
وَرُ ڙي، قاصد وَرُ! متان ڪو مري وڃي،
جُدائيءَ ۾ يار جي، جال وهايان جر،
جهَليو گهر جو دَر، ويٺو واٽ نهاريان.
*
ڏاڍي آهه اڪير، تنهنجي ڏسڻ جي مون کي،
وڇوڙو وَڍِ موت کان، نيڻ وَهائن نير،
جُدائي جا تير، اَچي ڪڍ اندر مان.
*
اڪڙيون رت رُئن، ساريو توکي سپرين،
تارا تڪن رات جو، ڏينهان راهه ڏسن،
جدائي ڏئي ٻن، موٽي اچ مون ڏي پرين!
*
گهوريا سانوڻ ڏينهن، پرين جي پرديس ۾،
وَر ريءَ وانديڻ کي ڏين، ڪڪڙو مزو مينهن،
نهوڙيون جي نينهن، سي ڪيئن سُکُ پسنديون!
*
ٻن پيا سانوڻ ڏينهڙا، پرين آ پرديس،
اڌما آڌيءَ جو اچن، ساريو ساريو ڪيس،
شل ڪو رحم پويس، ورڻ جي وائي ڪري.
*

وريو سانوڻ سهنج ٿيا، ڏک جا پيگا ڏار،
سرتين لڳ آگهاريا، ڪيئون رات قرار،
منهنجو سڄڻ ڏار، بدن بدبودار ٿيو.
*
موٽيا سانوڻ ڏينهڙا، موٽي آءُ ميان!
پسيو پاڙي واريون، وِهه جا ڏُک پيان،
سڙي سيخ ٿيان، ان کان اڳي آءُ تون!
*
سانوڻ آيو سهنج ٿيا، مهلون مينهن ڪيون،
ورن ورڻ جون گهرين، خبرون اڳ پيون،
لاهي ساڳ ڪُنا ڪيون، سرتين تيار سَيون،
اسان ڪالهه ڪيون، مهٽي ماٽيءَ جي مٽان.
*
پرين کي پڄاءِ، کنياتا! منهنجو خطڙو،
ويٺو جنهن جي لاءِ، راهون روز نهاريان.
*
ڪٽي خط اڏام، کنياتا! خوش ٿي خيال سان،
پرت جو پيغام، پهچائج پرينءَ کي.
*
ڪانگا! قاصد ٿيءُ، وڃ پرينءَ جي پار ڏي!
جڳُ جڳُ جڳُ مَ جيءُ، جلدي آڻ جواب کي!
*

ڪانگا! قرب ڪري، ڪاغذ نيجُ قريب ڏي،
اڱيان دوست ڏري، آزيون ڪج عجيب ڪي.
*
آءُ ڪانگا! ڪَر ٻاجهَ، وڃ تون محبوبن ڏي،
وِجهان ويٺو واجهَ، سگهو آڻ سنيهڙو.
*
ڪانگا! ڪَر نہ آوين، سگهو پهچ پرينءَ ڪي،
ڍونڍين متان ڍين، ڪچڙي ڪائج خوش ٿي.
*
سوچڻ ڏاران ساٿيو، انڌو عشق عذاب،
عقل رِيءَ انسان جو، خانو آهِ خراب،
علم، عقل، عشق جو، ناتو آ ناياب،
غرق ٿيو غوراب،جنهن ڪي سِڙهہ،سُڪان،نہ پاتڻي.
*
انسان لئہ علم آ، قيمتي زيور،
ٻي زرن لئہ زر علم، ٻي پَرن لئہ پر،
شهر بہ آهي بَر، علم ڏاران دوستو!
*
جي چاهيو ٿئي جڳ ۾، جيئڻ سجايو،
علم، عقل، عشق ڪي، گڏي هلايو،
عشق عقل پاڻ ۾، جو ٿا ويڙهايو،
ڪلفت گهٽائي ڇڏيو، محبت وڌايو،
سڀ سان نڀايو، راشد! ريت پريت جي.
*

اچو گڏجي دوستو، ڦيرو ڪو آڻيون!
عقل، علم، عمل کي، هڪ ٻئي سان واڻيون،
ريتون پراڻيون، مٽايون هن ماڳ تان.
*
ليکي ۾ ير لوڪ جي، اڄ پڻ آهي عيد،
پر هن موقعي مهل ۾، عاشق جي نہ اميد،
ٿيندي عيد سعيد، جانب اچي جُوءِ ۾.
*
ڪاڏا ماڻهن عيد تي، خوش ٿي ڪندبون ڪير،
اڳيان رکيو راشدا، پرينءَ جي تصوير،
توريان پيو تقدير، پنهنجي ۽ ٻئي لوڪ جي.
*
جن سان سڄڻ ساٿ ۾، سي پل عيدون ڪن،
عيد مبارڪ ڏيڻ لئہ، مرڪي مرڪ ملن،
پرين جي پرچن، اسان پڻ عيدون ڪيون.
*
اچي عشق اندر ۾، ڪيا اوتارا،
فاتح ٿي دل جي مٿان، نينهن هنيا نعرا،
ختم خوشين جا ٿيا، ڪوٽ قلعا سارا،
ڪسجي ويا خيال ڪان، سڪن سهارا،
اچن اوتارا، ساريو سورن سلسلو.
*

هڪ ته پري آ مون ڪان، پيارن جو پاسو،
ٻيو ته آهي پيار جو، پنڌ ٻه واريباسو،
ٿيون دڪيءَ دل ۾، وهمن جو واسو،
قربن ڪاسي تي نه ملي، محبت جو ماسو،
راشد دلاسو، من ڪو ملي دوست ڪان.
*
لنئون لڳي، لوري وڏي،لونءَ لونءَ اندر لات،
جهڄڻ جهوراڻو رڳو، تن من تنهنجي تات،
سنڌ سنڌ ۾ آ سور ۽ ساهه کي آ سڪرات،
راشد، شل اڄ رات، اهنجن ڪان آجا ٿيون!
*
اڇي اڄ دلگير تي، دردن لاتي دڙَ
سکن کي ساڙي ڇڏيو، آٽي عشق امڙ
من ۾ مچ ٻرن پيا، اکين ۾ ته ٻه جهُڙ
لهن راشد! لڙ پرين جي پهچي پوي!
*
پاري ساڙيو اَڪ کي، لڳو اتر واءُ،
سرتيون وٺن سڳهريون، سِيءَ ۾ سمهڻ ساءُ،
مون وَرَ موٽي آءُ! ماڻهو ماڳين موٽيا.
*
هي ڪوچو، هن هنڌ، هتي منهنجو ساٿ آ،
پاڻهيءَ ايندس پنڌ، لاري جهل ته لهي پوان!
*

هي ماڻهو، هي ماڳ، هتي منهنجو ساٿ آ،
ڪٿي منهنجو ڀاڳ، لاري جهل تہ لهي پوان!
*
هي ويڙهيون، وڙاهہ هتي منهنجو ساٿ آ،
سٿون ڪاڏيو ساهہ لاري جهل تہ لهي پوان!
*
هي جهنگل، هي جُوءِ، هتي منهنجو ساٿ آ،
سرهي آيم بُوءِ، لاري جهل تہ لهي پوان!
*
هي پٿون، هي پُون، هتي منهنجو ساٿ آ،
چو ٿو تاڻين تون، لاري جهل تہ لهي پوان!
*
هي چارا، هي گَس، هتي منهنجو ساٿ آ،
مطلب مليو مَس، لاري جهل تہ لهي پوان!
*
گهر ۾ گهاريندي ڪيو، سڪڻ جون نہ سڏون،
سڀ ڪجهہ گهوري سچ تان، اڳتي وک وڌون،
اڄ تہ قول ڀڌون! قسم ڪٽي ڪڙم جا.
*
مرشد منهنجو پٽ ڏٽي، پونگر منهنجو پاءُ،
ٿي ويو سچي ساٿ جي، سوچن سان سرچاءُ،
نياپا آڻي نينهن جا، اڄ پڻ اتر واءُ،
سمهڻ ڪهڙو ساءُ، جيڪو جدوجهد ۾.
*

جن جي پرت اڇاتري، تن کي حال ڇوان؟
مانئي محبت جن سندي، مائٽ سي نہ مڃان،
اگهاڙو ٿي راشدا! آڏو عام اچان،
اهڙي جُوٺي جيئڻ کان، ٻڏي چو نہ مران،
ڪرڻو آهہ اچان، پيار لڪائي لوڪ کان.
*
ماڻ ڪارڻ ماڳ جي، ڪيڏو پنڌ ڪيوم،
ڪنهن کي ڏسيم ڪينڪي، ڪهڙو سور سٺوم،
تيئن ئي چنڊ مٿي چڙهيو، جيئن ئي سج لٿوم،
منزل کي تہ مَيوم، وک وڌائي وتري.
*
ڳالهائيندڙ ڳهلا ٿيا، نہ تہ سچ تہ سڀ ڪنهن وٽ،
هلي پيو ٿو ڪوڙ جو، هوڪو هر ڪنهن هٽ،
ملان مير ۽ پير ڏس، ڪانهي ڪنهن ۾ گهٽ،
موڳا مور نہ مٽ، سچ کي ڪڌهن ڪچَ تي.
*
ڳالهائيندڙ ڳهلا ٿيا، نہ تہ سچ تہ سڀ جي سونهن،
قلب ڪارا ٿي ويا، دلين مٿان دونهن،
منهنجي روح ورونهن، راشد! سُوجهڻ سچ کي.
*

ڳالهائيندڙ ڳهلا ٿيا، نہ تہ سچ تہ بيٺو نچ،
سچن هيرا پلئہ پيا، ڪوڙن حاصل ڪچ،
سچن جي رهہ سنگ ۾، بد صحبت کان بچ،
مردن آهہ مچائيو، محبت سندو مچ،
سچا، اچي مچ تي، پتنگن وانگر پچ!
اوري اٿي اچ! تہ ڏسين سچ جي سونهن کي.
*
عاشق مست فقير، سودو ڪن ٿا سر جو،
هيڏهن سينا سپر ٿيا، هوڏهن تکا تير،
سورهيہ سيني گهاوَ ۽ ڪانئر نيٽين نير،
مرڪن ٿا مهمير، شهادت جي شوق ۾.
*
اَلا، سنڌ جيئي! جيئي نظارو نور،
اڪن جهليون ڦلڙيون، ٻيرين جهليو ٻور،
چشم بد دور، سدا رهي سنڌ کان.
*
الا! سنڌ جيئي، جيئن سنڌي پار،
سنڌي لکن، سنڌي پڙهن، ٻڌجن سنڌ سڌار،
الف– بي اچار، اچارن اسڪول ۾.
*
الا! سنڌ جيئي، جيئن سنڌي جوان،
ميٺيندا هي مرد ئي، آيل جا ارمان،
سنڌيت جا پروان، جلائيندا جان کي.
*

اَلا سنڌ جيئي، جيئن سنڌي جُهورَ
سما جي انصاف لئہ، سوين ڏٺن سور،
پوڙها ويٺا پور، پچائن پره جو.
*
اَلا سنڌ جيئي، جيئن هر هاري،
پورهئي سان جن پانهنجي، جُوءِ سچي جياري،
ڏک جي ڏيکاري، تن کي اچي ڪينڪي.
*
جيئن سي آهن پاڻ ۾، سنڌوندي، سنڌ،
تيئن آ منهنجي جند، جڙيل تنهنجيءَ جان سان.
*
ساري توکي سپرين، اکيون پوٺيون مون،
اکيان آئين تون، نهي نقشو سنڌ جو.
*
هڪڙو نقشو سنڌ جو، ۽ بيو آهين تون،
جن جي ڪري مون، جيئڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي.
*
جهڙو نقشو سنڌ جو،تهڙي تنهنجي سونهن،
منهنجي روح ورونهن، ڏسڻ پسڻ بنهي کي.
*
هوڏنهن سور سنڌڙيءَ جا، هيڏنهن پيا صدمان،
اچن ٿا اڏمان، ساريو سورن سلسلو.
*

هوڏانهن سنڌ جا سور، هيڏانهن سور سڄڻ جا؟
هوڏانهن غيرن گهاوَ ڏنا، هيڏانهن پنهنجن پور؟
وچن پلا ڪيڏهين، مون پارا مجبور؟
نسورا ناسور، عوشاقن جي اندر ۾.

*

تنهنجو منهنجو ناهه شايد ڪڏهن ڪين ٿئي؟
مون کي منٺڙي سنڌڙي، توکي منٺو ساهه
ٿيندو ڪيئن نباهه ڪانئر ۽ ڪنڌار جو!

*

تنهنجو منهنجو واسطو، ناهي جٽادار،
تون ڪيئن منهنجو ٿي سگهين ، پاڳي پائيوار،
مون کي آهي ملڪ سان، پاڻان زيادهه پيار،
توکي پنهنجو خيال، جيئن ونگو نہ ٿئي وار،
ڪانئر ۽ ڪنڌار، گڏجي رهندا ڪينڪي.

*

هونئن تہ آهيون ٻئي ڄڻا، مٽيءَ پنوڙو،
پوءِ بہ نہ ٿهي ٿو ڪڏهن، پنهنجو هي جوڙو،
آڏو مشڪل کي ڏسي، مُنهن کي ڏين موڙو،
سڏي پيئي قوم ۽ تون ٻڌڻ کان ٻوڙو،
تيار ڪيو گهوڙو، سڏ سڻي مون سنڌ جا.

*

حيف هجيئي لالچي! لالچ لڙهه لڳين،
آڏو ڏسي ڏڪڙا، ڏيئي پُٺ ڀڳين،
ناهئي سورهيہ ڀيءُ جو، شايد رَتُ رَڳين،
پڌر پئين جڳين، ڪانئر هڪڙو ڪڙمہ مان.
*
هلو هلو ساٿيئو! ساجهر ئي سنبرو،
نيرانا نڪرو، مانجهاندو محبوب سان.
*
هلو هلو يار ڪان، سبق سور سڪون،
باقي چار وکون، پنڌ نہ آهي پريرو!
*
ايندا سچا عاشقو! باهه ڪيو پڙڪو،
ديڇن جي لئہ ڪوڙ آ، دوزخ جو دَڙڪو،
ور ور ڏئي وڙڪو، پتنگ جيان مچ تي!
*
جي تون عاشق آهين، دوزخ ڏي ئي ڊوڙ!
پڇڻ چاهين، پنڌ پؤ، ٿاندن تي ڪر توڙ!
ماڻهن کي منهن ٺوڙ، جنت لاءِ جواب ڏي.
*
نالو وٺين نينهن جو، تہ نڪري ٿي نروار!
ڪات ڏسي ڪانئر ڀڄي، سورهيہ سوريءَ سوار،
ڪونڌر ڪنڌ ڪٽار، ڀيئي ٻکيا پاڻ ۾.

# قطعا

وري ڌرتيءَ تي ڪو سقراط نہ ماريو ويندو،
پيچي هر زهر پرئي جام کي هاريو ويندو،
ٻچو ان ڏينهن کان نفرت کي پڪيڙڻ وارا!
جڏهن انسان جي عظمت کي اپاريو ويندو.
*

وري ڏرتي تي ڪو سقراط نہ ماريو ويندو،
پڇي هر زهر ڀرئي جام کي هاريو ويندو،
ڊچو ان ڏينهن کان نفرت کي پکيڙڻ وارا!
جڏهن انسان جي عظمت کي اڀاريو ويندو.

*

اسان سقراط تي وِهَ جو وٽو پي ويندا سين،
اسان منصور تي سُوريءَ تي چڙهي ويندا سين،
لبن تي ڪلمہ حق جاري سدائين رَهندو،
اسان سرمد تي راهِ حق ۾ ڪُسِي ويندا سين.

*

اسان بہ عشق جي ٻارڻ ۾ ٻري ڏسنداسين،
اسان بہ درياهِ محبت ۾ تري ڏسنداسين،
عشق فرهاد ۽ مجنونءَ جو مقاطعو ناهي،
اسان بلال و عنايت تي مري ڏسنداسين.

*

پنهنجن تي ڪڏهن وار ڪيو ٿئون نہ ڪبو،
بيواجبي تڪرار ڪيو ٿئون نہ ڪبو،
سنڌوءَ جي ڇٽين ساڻ ڪو ليکو نہ اٿئون،
پر بخش ڪو غدار ڪيو ٿئون نہ ڪبو!

*

ڪم ظرف جي تائيد ڪئي ٿئون نہ ڪبي،
انصاف جي اميد ڪئي ٿئون نہ ڪبي،
چوندن کي نہ آ جهل، نڪا پرواه ئي آهي،
الزام جي ترديد ڪئي ٿئون نہ ڪبي.

*

رڳوئي غير جي ظلمن تہ ستايو ناهي،
مگر افسوس جو پنهنجن بہ گهٽايو ناهي،
اسان کي آس هُئي ٿارڻ جي، مگر ٻاري ويا،
اهو آ ڪير جهين درد ڏُکايو ناهي.
*
ستايو خوب ستايو ۽ ظلم برسايو،
ٿو غيرن کان پڇي غم تہ پنهنجا ورسايو،
اچي هُو منهنجو پرين مون کي ٻٽي تير هڻي،
شهيدِ ناز سندو لاش، گهڙي ترسايو.
*
سچي تي ڪوڙ جي ڪاهيو تہ ڇا ٿيو؟
وري بهتان ڪنهن ٿاهيو تہ ڇا ٿيو؟
نمڪ جو حق ادا ڪرڻو هو هن کي،
ڪُتي مون تي اگر ڀاهيو تہ ڇا ٿيو؟
*
هِن ديس ۾ دستورجو نالو نہ هجي ها،
ڪاراڻ هجي ها ۽ اجالو نہ هجي ها!
هيءَ قوم انڌيرن ۾، ڏِڪا کائي ها هر دم،
راشد! جي ڀٽائيءَ جو رسالو نہ هجي ها.
*
تهذيب جو ڪنهن جي بہ هَٽ، ڀالو نہ هجي ها،
غيرن جي زبانن تي بہ تالو نہ هجي ها،
لولي آ ملي جنهن ۾، سا ٻولي نہ هجي ها،
راشد! جي ڀٽائيءَ جو رِسالو نہ هجي ها.
*

دستور مٺ نوشن جو نرالو نہ هجي ها،
هر لب تي جيئي سنڌ جو پيالو نہ هجي ها،
تهذيب، ثقافت بہ اسان جي نہ رَهي ها،
راشد! جي ڀٽائي جو رسالو نہ هجي ها.
*
سنڌيءَ ۾ ڪو مضمون، مقالو نہ هجي ها،
ڪو لوڪ گيت، بيت، جمالو نہ هجي ها!
ڪو نثر، نظم قوم ڪي، زنده نہ رکي ها،
راشد! جي ڀٽائيءَ جو رسالو نہ هجي ها.
*
سسئيءَ جو ڪٿي ياد ڪشالو نہ هجي ها،
سهڻيءَ جي ترڻ سيرَ جو، نالو نہ هجي ها،
مارئيءَ جي وطن لاءِ حُب، معلوم نہ ٿئي ها،
راشد! جي ڀٽائي جو رِسالو نہ جي ها.
*
جي شاه جو قوميت لئہ، حوالو نہ هجي ها،
سنڌيت جو ڪو مستان موالو نہ هجي ها،
نہ ذات رَهي ها، نہ ڪائي بات ٿئي ها،
راشد! جي ڀٽائيءَ جو رسالو نہ هجي ها.
*

اسان وٽ اچا آس اميد واري،
اوهان وٽ ظلم روز پيو ٿو وڌامي،
شرافت اتي ليٽڙي ساهُ ڏئي ٿي،
جتي پير جي ٿي ڪرامت وڪامي.
*
ڦِٽي ڪين اس تي گلابن جو رنگ،
ڪڙهي ٿئي ٿو ڪارو ڪبابن جو رنگ،
ٿِمي نور ٿو پيرَ جي مُنهن منجهان،
ڪٿي هَرُ ته ڏسجي نوابن جو رنگ.
*
ڪنڊ تي ڪاتي ڏسي ڪانئر ڪُڏو ڪُرڪِي پيو،
لالچي ڳِجهَ وانگيان آ ڏِوندي تي ڏِرڪي پيو،
خوش نصيبي آهه سر ٿو قول تي قربان ٿئي،
مون کي مقتل ۾ ڏسي، محبوب اڄ مُرڪي پيو.
*
ڀري پيٽ پنهنجو ڪتا پي سگهن ٿا،
ڪو چوندو ڪُتي لئه ته حيوانُ ناهي؟
جو ڏک ۾ ڏسي ٻين کي خوش رهي ٿو.
اهو سمجهه انسان، انسان ناهي.
*
جگر چاڪ ٿي پيا گلن جا خزان ۾،
۽ مالهيءَ جي دل تي ڪو داغ ئي نه آهي،
آ غدار جنهن باغ جو باغبان ٿيو،
اهو باغ سمجهو ته باغ ئي نه آهي.
*

غريبن کي  ظلمن جو گهيرو ڏسو ٿا،
هي چؤطرف چيين جو چيرو ڏسو ٿا،
مصيبت ۾ هاري ۽ مزدور آهن،
رڳو خوش سِرائي، وڏيرو ڏسو ٿا.
*
چون ٿاظلم هي ختم ٿي نہ سگهندو،
غريبن تي رحم ۽ ڪرم ٿي نہ سگهندو،
چوان ٿو نسل نئون سجاڳيءَ ۾ آهي،
ڪنهن جو مال هاڻي هضم ٿي نہ سگهندو.
*
گذريون جي اوهان ساڻ گهڙيون، ياد ڪنداسين!
مکڙيون جي محبت جون ٽِڙيون، ياد ڪنداسين!
ڪن ٿوڙي چڏيون ٿي، ڪنين مضبوط ڪيون ٿي،
سي قرب ۽ الفت جون ڪڙيون، ياد ڪنداسين.
*
وڃ جنهن بہ هيٺ ويهجي، ان کي بہ ڪجي ياد،
ساٿين جي ذڪر ساڻ، سدائين رَهي دل شاد،
ڪنهن سک تہ ڪنهين سور ڏنا، پو بہ اي راشد!
منهنجي تہ دعا آھ تہ سڀ خوش هجن آباد.
*
انسان آهيون، دوست هر انسان اسان جو،
هندو بہ اسان جو تہ مسلمان اسان جو،
ماڻهن تہ اسان کي گهڻن ڪافر بہ چيو آ،
پر امن ۽ محبت ۾ آ ايمان اسان جو.
*

زندگيءَ ۾ شعر هن جو ڪنهن چيڻ چاهيو نٿي،
مرڻ کان پوءِ چون ٿا، واقعي وڏو شاعر هئو،
محب وطنيءَ جو مليو مرحوم کي سرٽيفڪيٽ،
جڏهن جيئرو هو تڏهن غدار هو، ڪافر هئو!

*

محفل ۾ اچ راشد جو ڪو گيت ڪنهين آ ڳاتو،
واتُ وڏيري جو ڪِڦ پريو آهه چڙيو چؤ واتو،
نانءِ جنهين جي ملڪيت ناهي، ناهه جهين جو کاتو،
مُلڻن جي لئہ مِهڻو آهي، پيرن لئہ پاراتو.

*

# ٽيڙو

اڇ، اڇ، اوري اڇ!
سمجهُو ماڻهو پاڻ ڏي
سڏي پيو ٿو سچ.

*

ماڻھوءَ ماڻھوءَ مَنُ،
اھڙو ھجي اجرو،
جھڙو ڀيجِي اَنُ.

*

مَسُ ڪٽي وئي آ،
لکيم ريٽي رتَ سان
باڪ ڦٽي وئي آ .

*

اچ اچ اوري اچ!
سمجھو ماڻھو پاڻ ڏي
سڏي پيو ٿو سچ.

*

بيٺڪ يارن جي،
جيئن ڪا ڪاري نَيَ ۾
ٺم ٺم تارن جي.

*

شمع ڏني ڪاند ،
ھلي آئي سيگھ ۾
پروانن جي لاند .

*

لکڻ جي لئہ چَس،
روح گھُري ٿو محبتون
پين گھري ٿي مس.

*

مايا موهيئي من،
تڏهن تنهنجي روح ۾،
ڦٿڪي مُئو فن.
*
سائين لَپ چڙهِي،
نہ روءِ منهنجا ٻچڙا!
اِجها رَبَ چڙهي.
*
رنڙ جواڻ جماڻ،
روئي ۽ رڙي پئي،
ٻاڪُڙ ٻارن ڪاڻ.
*
ڪيڏي آس امنگ،
ڪتي ڪيندي ان ڪٺا.
ميڙي ڪِرَ جا سنگ.
*
چپر ڀنا بوند،
ڏسجي ٿي چٽي پٽي
اکين ۾ اٿهوند .
*
ڌرتي ناهي سَنڌ،
ٻِهَ ۽ لوڙهه ڏئي پئي،
موريون، بصر ڳنڍ .
*

ماٺيندؤ فرحت،
ضامن آهن سُک جا،
ايڪو ۽ الفت.
*
ڌڙڪي پيئي دل،
مان ۽ اوسيئڙو پئي،
دادو مورو پل.
*
چانڊوڪيءَ سان چاهه،
اٺتيهينءَ جي چنڊ ۾
ڪوڙو هي ويساهه.
*
چور پيا جاڳن،
ڀاڳيا ننڊ نياڳ ۾
ڪتا پيا ڀؤنڪن.
*
اکيون ائين چمڪن،
چڻ ڪي آس اميد جا،
ڏيئا پيا ٽمڪن.
*
جرڪي پيئي جوءِ،
اوسو پاسو واسيو،
بيد مشڪ جي بوءِ.
*

ڪٽڪون نِسريون،
پوکون پنهنجو چا چوان
چوريون سانوريون!
*
پڪيون چاڳريون،
وري رتايون اسان
پنهنجون آڱريون.
*
سيڪي رکيا مون،
سهڻا! تولئہ سوکڙي،
ڪاءُ اچي آيون!
*
لوڏي کپڙ لام،
ٽپ ڪنداسون ٽپڻا،
پٽبا پيرون جام.
*
پير پيا ٽچڪن،
جيئن ڪي تتل تئيءَ مٿ،
ڦُلا پيا ڦٽڪن.
*
مون کان ڪيئن وسرن،
ساين سارين جي مٿان،
ڪنگ پيا اڏرن.
*

وسريون تشبيهون،
ظلم زورِي سونهن سان،
ٻُڌيون مون ڪيهون.
*
ڪڍي سج ڪني،
پهتو وَرُ ٻنيءَ تي،
وٺي ساڻ وني.
*
ڪيئن ٿو ڪم اڪلي،
ڪاندا ٿاندا اپ مان،
سجُ پيو اچلي.
*
پاري ساڙيا اڪ،
هھڙيءَ سرديءَ سامهون،
سسئيءَ لنگهيا لڪَ!
*
ڏونگر ڏڪيرا،
ظاهر ڪن ٿا ڪينڪي،
پنهل جا پيرا.
*
پُري پئبو پنڌ،
اوڏنهن جيڏهن جوءِ جا،
جوڏا هڪ ئي هنڌ.
*

ٽيندي ڪا چرپر،
راشد! آهي راڄ جي
هانون ۾ هُرڪر.
*
گڏيا آهيون گڏ،
آنءُ پڙاڏو ان جو،
تون جو آهين سڏ .
*
لڪندي رات لڙي،
هٽي هٽي نيٺ مون،
ڪئي تاريخ ڪڙي .
*
چوڏاري چڻ پڻ،
رنگ لڳايو راشدا!
اندر جي اڻ تڻ.
*
ڄرڪي پيئي ڄاڻ،
ٻريا چيٽا سوچ جا،
پڙڪيا پُتا پاڻ.
*
مٿبو نيٺ سماج،
توري ٽوڪر سان اهو،
ٽٽي پوندو عاج.
*

ماڻهن کي پڪڙي،
جهلي سگهندؤ ڪين ڪي،
جذبن کي جڪڙي.
*
پختو آ ايمان--
جيڪو پاڻ سچاڻندو
آجو آ انسان.
*
ٻيري ۾ چوڦير،
گهمندي ڇا سوچين ٿا
باندي ببر شير.
*
ٻُڌو ڪن کولي!
ڪنيو اسان ڪونهِ آ
ٻانهپ کي ٻولي.
*
اڏريا ابابيل،
هيٺي جيون جي هٿان
فنا ٿيندا فيل.
*
وڏي ٿئي ويڙهاند،
ڏين ماڻهن کي رڳو،
وسوسا ويساند.
*

روح نہ ٿيندءِ رَڄُ!
اِن اڍنگي ساٿ ڪان،
مٿيون پيڙي پڄ!
*
ڇا ٿو ڇئي راوي،
ماڻھن ۾ جا ماٺ آ،
ٽپي پئي آوي.
*
مل ۾ ٿيو لولو،
وڪڻي ويٺو زال جو
بُڪَ مَرِي، بولو.
*
ڪاريگر جو موٽُ،
نِنڍڙا نِنڍڙا ٻارڙا،
ساري گھر جو موٽ.
*
ڪيڏي آ پٽ ڪوھ،
ڪن ماڻھن جا ذهن ڇڻ،
ڏوهل ٻڪرين اوھ.
*
پُرجھي مون بہ پڙھيو،
ڪاريگر جي قرب سان،
جنديءَ ذهن چڙھيو.
*

هر ڪنهن طور ٽڪر--
سڀ ڪو سيري پاڻ ڏي
سياري جي تہ سَوڙِ.
*
روشن هُئي راھ
ليڪن لٿي ڪانہ ڪا،
اندَن تان اونداھ.
*
ڊينگوئي ڊيري،
سچائيءَ جي سامهون
ڪوڙ ٻٽيو ڪيرِي.
*
ڀل تون ٻانهون لوڏ!
آئي آهي ڪچي ۾،
ورهين ڪان پوءِ ٻوڏ.
*
الا! هي اک ٽيٺ،
هٽي چور نگاھ سان،
نظرن جا ٿو نيٺ.
*
دوڌاري تلوارَ
چنيسر دهليءَ پڳو،
دودي لئہ آزار.
*

موٽي وچ ميان!
ملندو ڪو محمود ڇو،
قاضي قاضن سان!
*
سي ڪيئن ڪبا سينڻ،
جن ماڻهن جي منهن ۾،
نائونمل جا نينڻ!
*
آڪڙ نہ ڏيکار،
رئيس وڏا مسڪين تي،
دوڏا نہ ڦوٽار!
*
رئيس جي پڳهر ۾ شل،
هڪل هاريءَ ڪي ڪيئين،
جهلي مور نہ جهل!
*
ائين تہ نہ ياڙي ٽيءُ!
رئيس وڏا! پنهنجي هٿين،
پاڻي اٽي پيءُ!
*
ڪائڻ لاءِ ڪرو،
انگين عضوين سيبتو
ڪم ڪان سيٺ! پرو.
*

سوئي ڪميٽو،
جيڪو ڪري ڪونہ ٽو
ڪک پچي ٻيٽو.
*
ڏاڏا وڏا پيٽ،
ها پر وڏي رئيس سان
ڪنهن جي ڪهڙي پيٽ.
*
ڦري ويا ٽئي هاڻ،
تو جي چمچا ڏاريا،
ٽانڊي ٽوپيءَ ڪاڻ.
*
چڪي هڻ چوڪر!
ڪري پوندا ڪيترا،
ساٿي ساڻ سگر.
*
ڪک بہ وڏي وَٽ،
هيٺو ناهين چوڪرا
هلائي ڏس هٿ!
*
همٿ ڪر هيڪر!
چاڙن ڳاڙها ٻير پيا
چاڙپ سان چوڪر.
*

ٽاريءَ ٽاريءَ ٻُلَ،
ڇنيو ڪائن ڇوڪرا،
وڻ ويڙهيءَ جا گل.
*
ٿاهي جوڙ جٿا،
ٻار هليا ميدان ڏي،
آٽي تان نہ لٿا.
*
موجون پيا ماڻن،
ڇوڪر تتل ڏينهن ۾،
سگريون پيا چاڻن.
*
انٽرويوءَ ۾ پاس،
ڇا مان ڇاهي ٿي ويو
رزلٽ نہ آئي راس.
*

# تاج جويو

## ضمير واهه واهه ڪئي!

شاعر. فطرت جو عڪاس ۽ سونهن ۽ سچ جو پارکو آهي. سماج جي ڪوجهائيءَ کي ڏسي ۽ محسوس ڪري، ان ۾ سونهن پرڻ شاعر جو ڪم آهي. شاعر، جنهن سماج ۽ جنهن ماحول ۾ اک پٽي ٿو، ان سماج ۽ ماحول ۾ ئي هن جي شاعري سرجي ٿي. ان ڪري، ضروري آهي ته شاعر کي پنهنجي سماج جي سڌاري ۽ سنوار لاءِ پنهنجي شاعريءَ کي وسيلي طور ڪم آڻڻ گهرجي. هڪڙن جي راءِ آهي ته شاعر، پنهنجي شاعريءَ ۾ زندگيءَ ۽ سماج جي اصل تصوير پيش ڪري ٿو، پر ٻين شاعريءَ کي زندگيءَ ۽ سماج جي تنقيد ڪوٺيو آهي. سندن نظر ۾ شاعريءَکي رڳو سماج جي آرسي نه ٿيڻ گهرجي، پر بهتر سماج ۽ بهتر زندگيءَ جا چٽ چٽڻ ۽ تخليق ڪرڻ به شاعريءَ جو ئي ڪم آهي.

شاعريءَ لاءِ قائم ڪيل پوئين راءِ ئي بهتر ۽ موزون آهي، ۽ اڄ جي هر شاعري، اِن ڪسوٽيءَ تي پرکڻ گهرجي. سماج ۾ موجود تضادن ۽ انساني درد ۽ پيڙا کي محسوس ڪري، انساني زندگيءَ ۾ سک، سانت ۽ امن جي آڻڻ لاءِ جدوجهد جو سبق ڏيڻ هڪ صحيح شاعر جو ڪم آهي. شاعر جيئن ته عام ماڻهن کان وڌيڪ شعور ۽ ساڃاهه جو مالڪ هوندو آهي، ان ڪري انساني درد ۽ پيڙا کي به ٻين کان وڌيڪ محسوس ڪندو آهي. شاعر کي پاڻ لاءِ نه پر ٻين لاءِ جيئڻ گهرجي، ٻين جا ڏک ۽ سور، پنهنجا ڏک ۽ سور سمجهڻ گهرجن. سائين محمد ابراهيم جويي هڪ ڀيري چيو هو ته ”جيڪو ٻين لاءِ جيئڻ جو سنيهو ڏئي ٿو، اهو ئي سچو شاعر آهي.“

منهنجي نظر ۾ راشد جي شاعري، محمد ابراهيم جويي جي پيش ڪيل مٿئين نقطي جي وضاحت ۽ تفسير آهي.

راشد سان منهنجي سڃاڻپ 1966ع کان آهي ۽ راشد، شاعريءَ ۾ منهنجو استاد به آهي. سندس ذاتي زندگيءَ ۽ عملي ڪردار کي به مون تمام ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي. سندس گهٽي ڀاڳي سموري شاعري به پڙهي اٿم. ان ڪري، مون لاءِ راشد ۽ سندس شاعريءَ محمد ابراهيم جويي جي راءِ جي روشنيءَ ۾ پرکڻ ڏکيو مسئلو نه آهي.

راشد، هڪ سادو، سباجهو ۽ صوفي منش گوناڻو ۽ ٻين جو هڏ ڏوکي شاعر آهي. ذاتي طرح به هڪ نيڪ ۽ ڀلو ماڻهو آهي، ان ڪري ٻين لاءِ پڻ نيڪيءَ ۽ ڀلمانسيءَ جا جذبا رکي ٿو. هن پنهنجيءَ توڙي عام ماڻهن جي زندگيءَ کي گهرائيءَ ۽ ويجهائيءَ کان ڏٺو آهي، ان ڪري هڪ شاعر جي حيثيت ۾ زندگيءَ ۾ سونهن ڀرڻ جو جذبو هن جي دل ۾ سدائين موجود رهيو آهي. هن پنهنجي شاعريءَ کي پڻ اِن پس منظر ۾ سرجيو آهي ته زندگيءَ ۾ سونهن ڪيئن ڀرجي. هن جيترو پنهنجي داخلي زندگيءَ ۽ جذبن کي شاعريءَ ۾ پرٽايو آهي، ان کان وڌيڪ خارجي زندگيءَ ۾ مشاهدن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ سمايو آهي. راشد جي شاعري، شمشيرالحيدريءَ چواڻي "موجوده سنڌي شاعريءَ وانگر داخلي- خارجي ميل جو نمونو آهي. "ڀاڻ-پرک ۽ جڳ-پرک، راشد جي شاعريءَ جو مرڪزي نقطو آهي. راشد جي اک، هڪ پارکو شاعر جي اها روشن اک آهي، جيڪا وقت کان اڳ جاڳي ٿي ۽ زندگيءَ ۽ سماج ۾ ٿيندڙ واقعن ۽ ڪردارن کي اصل روپ ۾ ڏسي ٿي. راشد جي شاعريءَ مان سماجي زندگيءَ جي عڪس سان گڏ ان زندگيءَ جي مقصد جو ڏس ملي ٿو. سماج ۾ رهندي، هن جي شاعراڻي اک، جيڪي ڪلور ۽ انساني درد ۽ پيڙا جون تصويرون ڏسي ٿي، ان جو احساس ٻين کي به ڏياري ٿو. ٻين کي به ٻڌائي ٿو ته عام ماڻهوءَ تي سماج ۽ ان جا ٺيڪيدار، مذهب، رسمن ريتن، نظرين، ڇڱمڙسيءَ ۽ ٻين ٻنڌڻن جي نالي ۾ ڪهڙا ڪهڙا ظلم ڪن ٿا، ۽ انهن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو ۽ ڪيئن ضروري آهي؟

راشد جي شاعري، بي مقصد نه آهي، پر مقصد سان ڀرپور آهي. راشد رڳو چپر ۾ چڙهيون، ڪونه ٿو هڻي، پر هڪ مقرر مقصد ۽ واٽ تي هلي ٿو، جا سچ ۽ سونهن جي ماڳ ڏانهن وڃي ٿي. سندس مقصد، معاشري، قوم ۽ ڌرتيءَ جي ڀلائيءَ سان واڳيل آهي. ان مقصد لاءِ نه رڳو ڏس ڏئي ٿو، پر راشد جو عملي ڪردار پڻ ان جو واضح ثبوت آهي.

راشد جي شاعري، لفظن جي هيرا ڦيريءَ ۽ خيالن جي ورجاءَ واري نه آهي، جيئن اڄڪلهه جي ڪيترن شاعرن جي شاعري ائين محسوس ڪئي وڃي ٿي. هن وٽ خيالن جي نواڻ ۽ موضوعن جي جهجهائي آهي. سندس شاعري بينل ڀاڻيءَ جو دٻو نه پر مست سنڌوءَ جو وهڪرو آهي. سندس شاعريءَ جي لفظ لفظ ۾ روح ۽ جان آهي. لفظن ۾ جان وجهڻ، هڪ پختي شاعر جو ئي ڪمال آهي.

راشد، 1957ع کان شاعري ڪري پيو. سندس سموري شاعريءَ جي ڳوڙهي اڀياس مان معلوم ٿيندو ته ڪيئن نه حالتن جي ارتقا سان گڏ سندس شاعري پڻ ارتقا ڪندي رهي آهي.

راشد جيئن ته مذهبي (سيد) گهراڻي ۾ جنم ورتو آهي، ۽ سندس ڏاڏو نورشاهه توڙي والد سعيد علي شاهه خادم پڻ شاعر هئا، جن جي شاعري، مذهب ۽ مجاز جو ميل هئي، ان ڪري جڏهن 1957ع ۾ راشد شاعري شروع ڪئي ته اباڻي ورثي موجب سندس شعر تي مذهبي اثر غالب رهيو. ان وقت طرحي مشاعرن ۽ ”بزم صابر“ جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ ڪري، سندس شاعريءَ، زماني سازيءَ ۽ مجازي شاعريءَ طرف موڙ ڪاڌو. هن جي ابتدائي شاعريءَ مان مذهبي رنگ ۽ حضرت عشق جي تذڪري جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

چاڙهي چڙهي مجازي، حاصل ڪيم حقيقت،
هئي اڳ ۾ بت پرستي، پائي آ حق پرستي،
حق هر جا آهه شهود، جوئي عبد، اهو معبود!
راشد ٻيو موجود نه آ، حق موجود آ، حق موجود!

---

دڪان دل جي ۾ دردن جو ثمر ڪافي آ،
ڪو خريدار هجي، ڏيانس، وڪر ڪافي آ.

---

راشد، 1962ع کا ماستري ڪري رهيو آهي، اِن سلسلي ۾ گهر کان ٻاهر رهڻ ڪري، عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ کي ويجهي کان ڏسڻ جو ڪيس موقعو مليو. ان زماني ۾ هن جي شاعريءَ، مذهبي رنگ ۽ ”فڪر يار“ کان ٿورو ٻاهر نڪري، عام زندگيءَ جو معائنو ڪيو. هن کي عام سنڌي ماڻهو، وڏيرڪي ۽ پيرڪي سماج ۾ قاتل نظر آيو. هن ڏٺو ته پورهيو هڪڙي ڌر ڪري ٿي ۽ ان پورهيي جو ڦل، ٻيا ڳاڻ ڳڻيا ماڻهو کائي ٿا وڃن.اِن ڏاڍ جي نظام، هن جي ذهن ۾ بغاوت پيدا ڪئي، ۽ هن جي شاعريءَ عوامي شاعريءَ طرف موڙ ڪاڌو. 67 ـ 1966ع وارو زمانو ايوبي آمريت ۽ ون يونٽ خلاف عوامي اُڀار جو دور هو. 4 مارچ 1967ع واري واقعي سنڌ ۾ سجاڳيءَ جي تحريڪ کي نوان لاٽا ڏنا. راشد جي سوچ جيئن ته عوامي رنگ ۾ رنگجي چڪي هئي. ان ڪري هن جي شاعري، آسانيءَ سان قومي سوچ سان هم آهنگ ٿي وئي. ان دور جا ڪجهه مثال ٻڌو:

هيءَ ڳاڙهي ماڙي رئيسن جي ۽ سائي جيپ وڏيرن جي،
مان باغي هان سو باهه ڏئي ٿو ڪريان سڄ لٽيرن جي،
هت ٻن ڏينهن کان ٻار بکيا، هت توڪي تياري نيرن جي،
اڄ دنيا ڏسندي ڪيئن ٿيندي آ، جهڙپ ٻڪايل شيرن جي
مان باغي هان، مان باغي هان!

اپيل آ نوجوان کي ۽ سنڌ جي پاسبان کي،
وري چوريو زبانن کي، ڏڪايو آسمانن کي،
پڇــايو بدگــمانــن کي، رهايو رازدانن کي.
تہ جيئي سنڌ، تہ جيئي سنڌ!

موجوده دور ۾ راشد جي شاعري پراڻن ماپن، جذباتي ۽ هنگامي اظهار کان وک وڌائي، فني پختگيءَ نواڻ ۽ حقيقت جي ويجهو پهچي چڪي آهي. راشد جي هن دور ۾ فني اوسر ايتري تہ تيز رفتاريءَ سان ٿي، جو سندس شمار هن وقت سنڌ جي جديد شاعرن جي سٽ ۾ ٿئي ٿو.

مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي تہ راشد جي شاعريءَ جو مرڪزي نقطو، ”ٻين لاءِ جيئڻ“ پئي رهيو آهي. هن جي سوچ، سنڌ ۽ سنڌي قوم سان سلهاڙيل پئي رهي آهي. هو پنهنجي جيوت کي وطن ۽ قوم کان جدا تصور ئي نہ ٿو ڪري. ضمير جي خوشي، قوم جي خوشيءَ ۽ ڀلي لاءِ سوچڻ ۾ لڪل آهي. ان موضوع تي سندس هيٺيون نظم بهترين آهي.

جڏهن بہ سوچيم تہ قوم لئہ لڪان تہ ڇو لڪان؟
۽ باهہ ۾ ٻين جي ڀاڻ کي وڄهان تہ ڇو وڄهان،
رڳو نہ مون تي ٻار آ، جي سچ چوان تہ ڇو چوان،
جڏهن بہ سوچيم، مصيبتون سهان تہ ڇو سهان؟
تہ ذهن ۾ سيون لڳيون، ضمير ڇهنڊڙيون هنيون!

---

جڏهن ٻه سوچيم ته آءٌ ڇو ڪيان ۽ ڇا ڪيان،
جي قوم آهه بيوفا ته مان ٻه ڇو وفا ڪيان،
غريب پاڻ، پاڻهئي پيدا نه ڪربلا ڪريان،
ڇيم ته ڪنڌ ۾ رهي، رڳو خدا خدا ڪريان!
ته ذهن ۾ سيون لڳيون، ضمير ڇهنڊڙيون هنيون!

---

۽ جڏهن سوچيم: ٻين جي لاءِ مصيبتون سهان،
پلي ته مان سڙان،پچان، ٻين کي سک ڏئي سگهان،
پلي ته سر وڃي سندم، پلي ته آءٌ دم ڏيان،
ٻيو اڇي نه ڪو ته مان ئي راشدا اچان،
ته ذهن جڻ ٺڙي پيو، ضمير واهه واهه ڪئي!

راشد، سونهن ۽ سچ جو تذڪرو، پنهنجي شعر جو موضوع بنايو آهي ۽ خوب نڀايو آهي:

سونهن تي سچ جي ٿيا سڀ سوچ جا دفتر ختم،
پيار ان ۾ ٿي ويا ڪئين پير، پيغمبر ختم!
سونهن تي تنهنجيءَ سيئي تشبيهه جا دفتر ڪُٺا،
عشق جن توسان ڪيو، سي دين،دنيا کان ڇٺا!

راشد، سونهن ۽ سچ ڇاکي ٿو سمجهي ۽ وٽس سونهن ۽ سچ ڪهڙي حيثيت رکن ٿا، ان جو جواب سندس شاعريءَ مان ئي ملي ٿو. راشد ڌرتيءَ جي سونهن کي ئي سچ ٿو سمجهي. هن جي سوچ، ڌرتيءَ (سچ) کي پنهنجو مرڪز بنايو آهي. هن سچ کي ڏٺو ۽ ان جي سونهن کي پسيو آهي. اِهوئي سبب آهي جو هن گل ۽ بلبل جي قصي ۽ حسين تصور کي نڪرائي، پنهنجي شعر کي ڌرتيءَ جي محبت سان واڳيو آهي:

گل ۽ بلبل جي قصي تي پاڻ ڇو جهومي اٿون،
دانهن جي ڌرتيءَ جي هوندي، شعر تي وهوا ڪبي!

اجا آ ساهه جان ۾، اجا نظر نشان ۾،
۽ تير آ ڪمان ۾،اي سنڌ تنهنجي شان ۾،
نہ ڳالهہ بد سڻي اٿم، اجا تہ زندگي اٿم!

راشد سمجهي ٿو تہ ڌرتيءَ جو آواز، سچ جو آواز آهي، ۽ ان تي وقت جي آمرن طرفان پهرا ۽ بندشون وڌيون وينديون. پر بندش جي ڪيس پرواه نہ آهي:

ساٽ سان اورڻ سورتي بندش،
ٻڙڪ ڪڍڻ ٻاڦور تي بندش،
هاري ۽ مزدور تي بندش،
ڪوڏر ۽ چنجور تي بندش،
نئين ٿهي، نئين تور تي بندش،
سرمد ۽ منصور تي بندش،
اڻ تيٽي آ، اڻ تيٽي آ !

---

ڪنهن دل جي ايوان تي بندش،
نظرن جي نيشان تي بندش،
شمعن ڪان پروان تي بندش،
پونئرن ڪان گلدان تي بندش،
مانجهي مرد مهان تي بندش،
”حب وطن ايمان“ تي بندش،
اڻ تيٽي آ، اڻ تيٽي آ !

•